# پيغام


مخدوم محمّد امين فهيم

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# پیغام

پیغام



مخدوم محمّد امین فہیم

# پيغام

(شاعري)

مخدوم محمّد امين "فهيم"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2016ع

پيغام

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون — سال 1990ع — تعداد 2000

چاپو ٻيو — سال 2016ع — تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

**قيمت: ٽي سؤ پنجهٺ رپيا**

**(Price: 365-00)**

خريداري لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب ميسرز سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ، مان الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پيغام

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


تحرير خاص — مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ

پنهنجي طرفان — مخدوم محمّد امين فهيم

ڇپائيندڙ پاران — الهڏتو وگهيو

مهاڳ — محبوب سروري

1۔ سوانح حيات

2۔ فني جائزو

**نعت** ........................................................................ ۱

محمدؐ تنهنجي مي جو مان تيس مئخوار بسم الله.............................. ۳

سڄڻ آهيان سنڌءِ نوڪر انهي ۾ ڪوبہ شڪ ناهي........................ ۴

**غزل** ........................................................................ ۷

آرزو بيڪار تي.................................................................. ۹

آ سڄڻ سائين فقط تنهنجو رهيو تم آسرو.................................. ۱۰

آ سنڌءِ انتظار ڪافي آ.......................................................... ۱۲

آهيان اي يار دست بہ دامان ڪڏهن.......................................... ۱۴

آئون تنهنجي تار ۾ قاسي پيس.............................................. ۱۶

اڄ ڪجن سي جرم جن تي خوب جرمانا هجن............................ ۱۷

ايا ان جي اڳيان اي يار! ليلائڻ نٿو ڄاڻين.................................... ۱۹


پيغام

پيارءِ تنهنجو پيار! ڇا ڇئجي! ..... ۴۵
پلا سا ڪهڙي محفل جنهن ۾ هو رشڪ قمر ناهي ..... ۴۷
تعلّق آهي اهڙوئي نظر جو ناز وارن سان ..... ۴۸
تو تہ ڪنهن سان وفا نہ ڪئي آهي ..... ۵۰
تو ڪيو ايڏو ستم منهنجا مٺا ڇا جي ڪري ..... ۵۱
تون هر وقت منهنجي ئي دل ۾ رهين تو ..... ۵۲
ٿيندو رهيس پراٺو محبت ڪري ڪري ..... ۵۳
جدائي گهٽو آهي جيءَ کي جلايو ..... ۵۵
جڏهن دنيا سچي کان دور ٿياسين ..... ۵۷
جي پنهنجي واسطي بهتر خدا گهريو تہ ملنداسون ..... ۵۸
چڱو جو واعظِ بي پير نڪتو ..... ۵۹
ڇا عشق آهي شڪوه شڪايت جي واسطي ..... ۶۱
حاصل جڏهن بہ عشق جي منزل ڪئي اٿئون ..... ۶۳
حضورِ يار ۾ هردم سرِ تسليم خم ٿي ويو ..... ۶۵
حڪمرانن کي ڏسي دست و گريبان عنقريب ..... ۶۶
خدا ڄاڻي تہ پورو هجر وارو غم ڪڏهن ٿيندو ..... ۶۹
خوش هجين يار سدا تنهن جي حياتيءَ جو خير ..... ۷۰
داغِ دل داغِ جگر ..... ۷۱
دلبر جي در کان بهتر بيو در نظر نہ آيو ..... ۷۲
دلربا! تنهنجو رهي ٿو انتظار ..... ۷۴

پيغام

| | |
|---|---|
| دل ڪي عاشق تون بيقرار نہ ڪر.............................. | ۷۵ |
| دل ڪي دلبر جو گهر ڪري ورتم.............................. | ۷۶ |
| دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم.............................. | ۷۸ |
| ڏيڻ دل آهي آسان پر ونڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.............................. | ۷۹ |
| راحتِ جسم و جان راحتِ زندگي تنهنجو مرڪي ملڻ جانِ فزا جانِ فزا.... | ۸۰ |
| رڳو ساقي! تون هل مون ساڻ، ميخانا ليي پوندا.............................. | ۸۲ |
| زماني ڪي اهو منظور ٿي پيو.............................. | ۸۴ |
| زماني ۾ پيدا ٿيڻ مان وريو ڇا.............................. | ۸۵ |
| زمين خاموش ۽ خود آسمان خاموش آهي.............................. | ۸۶ |
| سڄڻ توسان دلڙي ملائي ڇڪس.............................. | ۸۷ |
| سڄڻ ڪي ڏنم ۽ قمر ياد آيو.............................. | ۸۸ |
| سنگِ در تي گذارڻو آهي.............................. | ۹۰ |
| سگهو دل جا دلبر! دلارا! تون آ.............................. | ۹۲ |
| سوچي الاهي دل ۾ هو ڇا ڇا اچي پيو.............................. | ۹۳ |
| عشق جا ٻارڻ ٻريا ڪي هِنَ طرف ڪي هُنَ طرف.............................. | ۹۴ |
| فقط مون سان ملڻ آيو هوا ڄ دلبر، قمر بنجي.............................. | ۹۶ |
| قتل گهہ ۾ تا ڪسن بيوس مسافر رات ڏينهن.............................. | ۹۷ |
| ڪرين ڇو تو سهٽا ستائڻ جي ڪوشش.............................. | ۹۸ |
| ڪمندِ زلفِ دوتا جي گلا وري نہ ڪبي.............................. | ۱۰۰ |
| ڪنهن سان هر روز پيار ڪير ڪري.............................. | ۱۰۱ |


پيغام

ڪيڏو نہ لطف آهي شبِ انتظار ۾............................ ۱۰۳
ڪين تون پنهنجي جفائن جي ڪرين ٿو ڪار بس............... ۱۰۵
گلن سان گڏ رهڻ جي لاءِ مون کي خار ٿيڻو پيو.................. ۱۰۷
گهڻو دلبر لڪئين ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو.................. ۱۰۹
محبت جي عوض ڪنهن وٽ محبت ڪانہ ٿي ڏسجي.................. ۱۱۱
محبت سندم مه جبينن کان پڇجو.................................... ۱۱۳
محبت سنڌءِ تي وڏائي اٿم........................................ ۱۱۴
محبت کي دل ۾ وسائڻ نہ آيو........................................ ۱۱۶
محبوب بنا هي روشن راتيون، چنڊ ۽ تارا ڪين ڪپن................ ۱۱۷
محبوب گهٽئي ڏنو درد والم ڪجھ ياد اٿم ڪجھ وسري ويو........ ۱۱۹
محبوب من! هو تنهنجا اشارا ڪٿي رهيا.............................. ۱۲۱
محفل جو مير مرتبت اعليٰ اچي پيو.................................... ۱۲۳
مريضِ عشق جيڪر لادوا ٿي پيو تہ چا ٿي پيو........................ ۱۲۵
مون چيون جيڪي بہ ڪن ۾ يار کي................................ ۱۲۷
مون کان نہ ڪو آهي ڏوهہ ٿيو پر مست اکين مجبور ڪيو............ ۱۲۹
مون کي اچي تو جذبۂ اُلفت وري وري................................ ۱۳۰
مون گهٽئي راهون ڏنيون پر التجا پوري نہ ٿي........................ ۱۳۱
منهن جو رشڪِ ماهتاب............................................... ۱۳۳
منهنجو مسجود جنهن جو در آهي.................................... ۱۳۵
منهنجي تہ خوشي تو سوا منتن ۾ هلي وئي............................ ۱۳۷


پيغام

منهنجي قاسڻ لاءِ بنايئين دام خاص.................................. ١٣٨

نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو....................................... ١٣٩

نظرِ ويئي ستارن تي گمان ڪافي پري پهتو.............................. ١٤١

نگاهِ ناز سان دل آشنا وري بہ ڪبي...................................... ١٤٣

نہ بخشيو نيث دنيا جي رواجن............................................ ١٤٤

واه ڙي منهنجا منا! او دلربا! شاباس هجئي............................... ١٤٦

وچڙ بعد هر ڪنهن جون خوبيون تيون ڏسجن............................ ١٤٨

وچڙ ويلي روئي تنهن کي چيم دلبر خدا حافظ............................ ١٥٠

وري مون ڏي نگاهہ سرمہ سا ٽئي ها تہ بهتر هو............................ ١٥١

وعدو ڪجي تہ اهڙو ڪجي جنهن کي پارجي............................... ١٥٣

هڪ سنگدل سان پيار ڪيم هاءِ ڇا ڪيم.................................. ١٥٤

هوا اهڙي لڳي جنهن ڪونہ ڇڏيو گل زماني ۾............................ ١٥٦

ياخدا مون لاءِ هن کي ڪجهہ سچائي ڏين تہ ها............................ ١٥٧

يا مون کي علمبردار نہ ڪر يا منهنجو ڪوخالي وار نہ ڪر.............. ١٥٨

**قطعات**............................................................... ١٦١

اڄ وڃان تو مان سويءَ غيرتِ ماهہ....................................... ١٦٣

الاجي ڪهڙي سبب دلربا هو آه بہ لب.................................... ١٦٤

اي يار وفادار هجئي عيد مبارڪ......................................... ١٦٥

بيوفا سان جفا ڪڏهن نہ ڪجو............................................ ١٦٦

بيوفا سان وفا ڪندس آئون.............................................. ١٦٧


پيغام

بيقدر انسان ڪان پاسو ڪرڻ آهي چڱو.................... ١٦٨
تنهنجي قدمن جي خاڪ جو عاشق.................... ١٦٩
توسان اڄ همڪلام ٿيڻو هو.................... ١٧٠
جان هڪڙيءَ جي ناهي ڪا پرواهه.................... ١٧١
چڱو جو مون کي مليو درد پنهنجي دلبر جو.................... ١٧٢
خزان کي ڪنهن جي خوشين سان ڇا ۽ غمنَ سان ڇا.................... ١٧٣
خزان ۾ خوش ٿي بهارن جو انتظار ڪبو.................... ١٧٤
دردِ فرقت ڪيو بيحال خدا خير ڪري.................... ١٧٥
سنڌ جي خاڪ جو جواب نه آ.................... ١٧٦
صنم ته پهلو ۾ آهي تڏهن به اي همدم.................... ١٧٧
قصئہ غم کي آشڪار ڪبو.................... ١٧٨
ڪير ڪنهن جو نه ڪير ڪنهن جو آهه.................... ١٧٩
مديني ڏي جيڪر وڃان مان اُڏامي.................... ١٨٠
مون کان لڪائي ستارن کي ابر روئي ڏنو.................... ١٨١
مون کي تنهنجو غلام ٿيڻو هو.................... ١٨٢
ناز پرور آهي بيشڪ ناز باغ.................... ١٨٣
نظر اُداس بيقرار بيچيني.................... ١٨٤
نظر پهتي نظر تائين ته پيمانا به وسري ويا.................... ١٨٥
نيٺ دلبر ڪونه آئين.................... ١٨٦
هن جو مون سان پيار ٿي نه سگهيو.................... ١٨٧

**نظم** ........ ۱۸۹

اي وطن ........ ۱۹۱

جام ڀر ساقيا! ........ ۱۹۴

محبّت جي محفل ........ ۱۹٦

نئون سال ........ ۱۹۹

شانِ وطن ........ ۲۰۳

**ڪافيون** ........ ۲۰۵

باغن ۾ بهارن ۾ توريءَ نہ سري سهڻا ........ ۲۰۷

تنهنجا ڀاڳ خدا ڪيا ڀلارا ........ ۲۰۸

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس ........ ۲۱۰

تنهنجي ياد ستائي موٽ تون واڳ ورائي ........ ۲۱۱

توکان جدا دلربا ڳڻتي ڳاريو ڳاري ........ ۲۱۲

تڪيءَ تي ڪنهن توري ........ ۲۱۳

جڏهن جند وري شال جانب جياري ........ ۲۱۴

چئج صبا سڄڻن کي ڪا هاڻي تہ لهجو سار ........ ۲۱٦

خطادار آهيان خطادار آهيان ........ ۲۱۷

ڇو ڇڏي وئين ڇني ناز وارا ........ ۲۱۸

دل ڦري وئين هليو ڇو پيارا ........ ۲۲۰

رَندن تي روز شب رويءِ رڙي ورکي ورائيندس ........ ۲۲۲

رويو تنهنجون مان راهون نهاريان ........ ۲۲۴

سج لٿي تائين ڏنم پي يار تنهنجي راھ کي ...... ۲۲۵

سدا يار پيارا توکي ساھ تو ساري ...... ۲۲۶

سو سهڻو سدا دل ساري ...... ۲۲۷

سهڻا سانگ ڪري ويڙا پري ڪڏهن وري موٽ سي ملندا ...... ۲۲۸

عشق اڙانگو آهي رس ڪاهي ڪاهي، مردِ ميدان ۾ ...... ۲۲۹

عشق اکين ۾ ڳوڙها سمايا ...... ۲۳۰

عشق تئي آفت ادا ...... ۲۳۱

ڪنهن جي ڪانہ ٿي هيءَ دنيا فاني ...... ۲۳۳

ڪهڙي سبب مون کي وينئين وساري ...... ۲۳۴

گڏ ڪا گهڙي گهار وڃارا وڃ نہ وليءَ کي وَر تون وساري ...... ۲۳۵

گلڙن لاتي آ گلزاري ...... ۲۳۶

ماه رو منئار سان ...... ۲۳۷

منڙا - او - جا مون توسان گهاري ...... ۲۳۹

مڙئي اٿئي اختيار مشتاقن کي ماري سگهين تو ...... ۲۴۰

محب منا مهلقا تنهنجي ياد ستائي ...... ۲۴۱

منهنجا دلبر منا رھ نہ مون کان جدا ...... ۲۴۲

منهنجي تہ دل جو آهين دلدار سهڻا سائين ...... ۲۴۳

موٽ مسافر اکڙيون اُڃايون ...... ۲۴۴

نهاريان تو هر وقت تنهنجي گسن ۾ ...... ۲۴۵

ويئي وهامي رات ستارا گُم ٿي ويا ...... ۲۴۶


پيغام

هنئي دل جي بازي اٿم بيوفا سان.......... ۲۴۷

**بيتَ**.......... ۲۴۹

ڪوجها ڪنڙا قياس جهڙا.......... ۲۵۱

سڄن سان پساهہ ڪي وک ڪان ويجهو تون.......... ۲۵۱

حاڪم تنهنجي حڪم سان محبّت من رهي.......... ۲۵۲

دنيا پنهنجي ڏن تي محبّت منهنجي من.......... ۲۵۲

نرمل نوح فرقي ڪيئي ڪرم ڪيا.......... ۲۵۲

ڪلن خوش ٿي خير سان شل سڄڻ سونهارا.......... ۲۵۳

سڄڻ خوش ٿين مولا پنهنجي مهر ڪر.......... ۲۵۴

پرديسان پنڌ ڪري ويندس پنهنجي ڏيهہ ڏي.......... ۲۵۴

ربّ بہ راضي تن مان جن ڪي آهي جمال.......... ۲۵۵

صبا چئج سڄڻ ڪي ساري سَوَ سلام.......... ۲۵۶

صبا چئج سڄڻ ڪي سنيها ساري.......... ۲۵۷

صبا چئج سڄڻ ڪي تنهنجي لڳي تار.......... ۲۵۸

بهاريون بيسود ٿيون دلبر توڪان ڏار.......... ۲۵۹

**متفرقات**.......... ۲۶۱

مناجات [غزل].......... ۲۶۳

مناجات [نظم].......... ۲۶۵

خط [مثنوي].......... ۲۶۷

فردَ.......... ۲۷۰


پيغام

| | |
|---|---|
| هوا سان خطاب | ٢٧٦ |
| مشترڪ غزل | ٢٧٨ |
| سهرا | ٢٨١ |
| **ضميمو** — مخدوم محمّد امين فهيم | ٢٨٥ |
| **انڊيڪس** — ڊاڪٽر محمّد پٺاڻ | ٣٠٥ |

پیغام

## تحرير خاص

مخدوم امين فهيم منهنجو وڏو فرزند جنهن تي منهنجي پڙڏاڏي مرحوم مخدوم امين محمّد صاحب "امين" جو نالو رکيل آهي تنهنڪري اسين ۽ سروري جماعت توڙي اسان جا راڄ کيس "ڏاڏا سائين" ڪري چوندا آهيون. مگر ٻاهرين دنيا ۾ پاڻ مخدوم امين فهيم جي نالي سان سڃاتو آهي. کيس بہ پنهنجي خانداني ورثي ۾ شاعري ملي آهي يعني مخدوم نوح سرور عليه الرحمة شاعر هئا. سندن پوٽو لاکو لطف الله بہ شاعر هو. ڳنانِ پوءِ بہ سروري خاندان ۾ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا. جن مان ڪن جو احوال مون پنهنجي تصنيف "يادِ رفتگان" ۾ ڏنو آهي.

مخدوم امين محمد صاحب "امين"، ١٢ سجّاده نشين پنهنجي همعصرن ۾ سٺو شاعر هو. وري مخدوم مرحوم غلام محمد. ١٥ سجّاده نشين بہ شاعر هئا ۽ تخلص "مغموم" هون. اهڙي طرح آئون (طالب المولیٰ) ١٦ سجّاده نشين بہ پنهنجي وقت جي سٺن شاعرن مان هڪ شاعر آهيان. امين فهيم بہ پنهنجي هڪ جيڏن شاعرن ۾ سٺو شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ جديد ۽ قديم شاعريءَ جو رنگ موجود آهي. جو پڙهندڙن کي

نهايت محظوظ ڪندو. پاڻ اڪثر غزل ئي لکيو اٿس ۽ بهترين لکيو اٿس.

مون کي هن ڳالهه تي خوشيءَ سان ڳڻ فخر به حاصل آهي ته پنهنجي وڏي فرزند امين فهيم جي ڪلام جي مجموعي "پيغام" تي ڪجهه لکيو اٿم. دعا ٿو ڪريان ته "الله ڪري زورِ قلم خوب و زياده".

**طالب المولىٰ**
٥ جمادي الاول ١٤١١ھ
٤ ڊسمبر ١٩٩٠ع اڱارو
هالا

## مصنف طرفان

منهنجي شاعريءَ جي ابتدا هالن ۾ ٿي. هالن جو ماحول ۽ خاندان جي ادب ۽ شعر سان رغبت جي ڪري ۽ خاص طرح سان قبلھ والد صاحب جن جي شاعري ۽ ادبي محفلن جي ڪري اٿندي ئي انهيءَ طرف ذهن جو جهڪاءُ ٿيڻ لڳو.

اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهائيءَ جي دوران اڪثر ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ وڃڻ جو موقعو ملندو هو ۽ مختلف شعراء جو ڪلام آهستہ آهستہ سمجهہ ۾ اچڻ لڳو ۽ پوءِ پاڻ بہ شاعري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن دل چاهيندي هئي.

هڪ ڀيرو هالن ۾ هم عمر ۽ هم خيال دوستن سان ويٺا هئاسون تہ اهو فيصلو ٿيو تہ اچو تہ شاعري ڪريون. اسان ۾ سينيئر شاعر محبوب سروري هو، جنهن هڪ مصرع طرح ڏني. انهي تي اسان سڀني لکڻ شروع ڪيو جنهن ۾ علي احمد شاهہ، امير علي شاهہ، خورشيد شاهہ، محبوب صاحب ۽ آئون شريڪ هئاسون شايد ڪو ٻيو دوست بہ هجي ۽ اڳتي هلي نالو ذهن ۾ اچي وڃي. اهڙي طرح منهنجي شعر و شاعري جو سلسلو جاري رهيو. مختلف وقتن تي ڪڏهن ڪا مصرع طرح رکي ان تي في البديهہ غزل لکندا هئاسين تہ ڪڏهن وري مصرع طرح رکي باقاعده مشاعرو ڪندا هئاسين، ان وقت اسان جي حلقي ۾ بهتر شاعر محبوب سروري هو، ابتدا ۾ آئون محبوب کي ضروري اصلاح لاءِ پنهنجو ڪلام ڏيکاريندو هئس. آهستي آهستي ڳالهہ سائين وڏن تائين پهتي تہ مون شاعري شروع ڪئي آهي ۽ منهنجو حلقہ احباب هي (اڳ ڄاڻايل) آهي، آئون سمجهان ٿو تہ ١٩٥٤ع جي گرمين

واري موسم ۾ سائينِ وڏا مون کي پاڻ سان گڏ ڪوئٽا وٺي هليا. اتي ذڪر نڪتو تہ آئون شاعري ڪريان ٿو، مون عرض ڪيو تہ "سائينِ جن مون کي باقاعده استادي ڏين" پاڻ مهرباني ڪري اها گذارش قبول ڪيئون ۽ منهنجي شاعريءَ جي باقاعدي اصلاح ٿيڻ شروع ٿي وئي. ڪوئيٽا (بولان هوٽل) ۾ ئي سائينِ وڏن مون کي هڪڙي مصرع طرح "يا الاهي ڪر عطا لطف و ڪرم" ڏني ۽ فرمايائون تہ "هن تي غزل لکو!" مون لاءِ وڏي پريشانيءَ جو باعث ٿيو تہ لکان تہ ڇا لکان ۽ ڪيئن لکان؟! ڇا جي ڪري جو غزل لکي سائينءَ جن کي ڏيکارڻو هو ۽ اهو غزل عشقيہ لکڻ کان گهٻرايم پئي، آخرڪار هي غزل لکيم "دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم" پاڻ غزل ڏسڻ کان پوءِ همت افزائي ڪيئون ۽ بحرووزن وغيره جي سمجهاڻيءَ سان گڏو گڏ بہ چار اهم نڪتا پڻ سمجهايائون. مثلاً:

(۱) ڪلام ۾ ڪي بہ غير ضروري لفظ "يَرَ" وغيره زوريءَ ڪم نہ آڻجن.

(۲) شاعريءَ ۾ پاڻ کي مظلوم، بيمار، ضعيف ۽ بيوس وغيره نہ سڏجي بلڪ هميشہ حقيقت ۽ هر ڳالهہ جو خوشگوار رخ بيان ڪجي وغيره.

آئون پهرين"امين" تخلص طور استعمال ڪندو هئس، ليڪن بعد ۾ سائينِ وڏن تخلص "فهيم" تجويز فرمايو، انهيءَ کان پوءِ "امين فهيم" ادبي نالو ٿيو.

**۱۹۵۵**ع ۾ اسان (امين فهيم، علي بهادر "عڪس"، علي احمد شاهہ "ساقي"، امير علي شاهہ "امير"، خورشيد شاهہ "ساغر"، مهر علي "تابع سروري" وغيره) گڏجي "بزمِ امين" قائم ڪئي، ان جو آئين ٺاهي عمل ۾ آندو سين ۽ باقاعدي طرحي، غير طرحي ۽ في البديهہ مشاعرا ڪندا هئاسين، انهيءَ دور ۾ ادا علي بهادر عڪس بہ پوري شوق سان

شاعري ڪندو هو ۽ هر مشاعري ۾ حصو وٺندو هو. سندس ڪلام جو هڪڙو شعر بطور نمونو هتي ڏجي ٿو:

بيحال ”عڪس“ آهيان، ڪيئن مان اميدون لاهيان

تنهنجي دوا ٿو چاهيان، جاني! وجو جياري

اڄڪلهه علي بهادر عڪس، امير علي شاهه امير ۽ خورشيد شاهه ساغر شاعري ڪونه ڪن البت ساقي سروري ۽ تابع سروري اڃا به شعر و شاعري ڪن ٿا ۽ قبلا سائينءَ جن وٽ تقريباً هر مشاعري ۾ شريڪ هوندا آهن.

مون پنهنجي شاعريءَ ۾ غزل، قطعي، نظم، ڪافي ۽ ڏوهيڙن وغيره کان علاوه قومي جذبات وارا نظم به لکيا. ١٩٦٥ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، آل سنڌ قومي ترانه جو مشاعرو ڪرايو. جنهن ۾ سڄي سنڌ جي شاعرن حصو ورتو ۽ مون به هڪڙو نظم (اي وطن اي جانِ من) لکيو جيڪو منهنجي خيال مطابق بيحد سٺو نظم هو ۽ انهيءَ کي ڪهنه مشق شاعرن تمام گهڻو پسند ڪيو. اتفاق سان اهو نظم پهرين پوزيشن حاصل ڪري ويو ۽ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪمشنر جي اهليه بيگم نياز مون کي باقاعده پهريون انعام ڏنو. آئون نهايت خوش ٿيس، ان کان پوءِ چند مختلف شاعرن، خاص طرح سان هڪڙي دوست جنهن جو تعلق سکر سان آهي، انهيءَ سخت تنقيد ڪئي! چيو ويو ته ”مون اهو نظم پاڻ نه لکيو آهي، ڪنهن کان لکرايو آهي، طرفداري ڪئي ويئي آهي، ججن جو پئنل جيڪو هو سو طرفدار هو ۽ ٻين جو حق ماري مون کي غلط نموني سان پهريون انعام ڏنو ويو آهي.“ مون کي ان جو شديد

ڏک پهتو ۽ مون تي ان جو ايترو اثر ٿيو جو انهيءَ کان پوءِ قومي نظم، قومي غزل يا قومي جذبات تي ٻڌل ڪجهہ بہ لکڻ ڇڏي ڏنم.

هڪڙي دفعي ”جام ڏاتار“ تي سائينِ وڏن جي سالگره مبارڪ ملهائي وئي ۽ هڪ شاندار مشاعري جو پڻ اهتمام ڪيو ويو هو، انهيءَ وقت مون هيءَ ڪافي لکي ”تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس“ ۽ جرات اها ڪيم جو قبلا سائينِ کان اصلاح ڪرائڻ بغيرئي ڪافي مصري فقير کي ڏنم تہ محفل ۾ ڳائي، مشاعري دوران قبلا سائين، ميون محبوب علي، گرامي صاحب، اسد الله شاھہ، احسن الهاشمي، فقير سرشار عقيلي وغيره اسٽيج تي ويٺل هئا پر مشاعري ختم ٿيڻ تي قبلا سائينِ سان گڏ سامهون وچي ويٺا (مون لاءِ سائينِ حڪم ڏنو تہ آئون اسٽيج تي ئي ويٺو هجان) محفل شروع ٿي، جنهن مهل انهيءَ ڪافيءَ جو وارو آيو ۽ مصري فقير اها ڪافي ڳائڻ شروع ڪئي تہ ڪافي ڏاڍي لڳي، مون مٿان ڪري اسٽيج تان جائزو پئي ورتو تہ رد عمل ڇا آهي، ڏٺم تہ سائينءَ جن ڪافيءَ کي تمام گهڻو پسند پئي ڪيو ۽ محسوس ٿيو تہ ميون محبوب علي ۽ گرامي صاحب وغيره هڪ ٻئي ۾ چميگويون پيا ڪن تہ اهو ڪلام ڪنهن جو آهي، جڏهن ڪافي پوري ٿي ۽ نالي واري مصرع آئي تہ سائينءَ جن پڇيو تہ اهو ڪنهن جو ڪلام آهي؟ جڏهن معلوم ٿيو تہ اهو ڪلام منهنجو آهي تہ قبلا سائينءَ جن اسٽيج تي چڙهي آيا اچي منهنجي پيشانيءَ تي چمي ڏنائون ۽ فرمايائون ”بابا، واھہ جي ڪافي لکي اٿئي! اسان جو سڄو ڪلام وٺ ۽ اها ڪافي اسان کي ڏئي ڇڏ“: قبلا سائينِ طرفان ايڏي سَنَدَ ملڻ تي مون کي حد کان وڌيڪ خوشي ٿي.

پيغام

پاريھ

منهنجي ڪلام مان چند غزل، چند شعر يا چند قطعا منهنجي پسند جا آهن ۽ وٽندا اٿم انهن کي ورجائڻ ڪونہ ٿو چاهيان، سڄو ڪلام پڙهندڙ جي ذوق تي ڇڏڻ چاهيان ٿو.

شعروشاعريَ جو سلسلو اڃا بہ جارِي آهي، وقت ماحول ۽ صحبت جي لحاظ کان ڪڏهن غزل ڪڏهن قطعا ڪڏهن ڪافي ۽ ڪڏهن اردو شاعري بہ ڪئي اٿم. وقت سارُو اردو شاعري جدا شايع ڪبي، هن وقت جيڪي آهي سو حاضر آهي.

**امين فهيم**

ا_ فيبروري ١٩٩١ع

جمعو،

٨ - اَي لطيف آباد

پيغام

# پیغام

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي مانائتن علمي ۽ ادبي خاندانن مان هالا جو مشهور و معروف سروري خاندان بہ هڪ اهل دل، منصف مزاج، عالم، اديب، دانشور، مفڪر ۽ شاعر گهراڻو آهي. هِن گهراڻي جي عظيم شخصيت حضرت مخدوم سرور نوح شريعت، طريقت، علم و ادب جا ڄاڻو هئا، پاڻ قرآن مجيد جو فارسي زبان ۾ ترجمو سن ڏهين هجريءَ ۾ ڪيائون، جيڪو سنڌن هڪ وڏو ڪارنامو آهي.

سروري خاندان کي شاعري ورثي ۾ مليل آهي. سنڌن خاندان مان حضرت مخدوم امين محمد 'پڪن ڏني'''، حضرت مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ''' ۽ سنڌن فرزند قبلہ مخدوم محمد امين 'فهيم' جن کي بہ موروثي اثر مطابق شاعريءَ تي دسترس حاصل هئي. هاڻي موجوده دؤر ۾ قبلا سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن بہ پنهنجي بزرگن جي نقش قدم تي هلندي، علم و ادب کان علاوه پنهنجو پورو لاڙو شعر و شاعري ۽ تصنيف و تاليف سان رکندو اچي. سروري خاندان جي ديني، سياسي، سماجي، ادبي خدمتن ۽ ڪارنامن کي ٻن صفحن ۾ سهيڙڻ، "ڪوزي ۾ دريا بند ڪرڻ" جي مترادف ٿيندو.

هيءَ ڪتاب "پيغام" سروري خاندان جي ١٧هين سجّاده نشين حضرت مخدوم محمد امين 'فهيم''' جن جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. قبلہ مخدوم صاحب جن شاعريءَ ۽ علم و ادب ۾ پنهنجي سموري ڄاڻ کي انساني

روح جي فرض ۽ وطن جي ڀلي خاطر استعمال ڪندي پنهنجي وجود کي ڪارائتي هجڻ جو جواز فراهم ڪيو.

حضرت مخدوم محمد امين 'فهيم' رحہ هڪ سنجيده، بااصول، باوقار ۽ هر دلعزيز سياستدان هئا ۽ سندن شمار پاڪستان جي صفِ اول جي سياستدانن ۾ ٿيندو آهي. قبلہ مخدوم صاحب مصروف سياستدان هيو، پر جيئن تہ اسان جي هن محترم سياستدان کي شاعريءَ تي خاص مَلڪو حاصل هيو، جيڪو پنهنجي طبعي ۽ فطري عمل سان مصروف رهيو ۽ پاڻ هڪ بهترين شاعر جي حيثيت ۾ پنهنجي سوچ جا نقش چِٽي سنڌ ۽ سنڌ واسين کي ارپيا آهن.

هِن ڪتاب "پيغام" کي ڊسمبر ١٩٩٠ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو ويو، جنهن پڙهندڙن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. اِها منهنجي خوش قسمتي آهي، جو حضرت مخدوم محمد امين 'فهيم' رحہ جن جي هِن مجموعہ ڪلام "پيغام" جو ٻيو ڇاپو آئون پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڇاپي پڌرو ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو آهي.

اميد آهي تہ، اسان جي هِن پورهئي کي ادبي حلقن ۾ ساراهيو ويندو.

١١- محرم الحرام ١٤٣٨ھ
١٣- آڪٽوبر ٢٠١٦ع

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

## مُهاڳ

# سوانح حيات

منڍي مهراڻ جي پاڻيءَ، اسلام جي روحاني آبياريءَ سان، سرزمين سنڌ تي اهي عظيم الشان ذهن ۽ عالي مرتبت شخصيتون پيدا ٿيون.جن دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. علم و فضل جي هاڪ ۽ روحانيت جي ڌاڪ باعث دنيا جي عالمن، سياحن، محققن، بزرگن، درويشن، قلندر ۽ فقيرن سنڌ ڏانهن منهن ڪيو ”اهي سنڌ ۾ آيا، سنڌي ٿي ويا ۽ وري واپس نہ وريا.“ سندن هزارين مزارون ۽ مقبرا سنڌ جي سيني تي يادگار آهن.

سنڌ درويشن جو ديس ۽ الله وارن جو گهر آهي. سنڌ باشريعت بزرگن، غيور غازين، دلير دودن، تحريڪن جي اڳواڻن، علم و ادب جي سرواڻن، شهره آفاق شاعر، مڻيادار مجاهدن ۽ سام جهليندڙ سورهين جي سرزمين آهي. سنڌ سدائين روحاني، اقتصادي ۽ معاشي لحاظ کان سائي ستابي رهي آهي. هر دور ۾ عالمن ۽ فاضلن روحاني رهبرن ۽ بزرگن جي آستانن سان سنڌو دريا جا ٻئي ڪنارا آباد رهيا آهن.

انهن مشهور عالم بزرگ هستين مان ، سنڌو دريا جي مشرقي ڪناري تي سنڌ جي دل ”هالا“ شهر ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور جي درگاهہ آهي. هي اهو باشريعت بزرگ آهي. جنهن پنهنجي سموري

پيغام

زندگي قرآن ۽ سنت مطابق مڪمل پابنديءَ سان گذاري. سندن روحاني شمع جي شعاعن سان سنڌ جو ذرو ذرو منور ٿي ويو. حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور اهو بزرگ آهي، جنهن سڀ کان پهرين قرآن مجيد جو ترجمو ۽ تفسير فارسي زبان ۾ زيبِ قلم ڪيو. سندس شجرو مٿي مرسل حضور اڪرم ﷺ جي خليفہ اول سيدنا حضرت ابوبڪر صديق سان ملي ٿو. حضرت مخدوم نوح سرور اويسي طريقي جو عاشقِ رسول ﷺ بزرگ هو. وڏي پابنديءَ سان راهِ رسول ﷺ تي قدم بقدم عمل پيرا رهڻ سبب سندس لقب "سرور" مشهور ٿي ويو ۽ "سرور نوح فقير" جي بامقصد نالي سان سنڌ هِند جي لکين صالح ۽ صادق الله بندن جي سيني جو سُرُور بڻيو. سندس ئي دور ۾ سروري جماعت جي فقراءَ جو تعداد نو لک ٿي ويو هو، جنهنڪري هن گاديءَ کي "نو لکي گودڙي" سڏيو ويو. سندس وفات جو سال "فيض- حق" مان (۹۹۸ھ) ملي ٿو.

## مخدوم امين محمّد اوّل

حضرت مخدوم نوح جو پهريون سجّاده نشين به "مخدوم امين محمّد" هو. جو پنهنجي بزرگ والد وانگر شريعت جو پابند هو. "حلال ۽ صدق مقال" جو پاڻ به عامل هو ۽ ٻين کي به تاڪيد ڪندو هو. سندس ولادت ۵ ربيع الاول ۹۵۲ هجريءَ ۾ (جڏهن حضرت مخدوم نوح جي عمر ۴۱ سال هئي) ٿي.

۹۹۸ هجريءَ ۾ حضرت مخدوم نوحؒ جي وفات بعد سجاد نشين ٿيو. سندس عمر انهيءَ وقت ۴۲ سال هئي. ۷ شعبان المعظم ۱۰۱۵هجريءَ ۾ ٦٣ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس سال وفات "شرف الابرار" مان ملي ٿو.

# مخدوم امين محمّد ثالث رحه

”مخدوم امين محمّد ثالث هن صديقي قريشي خاندان جو اهو بزرگ آهي جنهن جي شخصيت ۾، فقرو درويشي سان گڏ شعر ۽ شاعري بہ بدرجہ ڪمال موجود آهي. سندس سارو ڪلام سوز ساز، نياز ۽ گداز جو شارح آهي. سندس ڪلام تصوف جي دقائق ۽ حقائق جو شاهڪار آهي. ان سان گڏ حقيقت ۽ مجاز جو آئينہ دار آهي. سندس فيوضِ باطنيہ مان جتي ڪيئي اهل نظر ۽ اهل بصيرت پيدا ٿيا. اتي ڪيئي سندس صحبت يافتہ شاعر ۽ سخن سنج بدايع گو ۽ بديع الڪلام پڻ اسريا، جن ”سروري جماعت“ ۾ فقر ۽ محبت جي اها جوت جلائي آهي جنهن جي چنگاري اڄ بہ سروري جماعت جي دلين ۾ درد جو دود دکايو ٿي اچي.“

(”ڪليات امين“ پروفيسر محبوب علي چنہ)

”هو وڏو سخي ۽ دريا دل مرد هو، سنڌي شاعري ۾ تمام ڪمال هوس، سندس شاعري جي سيني اصنافن ۾ سندس شعر موجود آهي. ڏوهيڙا، ڪافيون ۽ غزل وغيره پنهنجا يادگار ڇڏيا اٿس.“

(”تذڪرہ مشاهيرِ سنڌ جلد ٻيو مولانا دين محمّد وفائي)

”امين محمد“ سائين عرف ”پکن ڌڻي“ الاهي اسرارن جو عارف- الستي ڪتب جو بحر مواج فيوضات يزدانيہ جو شارح ۽ ترجمان آهي.

(سُرها گل- علامہ دائود پوٽو)

مخدوم امين محمد ”پکن ڌڻي“ جي ولادت ۷ شعبان ۱۲۵۴ هجري مطابق ۲۶ آڪٽوبر ۱۸۳۸ع تي ٿي ۽ سندس وفات ۲۷ رمضان ۱۳۰۳ هجري مطابق ۲۹ جون ۱۸۸۶ع ۾ ٿي سندس وفات تي ڪيترن

همعصر بزرگن ۽ شاعرن قطع تاريخ لکيا جن مان چند هي آهن:

(۱) مخدوم ابراهيم نقشبندي : بَخُلداست جائي محمّد امين
۱۳۰۳ هجري

(۲) عبداللطيف ٺٽوي: محمّد امين گشتۃ و اصل برب
۱۳۰۳ هجري

(۳) مفتي سعد الله هالائي: شهنشاه جنّت محمّد امين

انهيءَ بزرگ سرور نوح فقير رحہ جو سورهون (۱۶) سجّاده نشين اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ" سائينءَ جن آهن. جن جي تفصيلي سوانح حيات، ڪتاب يار خاطر، جنب گذاريم جن سين، مهراڻ جا موتي، ڇپر ۾ ڇڙيون، ڪچڪول، سماهي مهراڻ جو شاعر نمبر ۽ سوانح حيات نمبر، ديوانِ طالب المولیٰ، سروري خاندان جون علمي ادبي خدمتون وغيره ڪتابن ۾ قارئين پڙهي سگهن ٿا. هتي سندن سوانح حيات جو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

حضرت طالب المولیٰ سائين اها مشهور زمانہ ۽ تاريخ ساز شخصيت آهي. جنهن جي سرزمين سنڌ سان سڪ ۽ سچائي، تحريڪ پاڪستان ۽ قيام پاڪستان لاءِ قربانيون، سنڌي ادب ۽ ثقافت لاءِ سندن ڪاوشون ۽ ڪوششون، علمي ادبي تحريڪون، تنظيمون، بزمون، تقريرون، تحريرون، ايتريون انيڪ ۽ اهم آهن جن جو پنهنجن خواه پراون سيني کي اعتراف آهي.

سنڌ جو بزرگ سياستدان سائين جي ايم سيد لکي ٿو تہ "مخدوم صاحب جي سنڌي ادب ۽ ثقافت کي زنده رکڻ جي ڪوشش اهم درجو رکي ٿي. سنڌي ڪلچر، اتحاد انساني، امنِ عالم جو پيغامبر آهي.

سنڌ جا درويش ۽ بزرگ انهيءَ پيغام جا حامل هئا. خدا کيس عمرِ دراز بخشي ۽ ڪانئس سنڌي ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪرائيندو رهي.“
(جنب گذاريم جن سين جلد پيو صفحہ ۲۴۷)

اها محبوب ۽ جامع صفات شخصيت جنهن جا مريد ۽ معتقد، دوست ۽ احباب پوري هند و پاڪ ۾ پکڙيل آهن. جنهن کي دين ۽ دنيا جون سڀئي نعمتون ميسر آهن. تنهن هوندي بہ سندن طبيعت ۾ ڪنهن بہ قسم جي، ڪنهن بہ وقت وڏائي نظر نہ ايندي! پاڻ فرمائي ٿو:

باوجود ان جي خاڪسار آهيان،
سر تي دستار سروري آهي.

*

مان تہ ڪجهہ ئي نہ آهيان اي دوست!
مون سان ڪنهن جي نہ همسري آهي.

پاڻ نهايت حليم طبع، رحمدل، عفو درگذر ڪندڙ، صابر شاڪر، قانع، سخي، ساده لباس، خوش خلق، خوش مزاج، سدا بهار طبيعت، نيڪ نيت، پاڪ طينت، مساوات جا مجسمہ ۽ دشمن نواز شخص آهن. ”هٿان حبيبن، ڪڏهن ڪو نہ ڏکوئيو!“

پاڻ ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ دشمن لاءِ انتقامي ڪاروائيءَ جو نہ سوچيندا آهن. انتقام جي برعڪس احسان ۽ عنايت خير خواهي ۽ خير سگالي جي جذبي سان مخالفن کي مانوس ۽ مطيع ڪندا آهن.

حضرت طالب الموليٰ سائين هر ڪنهن لاءِ حفظِ مراتب جو خيال رکندا آهن ۽ دشمنن کي بہ سهڻن نالن سان ياد ڪندا آهن. غصي جي عالم ۾ بہ غلط زبان استعمال نہ ڪندا آهن. عوام لاءِ سندن بي انداز ۽ بلا امتياز علمي ادبي ثقافتي سماجي فلاحي ۽ معاشي خدمات ڪنهن کان ڳجهيون آهن؟ بهرحال هي قصو ڏگهو آهي.

المختصر حضرت طالب المولىٰ سائين، سلجهيل ۽ محب وطن سياستدان، باوقار، بااُصول، سنجيده ۽ شرافت واري سياست جا قائل، سنڌ جا مايہ ناز اديب ۽ شاعر آهن. منجهن هڪ باشريعت بزرگ جي سجّاده نشين هئڻ وارا اهي سڀئي گڻ موجود آهن. جيڪي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ مومنين ۽ صالحين جون صفتون هونديون آهن. پاڻ پيري ۽ مخدومي واري نٺ ٺانگر عالمن ۽ زاهدن جي ظاهري بناوٽ ۽ سجاوٽ، من مستي، هٺ تڪبر، مڪروريا جي بلڪل برخلاف آهن. توحيد جي رنگ ۾ رتل، حب مرسل ﷺ سان سرشار ۽ سائينءَ جي سڪ جا سائل سڀاجهڙا ماڻهو طالب المولىٰ کي پسند آهن، جن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد نہ هوندو آهي. ڪلاباز سياستدان، رياڪار ۽ مڪار ملا، حاجي، قاضي، شيخ و واعظ، زاهد عابد، پير مخدوم ۽ سجّاده نشين جيڪي خرقہ و سجاد عبا و قبا، جبہ و دستارو عصا جي فريب ۾ ڦاٿل آهن تن کي طالب المولىٰ نفرت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ انهن کي ”گداگرن جو ٽولو“ چوي ٿو.

حضرت طالب المولىٰ سائين حقيقت ۽ عمل جا خواهان آهن. پاڻ حجرن ۽ خانقاهن جا اندروني راز ظاهر ڪن ٿا، ڪليسا ۽ مندر ۾ جهاتيون پائي انهن جون مڪاريون، عياريون ۽ فريب منظر عام تي آڻين ٿا.

حضرت طالب المولىٰ سائين مسجد جي ماحول لاءِ بہ هيءَ ڳالهہ پسند نٿا ڪن جنهن ۾:

”سر رکيل سجده ريائي ۾ ۽ دل دنيا سان گڏ“ نظر اچي.

حضرت طالب المولىٰ مذڪوره بالا ڳالهين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ انتهائي محتاط، شائستہ، مهذب، مخصوص، دل آويز ۽ عام فهم انداز سان نندي ٿو. اهي سڀئي ڳالهيون ”ديوان طالب المولىٰ“ ۾ جرڪنديون نظر اچن ٿيون. حضرت طالب المولىٰ سائين مردِ فقير آهن.

## پيغام

پنيه

مگر دنيا جي ٻنڌڻ ۽ ملڪي قومي ضرورتن کين سياست سان ملحق رکيو آهي.

"پيغام" جو شاعر " مخدوم محمد امين فهيم" انهيءَ بزرگ هستيءَ جو پٽينيءَ جو فرزند ارجمند ۽ ولي عهد آهي، جيڪو پنهنجي والد بزرگوار جي رنگ ۾ رتل آهي.

حضرت طالب المولىٰ سائينءَ کي جيتري پدري شفقت ۽ محبت پنهنجي فرزند امين فهيم سان آهي، اوتروئي ادب ۽ احترام امين فهيم کي پنهنجي والد بزرگوار لاءِ آهي، هو پنهنجي عالي مرتبت والد صاحب جو انتهائي فرمانبردار، سعادتمند ۽ صالح فرزند آهي. پاڻ ۾ پيءَ ۽ پٽ جو لازوال ۽ بي ڪنار پيار الفاظ جي پيماني سان توري ۽ تڪي نٿو سگهجي.

سال ١٩٤٦ع ۾ قبلہ طالب المولىٰ سائين جون رباعيات ڪتابڙي جي شڪل ۾ "رباعياتِ طالب" جي نالي سان شايع ٿيون. پاڻ "رباعياتِ طالب" کي پنهنجي پياري فرزند امين فهيم سان منسوب ڪيائون. انهيءَ انتساب سان دعائيہ نظم بہ ڪتابڙي جي شروعات ۾ ڏنائون. جنهن ۾ پدري شفقت ۽ محبت موجزن آهي:

منسوب هي اشعار آئون توساڻ ڪريان ٿو،
تون تن تي "محمد امين" شل هوندين ڪمربند.

الله عطا توکي ڪري علم و ولايت،
پيغامِ عمل ساڻ وجي تنهنجو تي پيوند.

هر چيز ۾ تون حسنِ ازل جو ڏسين جلوه،
هر تلخي دوران ۾ اچي توکي نظر قند.

تون پنهنجي خيالات تي هر دم رهين قادر،
۽ عشق حقيقي جو هميشہ هجين پابند.

پيغام

ٽيٽيھ

تنهنجي نہ نظر ارض و سما جي رهي محتاج
اسباب جهان توڙي اچن تو اڳيان هر چند.
دل تنهنجي هجي دائما سر چشمهٔ الفت،
تسليم و رضا تي تون هميشہ هجين خورسند.
جو ”طالبِ المولیٰ“ کي آهي علم عطا ٿيو.
الله ڪري تنهنجي بہ سيني ۾ اُهو بند.

## امين فهيم هڪ خوشنصيب ۽ صالح فرزند

امين فهيم ڪان اڳ سندس همنام سروري خاندان ۾ ٽي سجّاده نشين ٿي گذريا آهن. انهن ٽنهي بزرگن جو پنهنجي پنهنجي دور ۾ اعليٰ مقام هو. حضور سائين ﷺ جو ارشاد آهي تہ پنهنجي اولاد تي نيڪ ماڻهن جا مبارڪ نالا رکو.

”محمد امين“ جي نالي کي حضور سائين ﷺ جي نالي نسبت آهي، جو نيڪن ڪان نيڪ ۽ سيد الابرار آهي. ازانسواءِ پنهنجي خاندان جي اهم بزرگن سان بہ نالي جي نسبت هئڻ سبب امين فهيم هڪ خوش نصيب انسان آهي. سون تي سهاڳو اهو بہ آهي تہ هو هن دور جي بزرگ هستي مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو نورچشم ۽ ولي عهد آهي.

سندس آواز گفتار، رفتار، قد وقامت، برتاءُ، نشست و برخواست، حسنِ خلق، انداز تخاطب پنهنجي والد بزرگوار جي هوبهو آهي. منجهس انڪساري ۽ رواداريءَ جا ڳڻ حضرت طالب المولیٰ سائينءَ جهڙا آهن. الله پاڪ ڪيس، سندس باشريعت بزرگانِ دين جي نقش قدم تي ثابت قدم رکي.

## ولادت باسعادت

امين فهيم ۴ آگسٽ ۱۹۳۹ع مطابق ۱۷ جمادي الثاني ۱۳۵۷هه

بروز جمعة المبارڪ جهانِ رنگ و بو ۾ اکيون کوليون. مرحوم مولانا مخدوم غلام حيدر سائينءَ جن اذانِ ڏئي سندس اسمِ مبارڪ ”محمّد امين“ رکيو. مرحوم ”مخدوم امين محمّد ثالث“ دستار ۱۳ جي نالي نسبت سان ڪيس ”ڏاڏا سائين“ بہ چيو ويجي ٿو.

سندس ولادت باسعات جي موقعي تي ڪيترن ئي شاعرن قطعاتِ تاريخ ولادت لکيا، انهيءَ دور جي مشهور گلوڪار ۽ شاعر مرحوم استاد سينڌي خان ”صيد“ جو هڪ شعر هت پيش ڪجي ٿو:

گلِ خوش رنگ نمودار شد بگلشنِ نوح،
هزار بار مبارڪ زصيد شام و صبوح.

## شادي

امين فهيم جي شادي ۲۱ جون ۱۹۵۷ع ۾ ۱۹ ورهين جي عمر ۾ ٿي. انهيءَ موقعي تي سَهرن جو عظيم الشان مشاعرو منعقد ٿيو. سماهي شاعر رسالي جي هڪ خاص نمبر ”رفيقِ حيات“ ۾ انهيءَ موقعي جو تفصيلي ذڪر آيل آهي. ڪيترن ئي شاعرن شاديءَ جي سال مبارڪ تي قطعہ تاريخ لکيا، جن مان چند هي آهن:

(۱)

سندن خوش قسمتي جو ڇا بيان ڪوئي ڪري سگهندو،
ٻڌا اڄ جنهن جي آهن سِر تي هي ”سـائينِ وڏن“ سَهرا.

چگـيءَ تاريخ ويهين جون ۽ ذوالقعد ايڪيهين،
مبارڪ منهن تي خاص آيو ٻڌي محبوبِ من سَهرا.
۱۹۵۷عيسوي

(محبوب سروري)

(۲)

تقريبِ شادي است ”اديبا“ چوبهرِ عشق،
تاريخ گير هم توز ”عيشي و عشر تي.“

۱۳۷۶

(مولانا دين محمّد اديب فيروز شاهي)

(۳)

نورِ صبح عظيم هجري سال،
شـاد بـاشم ڪ نو بهار آمد،
هاتفم گفت نورِ خـضر امين.

۱۹۵۷ع

عيسوي سال باوقار آمد.

(مولوي محمّد بنوي خادم)

## پائر

امين فهيم جا پائر هي آهن:

مخدوم خليق الزمان خليق، مخدوم ڊاڪٽر رفيق الزمان، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم سعيد الزمان عاطف سروري ۽ مخدوم نويد الزمان.

سندس پائرن ۾ مخدوم خليق الزمان ۽ مخدوم سعيد الزمان عاطف شاعر آهن.

مخدوم خليق الزمان هڪ بهترين غزل گو شاعر آهي، پر هن وقت سياسي مصروفيتن هن کي شاعري کان ڪجهه الڳ رکيو آهي.

مخدوم سعيد الزمان عاطف بہ هڪ پختہ گو شاعر آهي، سندس مجموعهِ ڪلام ”پاڻ مراديون ڳالهڙيون“ منظرِ عام تي اچي چڪو آهي.

## پيغام

چنيهه

## فرزند

امين فهيم کي الله پاڪ - ست فرزند عطا ڪيا آهن:-

۱- مخدوم جميل الزمان جميل

۲- مخدوم شڪيل الزمان

۳- مخدوم عقيل الزمان

۴- مخدوم نجيب الزمان

۵- مخدوم خليل الزمان

٦- مخدوم جليل الزمان

۷- مخدوم ابو محمد سنڌيار

سڀني فرزندن ۾ امين فهيم جو وڏو فرزند مخدوم جميل الزمان ”جميل“ شعر و ادب جي ميدان جو شهسوار آهي. موجوده دور ۾ حضرت قبلہ طالب المولىٰ سائينِ کان پوءِ مخدوم جميل الزمان جميل جو ڪلام ئي سروري خاندان جي موجوده شعرا ڪرام کان گهڻو آهي.

جميل سائين پنهنجي ڏاڏي حضرت قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ وانگر ۳۰ ورهين جي عمر ۾ علم و ادب جي آسمان تي درخشان نظر اچي ٿو. هو هن عمر ۾ ئي ”صاحب ديوان“ شاعر آهي، سندس ڪلام جا ۳ مجموعا منظرِ عام تي اچي چڪا آهن:

(۱) ملاقات

(۲) اتر لڳا آءُ پرين

(۳) محبت پائي من ۾ [ديوانِ جميل]

مخدوم جميل الزمان هن وقت سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر، مرڪزي بزمِ طالب الموليٰ جو وائيس چيئرمين ۽ ”ذات پبليڪيشن“ جو روح روان آهي. جنهن جي طرفان ٧ ڪتاب منظر عام تي اچي چڪا آهن:

١- صبوحي : منتخب جديد شعراء جو ڪلام

٢- اتر لڳا آءُ پرين : شاعري

٣- دلربا دلربا: انتخاب ديوان طالب الموليٰ

٤- سچ وڙاءُ: انتخاب شاهه جو رسالو

٥- محبت پائي من ۾: ديوانِ جميل

٦- پاڻ مراديون ڳالهڙيون: شاعري مخدوم سعيد الزمان عاطف

٧- انت محبوبي: سنڌي شاعرن جو نعتيه ڪلام

**سياست:**

امين فهيم هڪ سنجيده، بااصول، باوقار، محب وطن وفاق پاڪستان جو حامي، هر دلعزيز سياستدان آهي. پاڪستان جي سياست ۾ هن وقت سندس شمار صفِ اول جي سياستدانن ۾ ٿئي ٿو، سندس خلوص، نيڪ نيتي، پارٽيءَ سان وفاداري، رواداري، فهم و فراست، معامله فهمي، اولا لعزمي باعث هر دور جي حزب اقتدار خواه حزب اختلاف جي ايوان ۾ عزت ڀريو مقام ماڻي چڪو آهي. پاڪستان جي چئني صوبن ۾ سندس شخصيت کي مقبوليت حاصل آهي.

**شاعري:**

مشهور صحافي عالم اديب ۽ شاعر مولانا غلام محمد گراميءَ جي راءِ مطابق ”امين سائين جن جي فن ۾ ذوقِ جماليات جي ڀرپور

ترجماني آهي. ڪلام ۾ سوز گداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ پُرگو، پختہ ۽ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندس تغزل، فني خيال ڪان رمزيت، معنويت، اشاريت، ايمائيت تي مشتمل آهي ۽ سندس پيرايہ بيان رنگين ۽ دلڪش آهي. ڪافيون درد انگيز ۽ رقت خيز آهن، قومي شاعريءَ ۾ بہ بهترين ڪلام چيو اٿس."

گرامي صاحب اڳتي رقم طراز آهي تہ "امين سائينءَ جي فن جي تنقيدي جائزي ڪانپوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ روشن ضمير انسان جڏهن پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي بيان ڪرڻ تي اچي ٿو، تڏهن اُن ۾ ڪيڏي نہ اصليت ۽ روح آفرين ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، جا تڪلف ۽ تصنع سان پيدا ڪرڻ مشڪل ۽ ناممڪن آهي. شاعري جذبات جي فراوانيءَ مان پيدا ٿئي ٿي ۽ جذبات جي حدّت ۽ حرارت لاءِ لازم آهي تہ دل جي ساز جون تارون تپن ۽ وڄڻ شروع ڪن. اهڙي ڪلام ۾ سوز ۽ ساز حرارت ۽ گداز جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

"فهيم سائينءَ جو سارو ڪلام هڪ شڪستہ ساز جو آواز آهي. اُن ۾ نيازمندانہ جذبات موجود آهن."

"فهيم سائينءَ جي ٻولي پختي، رسيلي، سريلي، مٺي ۽ من موهڻي آهي، جا شاعري جي زبان ۾ اچي وڌيڪ رنگين ۽ دلڪش بڻجي پئي آهي، هن عمر ۾ سندس "فن" جا ترقي ڪئي آهي، اُن کي ڏسي بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اڳتي هلي سندس ڪلام جو مقام ۽ معيار، ڪهنہ مشق ۽ عمر رسيده، استادن جي مقام تي پهچندو، "اها اميد آهي." مرحوم گرامي صاحب ١٩٦٩ع ۾ سماهي مهراڻ جي شاعر نمبر ۾ صفحہ ٣٩٦ تي امين فهيم جي فن و فڪر متعلق مذڪوره بالا راءِ ڏني آهي، جڏهن امين فهيم جي عمر ٣٠ سال هئي، انهيءَ وقت بہ امين فهيم جي ڪلام مان گرامي صاحب ڪيڏو نہ پُراميد هو. گرامي صاحب قبلہ

حضرت طالب المولىٰ سائينءَ جي پيارن ۽ ڪچهري وارن ماڻهن مان خاص نياز مند هو. قبلہ سائين ڪيس مرتبي مطابق عزت ڏيندا هئا. سندس ڏک سک جا مونس ۽ مددگار هوندا هئا.

راقم الحروف سان بہ انهي سلسلي سان گرامي صاحب جو ڪافي وقت گڏ گذريو. گرامي صاحب امين فهيم سائينءَ لاءِ مٿي بيان ڪيل راءِ ۲۱ سال اڳ لکي هئي. جيڪا اڄ بہ تازا بہ تازا، نئو بہ نئو آهي. مرحوم گرامي صاحب بقيد حيات هجي ها تہ سندس اها پر خلوص اميد اکين سان ڏسي ها، جڏهن پنهنجي ”امين سائين“ جو ڪلام، ”پيغام“، سنڌي ادبي بورڊ طرفان وڏي اهتمام سان شايع ٿي چڪو آهي.

گرامي صاحب امين فهيم سائينءَ لاءِ جيڪا بي ريا راءِ قائم ڪئي آهي، سا چڻ راقم الحروف جي دل جي راءِ آهي.

امين فهيم پنهنجي شاعري جي شروعات ۱۹۵۳ع کان ڪئي. پهرين تخلص ”امين“ اختيار ڪيائين، پوءِ سندس والد صاحب قبلہ مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ سائينءَ طرفان، سندس ذهانت، فهم و فراست جي لحاظ کان ”فهيم“ تخلص بہ عطا ٿيس.

امين فهيم انهيءَ دور ۾ شاعري شروع ڪئي جڏهن هالا نوان جو شهر سنڌي علم و ادب جي آسمان تي چوڏهين جي چنڊ وانگر پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو. قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين ۳۳ ورهين جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ سنڌي علم و ادب جو روح روان هو. سڄي سنڌ جي شاعرن، اديبن، عالمن، محققن جو رخ هالا ڏانهن هو.

هالا شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ شاعرن جون بزمون ۽ انجمنون قائم هيون. زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ادب ۽ شاعري جي ميدان ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. اهو دور امن و سڪون لاءِ خوشحاليءَ جو دور هو. روزانہ علمي ادبي محفلون ڪچهريون قائم

رهنديون هيون. هالا جي علمي ادبي حلقن طرفان ماهانه ادبي سرگرمين ۽ مشاعرن جي ڌوم متل هئي.

جن ۾ سڄي سنڌ جا شاعر حصو وٺندا هئا. انهن مان اختر هالائي، انجم هالائي، انور هالائي، منصور ويراڳي، غلام هارون هالائي، منصور ويراڳي، سليم هالائي، غلام محمّد گرامي، احسن الهاشمي، حيدر شاهه حيدر، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، سرشار عقيلي، شاهنواز شاهه عارف ڊنڙائي، جمع خان غريب، ڊاڪٽر اسد الله شاهه بيخود، راز بلڙائي، شبير هاتف وغيره قابل ذڪر آهن. عالمن اديبن ۽ محققن مان، مولائي شيدائي، مخدوم امير احمد، عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه آءِ. آءِ قاضي، ڊاڪٽر دائود پوٽه، سيد منن شاهه، مولانا فضل احمد غزنوي، عبدالعزيز قنڌاري، پروفيسر محبوب علي چنه، سيد ميران محمد شاهه، قاضي غلام محمد، آخوند حافظ ربڏنو وغيره باقاعدگيءَ سان وابسته رهيا.

موسيقارن مان استاد سينڌو خان“صيد“، استاد منظور علي خان، مصري فقير، حسين بخش خادم، امام علي فقير ۽ دين محمد شيخ قابل ذڪر آهن.

ماهنامه ”فردوس“ هالا سنڌ جي سيپني رسالن ڪان عروج تي هو، ماهنامه ”طالب الموليٰ“ دادو مان، ماهنامه ”روح ادب“ ۽ سماهي ”شاعر“ حيدرآباد مان شايع ٿيندا هئا. هفتيوار ”پاسبان“، هفتيوار ”الزمان“ ۽ هفتيوار ”ڪوثر“ هالا مان شايع ٿينديون هيون. سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان ”سروري ميگزين“ باقاعدگيءَ سان هر سال منظر عام تي ايندي هئي.

”انجمنِ علم و ادب هالا“ طرفان هالا ۾ يادگار ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون. جن ۾ هر سال مايئه ناز اديب، شاعر، عالم، ۽ محقق شريڪ ٿيندا هئا. معياري مذڪرا، مباحثا، مقالا، طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا ڪانفرنسن جي جان هوندا هئا. سروري اسلاميه ڪاليج هالا طرفان ”بزم سروري“ جي زير اهتمام باقاعدگيءَ سان ماهانه طرحي ۽

غير طرحي مشاعرا ٿيندا هئا جن ۾ هالا جي رهواسين کان علاوه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل شاعر بہ مشاعرن جي زينت وڌائيندا هئا.

هالا ۾ ٻين بزمن کان علاوه "بزم فردوس" ۽ "بزم رفيق" (رفيق ڪمپني) بہ سرگرم عمل هونديون هيون. مشاعرن جا انتخاب اخبار ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. سنڌي ادبي بورڊ طرفان سماهي مهراڻ بہ نڪرندو هو. اديبن ۽ شاعرن جي منظم رجسٽرڊ ۽ نمائنده جماعت "جميعت الشعرا سنڌ" طرفان وڏي پيماني تي سنڌ جي مختلف اضلاع ۾ علمي ادبي ڪانفرنسون منعقد ٿينديون هيون جن ۾ سنڌ جي گوشي گوشي مان عالم اديب شاعر محقق، ماهران تعليم، مفڪر ۽ دانشور حصو وٺندا هئا. اهي ڪانفرنسون ٽن ڏينهن تائين بہ هلنديون هيون، انهن ۾ هر روز ڪيتريون نشستون هونديون هيون. شاعر ۽ اديبن جا متعصب گروهہ نہ هوندا هئا. سڀئي هڪ ئي پليٽ فارم تان سنڌي ثقافت،زبان، علم ۽ ادب جي خدمت ڪندا هئا.

١٩٥٥ع ۾ "بزم طالب المولىٰ" قائم ٿي جنهن جون سڄي سنڌ ۾ شاخون ڪوليون ويون. بزم طالب المولىٰ جي مرڪز ۽ شاخن سنڌ ۾ علم و ادب جي هٻڪار پکيڙي ڇڏي، اڪثر رسالا، اخبارون بزمون ۽ انجمنون حضرت قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جي زير سرپرستي هلنديون هيون.

هي هو، اُهو علمي ادبي دور ۽ ماحول جيڪو اسان جي شاعر امين فهيم کي ميسر ٿيو. انهي ڪري سندس شاعري کي ننڍپڻ جي دور کان ئي پختگي ۽ معيار حاصل ٿيو. امين فهيم انهن روزمره جي ادبي ڪچهرين، محفلن، مشاعرن ۽ ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو ۽ عملي طرح حصو بہ وٺندو رهيو.

ازان سواءِ سندس استاد، مُرشد ۽ والد بزرگوار حضرت قبلا طالب المولىٰ سائينءَ جي تربيت ۽ رهنمائي ۾ علمي ادبي افق تي چمڪڻ لڳو.

## پيغام

### پائيتاليھ

"پيغام" ۾ سندس ڪاوشن تي تاريخون لڳل آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ڪي اشارا ۽ وضاحتون بہ آهن. جن مان قارئين کي سندس ڪلام جي ابتدائي ۽ ارتقائي منزل جو بخوبي اندازو ٿي سگهندو.

امين فهيم جي جوانيءَ جي دور ۾، سندس شاعريءَ ۾ وقتاً فوقتاً ڪجهہ وقفو بہ نظر اچي ٿو. انهيءَ جو سبب سندس سياسي، سماجي فلاحي خدمتون، قومي ۽ خانداني مصروفيتون، ذميواريون ۽ مشغوليون ٿي سگهن ٿيون. اهڙا دور ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪجهہ نہ ڪجهہ، ڪن ٻين شاعرن تي بہ اچن ٿا. جن ۾ سندن شعر و ادب جي خدمت ۾ وقفو نظر ايندو آهي، اهو هڪ فطري عمل آهي. ڪثرت مشاغل سبب امين فهيم کي ايتري بہ فرصت ملڻ مشڪل هئي، جنهن ۾ هو پنهنجي شاعريءَ کي سهيڙي سميٽي يڪجاءِ قلم بند ڪري، اها ڳالهہ سجهندي ئي سندس سڄاڻ ملازم مهر علي "تابع سروري" محسوس ڪري ورتي ۽ هن از خود پنهنجي طور تي اهو ڪم لازم ڪري ڇڏيو تہ امين فهيم سائينءَ جو سڄو ڪلام محفوظ ڪري، هن مختلف رسالن، اخبارن، ڪتابن، ڪاغذن، نوٽبڪن تان امين فهيم جو ڪلام هڪ هنڌ گڏ ڪري محفوظ ڪيو.

امين فهيم سائينءَ جي وڏي فرزند مخدوم جميل الزمان پنهنجي والد صاحب جو ڪلام نهايت شوق جذبي ۽ جاکوڙ سان از سر نو ترتيب ڏنو. "پيغام" جي پريس ڪاپي ٺاهڻ لاءِ جميل سائينءَ، پير مختيار اڄائي، ماستر خادم حسين همدم، علي احمد شاهہ ساقي ۽ راقم الحروف (محبوب سروري) کي خاص طور ڪراچي ۾ گهرايو ۽ رات ڏينهن هڪ ڪري پنهنجي نگراني ۽ هدايات تحت مسودي کي نئين سر لکائي ترتيب ڏئي، پريس ڪاپي تيار ڪرايائين.

ڪتاب جو نالو ”پيغام“ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين جن تجويز فرمايو. اهڙي طرح مختلف مرحلا طيءِ ڪري ”پيغام“ قارئين جي هٿن جي زينت بڻيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل، ١٩٥٣ع کان شروع ٿيل علمي ادبي دور جي مايہ ناز عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ماحول ۾ امين فهيم سائينءَ جي ڪلام ۾ از خود صنايع بدايع جون شاعرانہ صنعتون ۽ خوبيون سمائجي ويون.

هڪ معياري شاعر جڏهن قوتِ مشاهده ۽ پرواز تخيل جي ڪمال تي پهچي ٿو، تڏهن سندس ڪلام ۾ بي ساختہ ”علم بديع و البيان“ جون خوبيون ۽ صنعتون شامل ٿينديون وڃن ٿيون. جن سان شاعر بذات خود حيران ٿي وڃي ٿو ۽ هن کي دلي خوشي حاصل ٿئي ٿي. پنهنجي ڪلام کي بار بار پڙهي لطف ۽ حظ حاصل ڪري ٿو. ڇو تہ هڪ ”وهبي“ شاعر پنهنجي ڪلام چوڻ وقت ايترو هرگز نہ سوچيندو آهي تہ ڪهڙي صنعت ڪم آڻيان. انهيءَ کي زبان تي قدرت حاصل ٿيڻ سان اهو خوبيون پاڻهي پيشقدمي ڪري سندس ڪلام ۾ شامل ٿين ٿيون: صنعتون پاڻ مرادو ساڻ ڏين ٿيون. اها ڳالهہ ”ڪسبي“ شاعر جي وس ۽ امڪان کان ٻاهر آهي، جيڪو طبيعت ۽ ذهن تي زور ڏئي، خاص صنعتون نظر ۾ رکي پوءِ ڪاغذ قلم کڻي ڏاهہ ڏوهہ ڪري، پگهر ۾ شل ٿي، ڪا شيءِ لکي تہ وڃي ٿو. مگر ايتري کِهلَ گينداڙ جي باوجود بہ سندس ڪلام ۾ اها رنگيني، رعنائي، دلڪشي رواني ۽ چاشني پيدا نٿي ٿئي.

سنڌي زبان ۾ جيڪي بہ شاعرن جي ڪلام جا مجموعا ۽ ديوان ڇپيا آهن، تن ۾ ڏٺو وڃي ٿو تہ ڪلام تي تبصره ڪرڻ وقت تبصره نگارن شاعرن جي فن جو تنقيدي جائزي وٺڻ جو حق ادا نہ ڪيو آهي. سواءِ انهيءَ جي تہ، يا تہ بلا جواز بلا ثبوت زبردستي مدح سرائي ڪئي وئي هجي يا تہ ڪلام جو سرسري جائزو وٺي، نور نچوئڻ ڪانسواءِ مٿي تان بار لاهڻ لاءِ

صرف عام انداز ۾ گهڙيل ۽ رٽيل لفظ لکڻ جي مهرباني ڪئي وئي هجي تہ ”صاحب موصوف شاعر جي ڪلام ۾ منظر نگاري، رواني، سلاست، سادگي جدت جوش فصاحت ۽ بلاغت جون خوبيون آهن استعاره، ڪنايہ، تشبيهون ۽ تجنيس حرفيءَ جي لحاظ کان ڪلام ڀرپور آهي.“ ۽ بس!! ۽ اها تقليد هر تبصره نگار ڪندو اچي ٿو.

حلقۂ شوق میں وہ جرائتِ رندانہ کہاں؟

آہ! محکومی و تقلید!، زوالِ تحقیق!!

رٽيل ۽ روايتي لفظن جي تبصري مان شاعر ۽ پڙهندڙ ٻئي مطمئن نہ هوندا آهن. بيباڪ، بي ريا ۽ باقاعده فني تبصره جوهر شاعر ۽ پڙهندڙ خواهان ٿئي ٿو.

ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام جو علم بديع و البيان جي روشنيءَ ۾ بي ريا فني تجزيو ڪري فيصلو پڙهندڙ تي ڇڏجي؛ اها ئي شاعر ۽ شعر جي صحيح سڃاڻپ، ترجماني ۽ قدرداني آهي.

## مخدوم محمّد امين فهيم جي شاعري جوفنّي جائزو

### تشبيهہ

هر باڪمال شاعر کي صنعت ”تشبيهہ“ تي ڪمال حاصل هوندو آهي. شاهہ لطيف کي بہ صنعت تشبيهہ تي عبور حاصل ڏسجي ٿو:

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سايون!
”شاهہ“

من موهيندڙ تشبيهن سان شاعر، ٻڌندڙ جي دل تي دام وجهي

ٿو. امين فهيم جي ڪلام ۾ خوبصورت تشبيهون ڪافي ملنديون چند تشبيهن جا مثال هت پيش ڪجن ٿا:

قيمتي شيءِ فقط محبّت آ،
ٻي تہ هر چيز ڄڻڪ رَئي آهي.

شاعر جي نظر ۾ "محبت" ئي وجهہ تخليقِ ڪائنات آهي. انهيءَ ڪري محبت ئي عظيم ۽ قيمتي شيءِ آهي. شاعر جي مصرع اوليٰ ۾ وڏو مقصد سمايل آهي. سندس انهي فلسفيانہ تخيل جي اونهائين تي نظر وجهڻ بدران مصرع- ثانيءَ تي ئي اصل تبصره ڪرڻو آهي، جنهن ۾ تشبيهہ ڪم آيل آهي. تاهم مصرع- اوليٰ ڪي تشنہ ڇڏڻ بدران هڪ ڳالهہ تي اڪتفا ڪجي تہ امين فهيم هڪ باشريعت ۽ عاشق رسول ﷺ بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحہ جي خاندان جو چشم و چراغ آهي. سندس من محمد عربي ﷺ جي محبت سان سرشار آهي، محمد ﷺ محبوبِ خدا آهي. نورِ محمد ﷺ وجهِ تخليق ڪائنات آهي. اسان جي شاعر جو اشارو بہ "لولاڪ لما خلقت الافلاڪ" ڏانهن ڏسجي پيو.

مصرعِ ثانيءَ ۾ دنيا جي ٻي ڪا بہ شيءِ شاعر جي نظر ۾ ڪابہ حيثيت ڪانہ ٿي رکي ۽ ڪنهن بہ اهميت جي حامل نہ آهي.

محبت ڪان سواءِ ٻي هر ڪا شيءِ "رئي" يعني دَز يا مٽي جي اڻ لکي غبار وانگر آهي! انهيءَ تشبيهہ ڏيڻ سان شاعر محبت جو اعليٰ ۽ ارفع مقام واضح ڪيو آهي.

عام فهم انداز ۾ ايڏو عظيم مقصد بيان ڪرڻ بظاهر تہ آسان پيو لڳي پر شعر جي دنيا ۾ مشڪل آهي.

اهڙو شعر جيڪو ڪنهن شاعر کي ڏسڻ ۾ وڻندڙ ۽ آسان لڳي پر اُن جهڙو لکڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان، لکڻ ڏکيو لڳي تہ انهيءَ کي "سهل ممتنع" شعر چئبو آهي.

اهڙي طرح ”پيغام“ ۾ ڪم آيل سپئي تشبيهون بيان ڪري انهن جي مختصر تشريح لکڻ سان مضمون طويل ٿي ويندو. لهٰذا نموني طور ٻه شعر پيش ڪجن ٿا انهن تي سوچڻ لاءِ قارئين جي ذوقِ سليم کي دعوت ڏجي ٿي:

ساهه ٿــڏا هــا بادِ صـــــبا جئن،
اشـــڪِ هجر ڪئين ڪنول سجايا.

تـــون تــــــ دنيـــا ۾ مثلِ خار آهين،
گـل چڏي، پنهنجو خار ڪير ڪندو؟

## استعاره

تشبيهه وانگر استعاره ٻه شعر جي مقبوليت جو ضامن هوندو آهي. امين فهيم ٻه ڪيترين جڳهن تي استعاره جي صنعت سان ڪلام کي چمڪايو آهي. چند شعر ملاحظه فرمايو:

(۱) پڇو ڇا ٿا اي يارو پنهنجي گل جو خار آهيان مان،
انهي سان منهنجو ڇا؟ جيڪر ٻين تي بار آهيان مان.

هن شعر ۾ استعاره سان گڏ ”صنعت تضاد“ ٻه ڪم آيل آهي. جنهن شعر ۾ ٻه صنعتون ڪم اچن انهيءَ کي ”ذوالنوعين“ شعر چئبو آهي.

(۲) دل صـراحـي ڪـئـي اتـم،
خـــون ٿـيـو آهـــي شـــراب.

(۳) عجب آهه! افسوس ڇو ڪونه ٿيندو
جو ڪاري ڪکر آ قمر کي لڪايو.

## ڪنايہ

بعض اوقات شاعر ڪا تفصيلي ۽ سڌي ڳالهہ ڪرڻ بدران مختصر لفظن ۾ اشاري ۾ رمز سان ڳالهہ ڪري ويندو آهي. جيڪا وڌيڪ خوبصورت ۽ موثر ثابت ٿيندي آهي. امين فهيم ڪنايہ مان ڪافي ڪم ورتو آهي. چند شعرن مان محظوظ ٿيو:

مانڌ جي ميدان ۾ اهڙو ڪو هنگامو ڪجي
برهہ جي باهين اڳيان پر جوش پروانا هجن.

شاعر ۽ عاشق لاءِ سڪوت ۽ سُڪون، مانڌ ۽ سناٽو ”چيڙ“ آهي. هن جي محبت ۾ وسعتِ صحرا، هن جي پور ۽ خيال ۾ ريگستاني هرڻ جهڙا ڇال ۽ ڇرڪ، ٿاهہ ۽ ٽپا ٽين ٽا:

نَو نيئر ڏهہ ڏاوَڻ، پندرهن پيند پياس،
بغل ۾ بگهڙيون، لِڱين لوهہَ لڳياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، تہ ڇرڪ ڇنايس هيڪڙي.
”شاهہ“

شاعر زندگيءَ جو عڪاس آهي، اُها زندگي جنهن ۾ جوش ۽ ولولو آواز ۽ غلغلو هجي، خاموشي زندگيءَ جي سفر ۾ عذاب آهي:

*راه خاموش، راہبر خاموش،*
*کیسے گذرے گا یہ سفر خاموش*
(نامعلوم)

خاموشي سنگين آهي تڙپ ۾ ئي تسڪين آهي. ”اضطراب“ ۽ ”تحرڪ“ زندگيءَ جي علامت آهي. علامہ اقبال جي لفظن ۾:

خدا تجھے کسی طوفاں سے آشنا کردے

کہ تیری بحر کی موجوں میں اضطراب نہیں

امين فهيم مذڪوره بالا شعر جي استعاره ۾ چٽڪ پنهنجي استاد ۽ والد بزرگوار حضرت طالب المولىٰ جي هن شعر جي شرح ڪئي آهي:

بي تحرڪ زندگي بيڪار آ،
بي عمل انسان چڻ بيمار آ.

ڪنايہ جا چند مزيد شعر ملاحظ فرمايو:

هڪ ڏينهن ڪيم دانهن ”امين“ جوشِ جنون مان،
سا مــنهنجي صدا تير ٿي سهڻن ۾ هلي وئي.

❊

ظلم ۽ زوري جا هٿ ڪاٽي ڇڏڻ لاءِ دوستو!
ڪونڪو اڳتي هلي ايندو اسان مان عنقريب.

❊

ليليٰءِ شب جوش مان ڪولي ڇڏي شايد ”فهيم“،
مــاٺ جي ماحول ۾ زلفِ پريشان عنقريب.

## مجاز مرسل

شاعر پنهجي شعر ۾ جان پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي مقصد ۾ حسن آڻڻ لاءِ ڪو نئون رستو، نوان لفظ ۽ نيون معنائون اختيار ڪندو

آهي. لفظن جي اصلي معنيٰ کي ڇڏي ان کي نئين معنيٰ سان پيش ڪندو آهي. شاعريءَ جي اهڙي صنعت کي مجاز مرسل چئجي ٿو. ملاحظہ فرمايو:

بيوفا دنيا سان ناتو نيٺ مشڪل ٿي ويو،
جنهن کي مون آسان ڄاتو نيٺ مشڪل ٿي ويو.

هن شعر ۾ ”دنيا“ جي اصل معنيٰ دنيا جا ”ماڻهو“ آهن. ماڻهن جي جاءِ تي دنيا جو لفظ آڻڻ سان شعر ۾ وڏيڪ بلندي پيدا ٿي آهي.

رٺين تون ۽ رٺي قسمت رٺو ”سارو جهان دلبر“،
رهي هڪ زندگي سا پڻ ”خفا“ ٿئي ها تہ بهتر هو.

پرين جي رسڻ سان ڇڻ قسمت رسي وڃي ٿي ۽ ”سارو جهان“ (ساري جهان وارا) رسي وڃن ٿا. جڏهن دنيا و مافيها ڪائڻ اچي تہ اهڙي زندگيءَ کان شاعر مرڻ کي ترجيح ڏي ٿو. مگر اهڙا منحوس ۽ اُگرا لفظ ڪم آڻڻ بدران انهن کي نئين معنيٰ ۾ پيش ڪري شعر کي وڌيڪ خوبصورت بنائي ٿو:

رهي هڪ زندگي سا پڻ ”خفا“ ٿئي ها تہ بهتر هو.

مجاز مرسل کان علاوه هن شعر ۾ صفت حسن تعليل ۽ صفت مراعات النظير جي جهلڪ پڻ ڏسجي ٿي تنهنڪري هن شعر کي ”ذوالنوعين“ شعر چئي سگهجي ٿو.

## تجنيس تام

هر قادرالڪلام شاعر کي پنهنجي زبان جي الفاظ تي قدرت حاصل هوندي آهي. هو پنهنجي شعر ۾ اهڙا بہ لفظ ڪم آڻيندو آهي جيڪي شڪل ۽ صورتخطي ۾ هڪجهڙا هوندا آهن مگر انهن جون معنائون جدا جدا هونديون آهن. اهڙي صفت کي تجنيس تام چئبو آهي:

هن جهان ۾ ”فهيم“ تي نہ فهيم،
فهم اڄڪلهہ وڏو ضرر آهي.

هن شعر ۾ شاعر پنهنجو تخلص ”فهيم“ ڪم آندو آهي، ساڳيو لفظ ٻئي هنڌ فهيم معنيٰ فهم وارو يا سمجهدار جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي.

امين فهيم جو هي شعر شاهہ لطيف جي هن بيت سان هم آهنگ آهي:

”الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن“

(٢)

يار گلرخ توکي مون سان گڏ ڏسي،
خارِ ڪائن ٿا سدائين مون تي خارِ.

مصرع ثاني ۾ خار جو مطلب ڪنڊا آهي ۽ ٻي هنڌ خار ڪائڻ جو مقصد ڪاوڙ ڪرڻ آهي.

تجنيس تام ڪي اجا بہ دلچسپ بنائڻ لاءِ شاهہ ڪي ملاحظ فرمايو:

”ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو.“ وغيره.

## تجنيس لاحق

ڪڏهن شعر ۾ ٻن هم آواز لفظن جو تڪرار، جن جو پهريون حرف بدليل ٿئي ٿو، ڪلام ۾ حسن پيدا ڪري ٿو. هيٺ ڏنل شعر مان محظوظ ٿيو:

مون کي پر مار جي خدمت ۾ پهچڻ لاءِ هڪواري،
پرائي چارِ ۾ ڦاسي پرايو مارِ ٿيٽو پيو.

هن شعر ۾ چار ۽ مار جا لفظ اهڙي پنهنجي نوعيت سان شعر جي زينت جا باعث بنيا آهن.

## تجنيس حرفي

شاعر پنهنجي اشعار ۾ اهڙا لفظ لڳاتار ڪم آڻي ٿو جن جا پهريان اکر (حرف) ساڳيا هوندا آهن، يعني هم صوت هوندا آهن.

حرفن جي اها هڪجهڙائي ڪلام ۾ حسن، رواني ۽ فصاحت جون خوبيون پيدا ڪري ٿي.

امين فهيم تجنيس حرفيءَ جو بہ پنهنجي ڪلام ۾ وافر انداز ۾ استعمال ڪيو آهي، نموني طور ملاحظ فرمايو:

اجـا اُن جـي اڳـيـان اي يـار لـيلائڻ نٿو چاٽين،
رنل کي رمز سان ريبي تـون ريجهائڻ نٿو چاٽين.

هن شعر جي مصرع اوليٰ ۾ "الف" جو حرف چئن لفظن جي اڳيان ڪم آيو آهي. مصرع ثاني ۾ "ر" جو حرف بہ چار ڀيرا ساڳي مصرع ۾ لفظن جي مهاڙيءَ ۾ ڪم آيو آهي. اهڙي ترتيب سان شعر دلپسند ٿي پيو آهي.

درد جو ڪهڙو ڪريان دارون دوا، آڻيان ڪٿان؟
دل دکـي جـي لاءِ آهــي دلــربــا ديــدار بس.

هن شعر ۾ حرف "د" مصرع اوليٰ ۾ ٽي ڀيرا ۽ مصرع ثاني ۾ چار ڀيرا ڪم آيو آهي، جنهن سبب شعر ۾ خوبصورتي ۽ رواني پيدا ٿي آهي.

منهنجو تون ساقي ۽ تنهنجو آئون هڪ ميخوار بس،
پُــر ڪـري پـيــالن تــي پـيالا پيو پيارا پيار بس.

هن شعر ۾ " پ" جو حرف مصرع ثاني ۾ ڇهہ دفعا ڪم آيو

آهي، ازان سواءِ هن شعر ۾ تجنيس حرفيءَ سان گڏ تجنيس مزيل بہ سمايل آهي. تنهنڪري هي شعر ”ذوالنوعين“ آهي.

## قطارالبعرين

صنعت ”قطار البعرين“ جي معنيٰ آهي ”ٻن اُٺن جي قطار“، انهيءَ قطار ۾ هڪڙي اُٺ جي مهار ٻئي جي پڇ ۾ ٻڌندا آهن. هڪ شعر ۾ بہ مصرع ٿيندا آهن.

اهڙو شعر جنهن جي پهرين مصرع جو آخر لفظ ٻيءَ مصرع جي منڍ ۾ بہ هجي تہ اهڙي شعر جي مصراعن جي سلسلي کي عربن ”قطار البعرين“ جو نالو ڏنو.

ملاحظ فرمايو:

دار کي منصور بخشي آبرو.

آبرو منصور بخشي دار کي.

شاهہ لطيف جو مثال بہ نموني طور پيش ڪجي ٿو:

ڪشي ڪان ڪمان مان، ميان مارمَ مون،

مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.

ازانسواءِ امين فهيم مذڪوره بالا شعر ۾ ”منصور ۽ دار“ جي مشهورِ زمانہ قصي کي شعر ۾ آڻي صنعت ”تلميح“ جو استعمال ڪيو آهي، تنهنڪري هن شعر ۾ صنعت ”قطارالبعرين“ ۽ صنعت تلميح جون بہ صنعتون هئڻ سبب هن شعر کي ”ذوالنوعين شعر“ چئي سگهجي ٿو. اجا بہ هن شعر جو وڌيڪ تجزيہ ڪبو تہ هن ۾ ”صنعت طردو عڪس“ بہ نظر ايندي.

## سياقت الاعداد

ڳاڻيٽي جي عددن کي اهڙي طرح تسلسل سان جڙيو وڃي، جو

شعر جي نزاڪت ۾ اضافو ٿئي ٿو. اهڙي صفت کي ”سياقت الاعداد“ چئجي ٿو.

امين فهيم ”سياقت الاعداد“ جو بہ سهڻو استعمال ڪيو آهي:

يجي نوڪِ قلم افسوس مان پَٽَ تي ڪِري پيئي،
اجا ”باتي“ اکر لکڻا هئم پنهنجي فساني ۾.

عام طور روزمره جي زبان ۾ ”باتي“ (بہ يا تي) لفظ عالم فاضل پڙهيل ڪڙهيل بہ استعمال ڪندا آهن.

امين فهيم بي تڪلفيءَ سان بنا هٻڪ بي ڏڙڪ ”باتي“ جو لفظ ”غزل جي زبان“ ۾ استعمال ڪري ”سانگي“ جون سِڪون لاٿيون آهن. جن شاعرن غزل کي ايراني انداز ۾ سموهيو آهي سي بہ پنهنجي طور تي ڪامياب ۽ لائق تحسين آهن، پر جن شاعرن غزل جي ڍانچي ۾ سنڌي محاورا، مقامي مروج الفاظ زيبِ تن ڪيا آهن سي بہ قابلِ تعريف آهن، امين فهيم بہ اهڙن شاعرن مان هڪ آهي. امين فهيم هن شعر ۾ صفت ”سياقت الاعداد“ جو استعمال اهڙي پياري انداز سان ۽ اهڙو سهڻو ڪيو آهي جڻ مُنديءَ تي ٽِڪ!

هن شعر جي مصرع اوليٰ ۾ صفت مبالغو جي بہ چمڪ ڏمڪ آهي. مبالغو شاعر جو شاعرانہ حق آهي. انهيءَ کي ”ڪوڙ“ سان شمار ڪرڻ ناسمجهہ ۽ بي ذوق ماڻهن جو ڪم آهي. شاعر پنهنجي مقصد ۽ مفهوم کي مبالغي جي آميزش سان دلڪش ۽ دلپذير بنائي ٿو تہ اهو هن جو شاعرانہ اختيار ۽ تخيل جو پرواز آهي.

جيڪڏهن پنهنجو فسانو لکڻ وقت اوچتو هٿ مان قلم صاحبِ تحرير کان ڪري پيو تہ شاعر صاحبِ تحرير جو قصور نہ سمجهندو پر اهو ئي تصور ڪندو تہ منهنجي پُردرد حال دل لکڻ وقت قلم افسوس کان بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيو ۽ سندس نوڪ يجي پئي.

سياقت الاعداد جي بين نمونن جو بہ لطف وٺو:

سنڀالي راز دل ڪر مون ساڻ اي ساقي! تون محفل ۾،
جو ديوانن سان گڏ هت چار پنج دانا لڀي پوندا.

ڪجي آدم شماري چار سُو جي دورِ حاضر ۾،
تہ سؤ ميخوار ۾ تي چار مولانا لڀي پوندا.

*

تنهنجي هڪ ياد چار اشڪِ غم،
بي ثمر جو اهو ثمر آهي.

## صنعت موقوف

شعر ۾ بہ مصرعون ٽين ٽيون. مصرع اوليٰ جو مفهوم تيسيتائين واضح نہ ٿئي جيسين مصرع ثاني پڙهي پوري ڪجي. پهرين مصرع جو بيءَ مصرع تي دارومدار هجي. اهڙي صنعت کي صنعت موقوف چئجي ٿو:

سڄڻ تنهنجي اهائي مهرباني آهہ ڪافي؛ جو،
تون خود ماري سگهين ٿو ڪنهن ڪان مارائڻ نٿو چاهين!

هن شعر ۾ صنعت ”حُسن التعليل“ بہ سمايل آهي، جنهنڪري هي ”ذوالنوعين شعر“ آهي.

صنعت موقوف جا ٻيا مثال ڏجن ٿا:

پلي جو جئن بہ چاهي پيو چوي، طعنا هٽي ليڪن،
درِ دلدار تان پيرو پيچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

ونيو پيو جادهٔ منزل وڃان اميد تي ليڪن،
پتو ناهي تہ هن جو پورو پيچ و خم ڪڏهن ٿيندو.

متان دلگير ٿين هرگز جدائيءَ ۾ ”فهيم!“ آخر،
ڪرم فرمائي رشڪِ مهوشان همدم ڪڏهن ٿيندو.

گهڻو وساريم مگر نہ وسري سا رنگين محفل، ”فهيم“ جنهن ۾،
ڪمندِ زلف دوتايُ دلبر وڪوڙي ورتو هو پنهنجي ور ۾.

## صنعت توشيح

شاعر پنهنجي شعر جي مصرع جي لفظن مان ڪن جا منڍ وارا لفظ ملائي يا هر مصرع جي منڍ وارن اکرن کي ملائڻ سان ڪو نالو ڪري ناهي ٿو تہ اهڙي صنعت کي ”صنعت توشيح“ چئجي ٿو- مثلاً:

الف، ميم، يي، نون جي سڻ صدا،
منا جان جندڙي جلائي چڪس.

الف ميم يي نون ملائڻ سان ”امين“ نالو ٺهي ٿو.
ا م ي ن

هن شعر ۾ شاعر ڪوشش ڪري پنهنجو نالو ڳجهو رکيو آهي. پنهنجي تخلص کي معمو بنايو آهي. انهي لحاظ کان هن شعر ۾ ”صنعت معمہ“ بہ جهاتيون پائي رهي آهي. ٻن صنعتن جو هڪ ئي وقت هڪ شعر ۾ هئڻ سبب هي پڻ ”ذوالنوعين“ شعر آهي.

## صنعت ايهام

ايهام جو مطلب آهي وهم ۾ وجهڻ

هر معياري شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي لغت جي حجت يا سند ۽ لفظن جو مالڪ ۽ بادشاهه هوندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن شعر ۾ اهڙا لفظ ڪم آڻيندو آهي جو ذهن تي فوري طور ڪو هڪ مفهوم ايندو آهي. مگر ٿوري وڌيڪ غور ڪرڻ سان ٻيو مفهوم به نظر ايندو آهي، انهيءَ ڪري پڙهندڙ يا ٻڌندڙ وهم ۾ پئجي ويندو آهي ته شاعر جو پنهنجي اصل مفهوم ۽ مقصد ڇا آهي. شاعريءَ جي اهڙي صنعت کي "صنعت ايهام" چئبو آهي. اڇو ته امين فهيم جي انهيءَ صنعت جي استعمال مان محظوظ ٿيون:

(ا) هو ته مڙني ڪان مٿاهون آسندءِ رهبر، امين،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثنا خوان، غم نه ڪر.

هن شعر ۾ "قريب الذهن" اها ئي معنيٰ اُڀري اچي ٿي ته "اي امين! تنهنجو رهبر مڙني ڪان مٿاهون آهي جنهن جو خود خدا ثنا خوان آهي، تنهنڪري تون پنهنجي رهبر ڪامل جي رهبري تي مطمئن رهه ۽ فڪر نه ڪر.

هن شعر ۾ "بعيد الذهن" معنيٰ اها آهي ته تنهنجو رهبر امينﷺ ("امين" حضور ﷺ جو لقب آهي) مڙني ڪان مٿاهون آهي. مصرع اوليٰ ۾ "امين" لفظ اچڻ سان صنعت ايهام جو استعمال ٿيو آهي. جيڪو شاعر جو نالو ۽ تخلص به رهيو آهي. حضورؐ سائينءَ جو لقب به امين آهي.

پيغام

(۲) تون امين آهين فهيم،
فيصلو ڪج لاجواب.

هن شعر ۾ ”قريب الذهن“ مفهوم آهي تہ شاعر پاڻ کي چوي ٿو تہ ”اي فهيم تون مهنجي قرب جي ڪهاڻيءَ جو امين آهين. تون ئي فيصلو ڪري ٻڌاءِ، جنهن جي ٻڌڻ سان هر ڪو واهواه ڪري. ساڳئي شعر ۾ ”بعيد الذهن“ مفهوم آهي تہ ”اي امين ﷺ تون ئي امانتدار ۽ سمجهدار آهين. تون ئي منهنجي سڪ ۽ صداقت جو لاجواب فيصلو ڪر.“ انهي مفهوم سان هي شعر نعتيہ نظر اچي ٿو. تاهم شعر ٻڌندڙ کي اها پڪ ئي نہ هوندي تہ شاعر اهو شعر ڪهڙي مفهوم سان چيو آهي!

”صنعت ايهام“ جا ٻيا بہ بہ شعر پيش ڪجن ٿا:

(۱) ”محمّد امين“ کي نہ اڄ پر ڪڏهن کان،
زبان تي رڳو تنهنجو ئي نام آيو.

(۲) دائما اي ”امين محمّد“ جو،
عشق جهولي ۾ پائي جهلڻو آ.

## صنعت تضاد

شاعر پنهنجي شعر ۾ ڪنهن ڳالهہ تي زور پرڻ لاءِ ڪڏهن پنهنجي شعر ۾ اهڙا لفظ ڪم آڻي ٿو جيڪي هڪٻئي جا ”ضد“ (هڪٻئي جي ابتڙ) هوندا آهن.

شاعريءَ جي انهيءَ کي ”صنعت تضاد“ چئجي ٿو:

(۱) وساري تون بہ ويٺين دلربا! دنيا تہ مٽجي وئي.
”جفا“ سپ ڪنهن ڪئي ڪنهن کان ”وفا“ ٿئي ها تہ بهتر هو.

پيغام

هن شعر ۾ هڪ ئي مصرع ۾ ”جفا“ ۽ ”وفا“ جا ٻہ لفظ هڪٻئي جا ضد آهن، انهي صنعت کي صنعت تضاد چئجي ٿو.

ساڳئي شعر ۾ صنعت ”حسن طلب“ بہ ڪم آيل آهي. تنهنڪري هن شعر کي ”ذوالنوعين شعر“ چئبو. ازان سواءِ هن شعر ۾ ”صنعت تجنيس نام ناقص“ بہ لياڪا پائي رهي آهي.

(۲) نيٺ قسمت وانگي اڄ پڻ تون وئين هلندي ڇڏي،
”باوفا“ اڄ تون بہ ٿي وئين ”بيوفا!“ شاباس اٿئي!.

هن شعر ۾ صنعت تضاد سان گڏ ”ڏوراپو“ بہ ڏنو ويو آهي تنهنڪري هي شعر بہ ”ذوالنوعين شعر“ آهي.

(۳) عجب قانون الفت جا ڏسي مون کي لڳي حيرت،
نہ آهي ڪا بہ ”آساني“ وري ”مشڪل“ بہ ڪجھ ناهي!

هن شعر ۾ بہ صنعت تضاد سان گڏ ”صنعت تعجب“ استعمال ٿيل آهي انهي لحاظ کان هي شعر بہ ”ذوالنوعين شعر“ آهي.

”صنعت تضاد“ جا ٻيا چند شعر:

(۴) فڪر ڪهڙو حال جي ڪنهن جا ”فقيرانا“ هجن.
دل هجي زنده انهيءَ سان شوق ”شاهانا“ هجن.

(۵) تون پاڻ نڀائيندو اڇجان، هو پنهنجي رضا جو مالڪ آ.
تون”هار“۽”جيت“جوان سان ڪڏهن وهنوار نہ ڪر واپار نہ ڪر.

(٦) سڄڻ سائين مان هر ڪنهن حال ۾ خوش آهيان هر دم،
ٻي ”آزادي“ ڪان هن تنهنجي پياري ”قيدخاني“ ۾.

اُٿهتَ

(٧) مکين مون وٽ بہ جيکر دلربا ٿئي ها تہ بهتر هو،
هي "بختِ نارسا،" بختِ رسا ٿئي ها تہ بهتر هو.

## مراعات النظير

شاعر پنهنجي شعر ۾ ڪڏهن هڪ لفظ بيان ڪري پوءِ انهيءَ سان واسطيدار ٻيا لفظ بہ لڳاتار استعمال ڪري نفس مضمون کي مؤثر ۽ زوردار بنائيندو آهي. اهڙي صنعت کي "صنعت مراعات النظير" چئجي ٿو. اسان جي شاعر امين فهيم مراعات النظير جي صنعت جو بہ گهڻو استعمال ڪيو آهي، نموني طور چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

(١) امين جو "سائين" تون، "رهبر" بہ تون ۽ "آسرو" پڻ تون
قدم پنهنجا ڪڏهن اُن وٽ گهمائج يا رسول الله ﷺ!

هي هڪ نعتيہ شعر آهي، انهيءَ ۾ "رسول الله ﷺ" جو لفظ آڻي انهيءَ سان پنهنجي تعلق کي موثر بنائڻ لاءِ واسطيدار لفظ لڳاتار استعمال ڪيا اٿس: سائين، رهبر، آسرو.

(٢) هي حڪومت، بادشاهي، مال و دولت ڪجھ نہ آه،
عاشقن جي لاءِ آهي وصل جو واپار بس.

هن شعر ۾ نفس مضمون اهو آهي تہ عاشق پنهنجي محبوب جي وصل کي هر چيز کان وڏيڪ اهميت ڏئي ٿو. عاشق جي نظر ۾ ظاهري رعب تاب، جاه و جلال ڪجھ نہ آهي. انهيءَ سان تعلقدار يا واسطيدار شيون بيان ڪري مضمون کي پُراثر ۽ جاندار بنايو اٿس: -حڪومت، بادشاهي، مال، دولت.

پيغام

مراعات النظير جا ٻيا چند شعر:

(۳) صراحي، ساغرومينا، ڏٺــم ميخوار ويڳاڻــا،
سوا تنهنجي اي ساقي رونقِ محفل بہ ڪجھ ناهي.

(۴) جـدائــي، دردوالـم منهـنجي حصّي ۾ آهــن،
چڏي ڏي حال تي مون کي، قـمـر اداس نـہ ٿـي.

(۵) هر شجر ۾، صبا ۾ ۽ گل ۾،
جستجو جابجا ڪري ڏسبي.

## حسن التّعليل

شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ڪابہ بي تُڪي ۽ بي سبب ڳالھ نہ ڪندو آهي. ڪنهن بہ ڳالھ بيان ڪرڻ سان انهيءَ جي وضاحت لاءِ ڪو نہ ڪو "سبب" يا "دليل" بيان ڪندو آهي.

مثال:

(۱) مورک مور نہ ٻجهڻا هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
"ڪتّر" جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.
"شاھ ڪريم"

هن بيت ۾ پرين کي نہ ڏسي سگهڻ جو سبب بيان ڪيو ويو آهي تہ جن جي اکين ۾ "ڪتّر" (ٻيائي يا غير) آهي، سي پنهنجي دوست جو ديدار ڪيئن ڪري سگهندا؟.

(۲) دلِ بينا بھی کر خدا سے طلب،
آنکھ کا نور، دل کا نور نہیں۔
"اقبال"

هن شعر ۾ خدا کان ”دلِ بينا“ گهرڻ سبب بيان ڪيو ويو آهي ڇو تہ ظاهري اکين جي روشني، روشن ضمير جو دليل نہ آهي.

”پيغام“ جي شاعر امين فهيم ”حسن التعليل“ کي بہ گهڻو ڪم آندو آهي:

جت خرد جو ٿيو ڪمال ات عشق ۾ رکيم قدم.
ٿي جڏهن هڪ انتها، ٻي ابتدا حاصل ڪيم.

جت خرد جي حڪومت جون حدون ختم ٿين ٿيون، اُتان عشق جي ملڪ جي شروعات ٿئي ٿي. اهڙي طرح هڪڙي شيءِ جي انتها ٿيڻ سان ئي ٻيءَ شيءِ جي ابتدا حاصل ٿي.

هن شعر جي ٻنهي مصرعن ۾ ”صنعت تضاد“ بہ غالب آهي. لهٰذا هي شعر ”ذوالنوعين شعر“ آهي، ازان سواءِ هي ”سهل ممتنع“ شعر آهي، هن شعر ۾ ”صنعت متلائم“ ”صنعت سليس“ ۽ ”صنعت لف و نشر“ جون بہ جهلڪيون نمايان آهن:

(۲) اهائي خوش ادا ساقي جي برڪت جي نشاني آ،
جو هرڪي نيٺ مولانا کي پڻ ميخوار ٿيڻو پيو.

هڪ پارسا مولانا ميخوار ٿي پيو؟! امين فهيم ڪنهن قادر الڪلام شاعر وانگر بي سبب ۽ غير ذميدارانہ ڳالهہ ڪو نہ ٿو ڪري. هو انهي واقعي جو معقول سبب ٻڌائي ٿو تہ : خوش ادا ساقيءَ جي هوش ربا حسن ۽ دلربا ادا جي اها برڪت سمجهڻ گهرجي، جو خشڪ زاهد پارسا بہ سندس هٿ موٽائي نہ سگهيو ۽ پرت جو پيالو پي سرشار ٿي ۽ ميخوارن جي صف ۾ شمار ٿيو!

صنعت حسن التّعليل جا ٻيا چند شعر :

(۳) ساري دنيا کان گذاريان ٿو جدا، پرمست و خوش،
هي سبب آهي جـــو دل درد آشنـــا حاصل ڪيم.

پيغام

(۴) مون کان نہ ڪڏهن ڪو ڏوهہ ٿيو پر مست نظر مجبور ڪيو،
صهبا کان ڪڏهن ڪو ڪيف نہ ٿيو، ساقيءَ جي نظر مخمور ڪيو.

(۵) هوا اهڙي لڳي جنهن ڪو نہ ڇڏيو گُل زماني ۾،
رهيا باقي وجي اڄ خار منهنجي آشياني ۾.

(٦) گُلن سان گڏ رهڻ جي لاءِ مون ڪي خار ٿيڻو پيو.
تڏهن اُن جو ٿيس، جڏهين ٻين تي بار ٿيڻو پيو.

(۷) فلڪ کي رشڪ ٿيو اهڙو زمين جي بارريابي تي،
جو آخرڪار ان کي خاڪ پايءِ يار ٿيڻو پيو.

(۸) هوا اهڙي تہ گلشن کي لڳي ناسازگار آهي،
جو خوشبو کي بہ گلڙن کان جدا لاچار ٿيڻو پيو.

(۹) پهرين ساقي پيار واعظ کي،
سرِ تان آفت کي ٽارڻو آهي.

## صنعت سوال جواب

شاعر ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي طور تي ڪنهن سان نہ ڪنهن سان همڪلام ٿيندو آهي. اهي مڪالما شعر ۾ بيان ڪندو آهي. پنهنجي سوال سان انهي جو مليل جواب گڏوگڏ پاڻ ٻڌائيندو آهي. انهي کي ”صنعت سوال و جواب“ چئجي ٿو.

(۱) اڄي ٿيو تنگ منهنجي ”شاعرانہ عرض“ کان سهڻو:
چيائين: ”وڃ هتان فوراً“ ! چيم ”دلبر خدا حافظ“!.

(٢) پڇيم "تنهنجي چمڻ لءِ ڇو هزارين منتظر آهن؟"
چيئين "ان لاءِ جو پيارن سندو پيزار آهيان مان."
(٣) جڏهن مون روئي ڪئي پنهنجي يار ڪي پارت!
چيئن:- "مون بس ڪئي تو سان جفا وري نه ڪبي."

## مبالغه

صنعت مبالغه شاعريءَ لاءِ مباح آهي. مبالغو (وڌاءُ) بظاهر ته هڪ ڪوڙ يا ٻناڪ نظر ايندي پر انهي جي معرفت ئي صحيح طريقي سان بيان جي موقف يا مقصد جي اهميت جي خبر پوي ٿي:

چوڏهين چنڊ تون اُڀرين، سهسين ڪرين سينگارَ،
پلڪ پريان جي نه پَرِين، جي حيلن ڪرين هزارَ،
جهڙو تون سڀ ڄمارَ، تهڙو دم دوست جو.
(شاهه رحہ)

شاهه صاحب به مبالغي ڪان گهٽو ڪم ورتو آهي. ڪيترن ئي بيتن ۾ مبالغه آرائي آهي. مبالغه شاعر جو شاعرانه حق آهي. عام ماڻهو سندس تخيل جي پرواز کي پهچي ۽ سمجهي نه سگهندا جيسين هو مبالغه سان انهن کي نه سمجهائي. مندرجه بالا بيت ۾ جيڪڏهن صرف ايترو بيان ٿيل هجي ها ته منهنجو محبوب بيحد سهڻو آهي ته عام ماڻهو سونهن جي ڪمال سمجهڻ کان قاصر رهجي وڃي ها. تنهنڪري ئي شاهه صاحب فرمايو ته چوڏهين جو چنڊ جيڪڏهن سراپا سينگارجي ظاهر ٿئي ته به يار جي برابر ٿي نٿو سگهي. چوڏهين جي چنڊ جي سموري حياتيءَ جو حسن يڪجا ڪجي ته به منهنجي محبوب جي هڪ جهلڪ برابر به پهچي نه سگهندو.

امين فهيم بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ مبالغہ آرائي ڪافي ڪئي آهي. چند شعر نموني طور پيش ڪجن ٿا!

(۱) گـردشِ ايـّـام ڪـي روڪـي ڇڏيـو اي دوسـتـو،
فڪرِ فردا ۾ جڏهن مصروف مسـتـانـا هـجـن.

(۲) وفـا پئي واٽ تان ويئي جهلي دامن وٺي آيـس،
جو اُن ڪي واٽ ويندي ٿي وفادارن ڏسـي ورتـو.

(۳) سـال سيـنـگاريـنـدي گذري ويا درو ديوار ڪـي،
ڪنهن چيو هو آئون ٿيندس تنهنجو مهمان عنقريب.

(۴) سجڻ منهنجي لئي هڪڙو نئون جهان دل ۾ بنايو ٿم،
جتي شاخ و شجر ناهي، جتي شام و سحر ناهي.

(۵) جي حياتي وفا ڪئي تہ ”فهيم!“
عـشـق ۾ انـتها ڪري ڏسـبي!

## صنعت تعجّب!

راهہ محبت ۾ شاعر کي ڪڏهين اهڙيون عجيب واردات، محسوسات ۽ ڪيفيات معلوم ٿينديون آهن جو پاڻ بہ حيران ٿي ويندو آهي ۽ تعجّب جو اظهار پنهنجي شعر ۾ ڪندو آهي. اهڙي صنعت کي ”صنعت تعجّب“ چئجي ٿو:-

(۱) ”فهيم“ آهـــي تـعـجّـب هن جـــو مون کي!
اهو ٿي ويو نہ هو جيڪـي گمان ۾!!

(۲) ڏس ”امين!“ سيني ۾ ڪيئن سانڍيو هلين ٿو درد و غم،
ڪـنـهن نــ پــر تـوکـي سـجـاتـو! نيٺ مشڪل ٿي ويو.

(۳) ڪـــو نہ موٽئين سڄڻ! وڃڻ ڪـــان وئين!
تــو بـــ وَهہ جا وفــا ڪـئـي آهـــي!!

(۴) ڪـيـمـ جـنـهن ســـان بہ اظهارِ محبّت:
خـدا جـو شـان! سـو مـغـرور ٿـي ويو.

## تجاهل عارفانہ

ڪڏهن ڪڏهن شاعر پنهنجي شعر ۾ اهڙي صنعت استعمال ڪندو آهي جو سڀ ڪجهہ سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي باوجود پاڻ کي نهايت معصوميت سان ناسمجهہ يا اڻ ڄاڻ ظاهر ڪندو آهي. ڄاڻي ٻُجهي بہ اڻ ڄاڻائيءَ جي اظهار ڪرڻ کي ”صنعت تجاهل عارفانہ“ چئجي ٿو:

تُنهنجي هوندي بہ دل جي ڦٿڪڻ کي،
بـيـقـراري، قـرار؟ ڇـا چئـــجـــي!

اوچتو من پسند محبوب اڱڻ تي پير پيري تہ بي پناهہ خوشي ۽ بي انتها پيار باعث دل جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي: شاعر اهڙي ڪيفيت کان باخبر هوندي بہ پاڻ کي بلڪل بي خبر محسوس ڪرايو آهي. امين فهيم مذڪوره بالا شعر ۾ ”تجاهل- عارفانہ“ کان ڪم ورتو آهي.

پيغام

چاهتِ

هر ڪَلي اشڪِ غم سان سينگاريم،
مالهي سمجهيو تہ ماڪ پئي آهي.

هن شعر ۾ شاعر جو بظاهر مقصد آهي تہ چمن جي هر مکڙيءَ کي اشڪِ غم سان مون سينگاريو آهي. حالانڪہ هن کي اهو بخوبي معلوم آهي تہ مکڙين تي ماڪ جا ڦڙا آهن. تنهن هوندي بہ اڻ ڄاڻ بڻجي چوي ٿو تہ اِهي منهنجي وڇوڙيل اکين جا لڙڪ آهن. ”صنعت تجاهل-عارفانہ“ سان گڏ هن شعر ۾ شاعر ”صنعت مبالغہ“ کان بہ ڪم ورتو آهي ڇاڪاڻ تہ چمن ۾ هر ڪليءَ کي اشڪ غم سان سينگارڻ مشڪل ڪم آهي. ٻن صفتن جي ڪم آڻڻ ڪري هي ”ذوالنوعين“ شعر آهي. ازانسواءِ هن شعر ۾ ”تشبية“ بہ آيل آهي. اشڪ غم کي ماڪ جي ڦڙن سان تشبية ڏني وئي آهي. هن جاءِ تي بہ اسان جي شاعر تجاهل عارفانہ جي صنعت کان ڪم ورتو آهي. حالانڪہ انهيءَ کي بخوبي علم آهي تہ اهي ماڪ جا ڦڙا آهن نہ ڪي غم جا لڙڪ! پر اتي اڻ ڄاڻ هئڻ جي ذميواري وڏي هوشياريءَ سان مالهي تي اڇلي ٿو!

هن شعر ۾ امين فهيم پنهنجي باشريعت بزرگ حضرت مخدوم نوح سرور رح جي بيت جي چڱي طرح چٽي ترجماني ڪئي آهي:

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ ڀانئيو، ماڻهئا!
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي
(حضرت مخدوم نوح رح)

تحاهل عارفانا جا چند مثال :-

(۱) توکي ماڻهن جي روبرو جاني!
دوست، محبوب، يار؟ ڇا چئجي.

(۲) بيوفائي وفا جي بدلي ۾،
شرم، ڪاوڙ يا آر چا چئجي.

اي فهيم تون مون کي ٻڌاءِ ڪٿي تہ حقيقت ڪيئن آغاز ۾ هئي،
مون ڪنيو يا نٿي ڪنيو پنهنجو قدم، ڪجھ ياد اٿم ڪجھ وسري ويو.

## واسوخت

محبّت، خلوص، وفا، قرباني، صبر و تحمّل وغيره جي باوجود راهہ محبت ۾ جڏهن مسلسل سور سختيون، نفرتون، ظلمتون، بيوفايون، ارڏايون، ذهني زخم، عزّت نفس ۽ خلوص نيت تي شبهات ۽ شڪ حملا ۽ ڏک نصيب ٿين ٿا تہ عاشق صادق اندر جو اندر ۾ پيو ڪڙهندو آهي. لبڪشائي نہ ڪندو آهي مگر پنهنجي بيزاري، ناراضگي، مذمت ۽ بوريت جي احساس جو اظهار زيبِ نظم ڪندو آهي. اهڙي ڪلام کي ”واسوخت“ چئبو آهي.

امين فهيم تي بہ اهي اوقات آيا جن ڪيس جهنجهوڙي ڇڏيو. واردات قلبي جو اظهار پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح ڪري ٿو:

(١) حسن وارن کي محبّت جو صفا احساس ناهہ،
ڪوٺ ۾ هي آهي ڪاتو، نيٺ مشڪل ٿي ويو.

(۲) محبوب بنا هي روشن راتيون چنڊ ۽ تارا ڪين کپن،
جي پيار ڏئي پو ڏار ڪنداسي سهٽا سهارا ڪين کپن.

## پيغام

(۳) مان پنهنجي ۾ ئي پورو آهيان چو چيڙين ٿي تون بادِ صبا،
چو ساهه سڏارڻ ٿي چاهين تنهنجا تہ سڏلرا ڪين ڪپن.

(۴) سحر هڪڙي طرح گذري، بدلجي شام آئي آ،
جهان جي هن دورنگي دور ڪان بيزار آهيان مان.

(۵) انتقاماً چڏيم محبت ڪئي،
پيار ڪي درد سر ڪري ورتم.

(٦) فهيم آه و فغان مان تہ ڪجهہ بہ ڪونہ وريو.
حضورِ يار ۾ هائي صدا وري نہ ڪبي.

(۷) پنهنجي ماه لقا ڪان دور ٿيو،
زيست درد آشنا ڪري ڏسبي.

(۸) رکو گلشن جي هر ڪا شيءِ سنڀالي،
اسان جو ڇا اوهان جي گلستان ۾!؟

(۹) هتن سان قرب جي ڪشتيءَ کي بوڙيم،
پوڻ چاهيم نٿي ڪنهن امتحان ۾.

## شهر آشوب

شاعر پنهنجي وقت ۽ حالات جو بهترين عڪاس هوندو آهي، محبت جي لوازمات ۾ مگن رهڻ جي باوجود هو گردونواح جي حالات کان بي خبر هرگز نہ هوندو آهي.

پيغام

پنهنجي شهر جي تباهي، زوال، ابتر حالت، ويراني يا گردشِ دوران، زماني جي بي ثباتي بي اعتدالي، مصائب و مشڪلات جي روئداد پنهنجي ڪلام ۾ هوبهو آڻيندو آهي، اهڙي نظم کي شهر آشوب چئبو آهي.

١٩٥٥ع ۾ هالا پراڻا کان مست مهراڻ پاڻ شروع ڪيو. ڪيترا ڳوٺ غرقاب ٿي ويا. هالا پراڻا هالا نوان جا ٻئي شهر مڪمل طور خالي ٿي ويا، بلڪل نظر آيو ٿي ته هالا نوان به مڪمل طور غرقاب ٿيندو. دريا جو زور ڪنڊوءَ وٽ زبردست هو. اتان ڪلياڻ جو بچاءُ بند ڀڄي پيو ۽ مهراڻ، مست گهوڙي وانگر ڪيبر ڪنڊو سيڪاٽ متياري هٽڙي ۽ حيدرآباد جي مشرق طرف تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳو. هالا نوان وٽان پاڻيءَ جو رخ بدلجي ويو. قومي شاهراهه ڪيترا مهينا بند رهي. پاڪستان جي ”پورالي ندي“ (سنڌو ندي) جو اهو پُر خوف ”پُور“ هو. ڪيترن شاعرن انهيءَ واقعي تي ”شهر آشوب“ نظم لکيا.

امين فهيم جي انهي وقت عمر تقريباً ١٨ سال هئي، پر حساس شاعر پنهنجي ابتدائي دور ۾ به انهيءَ واقعي کي هيئن بيان ڪيو آهي:

اسان جي شهر هالا کي بچائج يا رسول الله،
سيئي مشڪل غريبن تان هٽائج يار رسول الله.

## ريختي:

ايراني شاعريءَ جو اثر سنڌي شاعري تي نمايان آهي. عروضي شاعريءَ جي ڪم وبيش سيني صنفن ۾ ”مرداني زبان“ استعمال ڪئي ويندي آهي.

سنڌي شاعريءَ جي مزاج ۾ انڪساري، عاجزي ۽ هيٺائيءَ جو اظهار ڪيو ويندو آهي. جيڪو ”ريختي“ (زالاڻي زبان) ۾ استعمال ٿيندو آهي:

”هيٺي ڏسي ذات جيڪس جت چڏي ويا.“

سنڌي شاعري جون اڪثر و بيشتر صنفون ”عورت جي زبان“ ۾ چيون وڃن ٿيون.

بيت، وائي، ڪافي، سي حرفي وغيره صنفن ۾ ”زالاڻي ٻولي“ استعمال ڪئي ويندي آهي. جڏهن ڪا عورت ڳالهائي رهي آهي.

شاهه جي شاعري ۾ ريختي جو اعليٰ ۽ معياري نمونو آهي، امين فهيم جي ڪافين ۾ ريختي استعمال ڪيل آهي. اهڙي طرح مضمون جي طوالت جي خوف کان پيغام جي شاعر امين فهيم سائينءَ جي ڪلام جي ”فني جائزي“ جو انهن چند صنعتن جي نشاندهي تي اڪتفا ڪرڻي پوي ٿي. شاعريءَ جو فن بحرِ عميق آهي. انهي جي پاتار مان چند سپون(صنعتون) سوجهي ڪڍي انهن جي موتين جو نمونو پيش ڪيو ويو آهي.

انهن صنعتن کان علاوه امين فهيم جي ڪلام ۾، صنعت ڪلام جامع، صنعت موقوف، صنعت تضاد، صنعت لف و نشر، ايجاز، اطناب، ڏوراپو وغيره جون جهلڪيون به واضح نظر اچن ٿيون.

پنهنجي ناقص علم مطابق جن به صنعتن جو جائزو ورتو ويو آهي انهن جو عام فهم انداز ۾ تعارف پڻ ڪرايو ويو آهي. جنهن مان مبتدي شعراء ڪرام جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو. هن جائزي ۾ صرف غزل جي زمين جو جائزو ورتو ويو آهي. اسان جي شاعر امين فهيم شاعري جي ٻين صنفن جهڙوڪ قطعات، مثنوي، بيت، ڪافي، وائي، مدح، مناجات، سلام ۽ سهرو وغيره جي صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي.

قارئين ڪرام کي دست بسته گذارش آهي ته هن جائزي ۾ صرف شاعرانه فني خوبين جو ذڪر ٿيل آهي. امين فهيم جي هر ڪاوش تي تاريخون لڳل آهن، انهن کي ڏسي علم، عصر ۽ شاعرانه مشق کي مدنظر

رکي قارئين ڪرام فني اوٽايون پاڻ ڏسن، امين ۽ منصف بڻجن. هي انساني ڪلام آهي ڪنهن بہ انسان جو ڪلام اوٽاين کان آجو تي نٿو سگهي ڇو تہ ڪامل مطلق صرف الله جي ذات آهي ۽ اوٽاين کان آجو صرف الله جو ڪلام آهي.

امين فهيم سائين مهنجي محبوب محسن ۽ استاد قبلہ طالب المولىٰ سائينءَ جو وڏو فرزند آهي. ننڍپڻ جي زندگيءَ جو ۽ شاعريءَ جو ابتدائي ۽ ارتقائي دور اسان ٻنهي جو گڏ گذريو. اجا ائين بہ انهيءَ سان اهو ئي دلي لڳاءُ، اها ئي وابستگي ۽ اهائي روحاني حب ۽ اُڪير آهي. تاهم ڪنهن بہ ذره برابر رعايت کان سواءِ مون بي ريائي ۽ بيباڪيءَ سان سندس شاعرانہ فن جو تنقيدي جائزو ورتو آهي. سندس دلي جذبات، ڪيفيات، تخيلات ۽ احساسات جو تجزيو ڪيو آهي. مختصر مدت ۾ مون پنهنجي فرض ادائي ڪيتري قدر پوري ڪئي آهي، سو فيصلو قارئين ڪرام تي ڇڏيل آهي.

**محبوب سروري**

۳۰، ڊسمبر ۱۹۹۰ع

# نعت

پیغام

# پیغام

محمدؐ تنهنجي مي جو مان ٽيس ميخوار بسم الله،
پِري ساقي پيالي تي پيالو پيار بسم الله

شرابِ عشق عربي اڄ پياري مست ڪر اهڙو
هجي جنهن جو مون کي هر دم نشو نروار بسم الله

گهڙي پل ۾ هتان مون کي گهرائي وٺ مديني ۾،
اهو ڪو معجزو مرسلؐ ڪري ڏيکار بسم الله

هئو مشڪل مگر تنهنجي اچڻ کان پوءِ آسان ٿيو،
ڏسي توکي لهي وِيڙا غمن جا بار بسم الله

سڳوري رات سونهاري ۽ هئي ڪا مهل موچاري
ڪيم جنهن رات تنهنجو خواب ۾ ديدار بسم الله

سجڻ قدمن مٿان تنهنجي ٿِيان قربان لک ڀيرا،
ڪيان معلوم جي تنهنجي اچڻ آثار بسم الله

"امين" مشڪل اچي ڪوئي ته پڙهه صلوات سيّد تي،
غم و اندوهه مان ٿي ويندا بيڙا پار بسم الله

۲۳، نومبر ۱۹۵۴ع

▲

سچڻ آهيان سنڌ ۾ نوڪر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي،
تون سائين ۽ سخي سرور انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.

مان پڻ تنهنجي ئي دامن کي، جهليو ويٺو آهيان داتا،
ڪيو قادر اتئي اڪبر انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

محمدؐ مير مرسل سار لهہ ساجهر اچي سائين“
مٽن جي آهين پيٽي پر انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

ڏئي شل پاند پنهنجي لطف سان ڍولڻ ڏکين مون کي،
اهين تون ئي اڄهو آڏر انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

خدارا ڪر مدد منهنجي اچي محبوب مولا جا،
نہ توريءَ آهي ڪا واهر، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

سوين خالي وِيا حاصل ڪري سڀ ڪجهہ سنڌءِ درتان،
ٻيو ڪو ناهي اهڙو در انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي

جمالِ يار جو همسر ڀلا ٻيو ڪير ٿي سگهندو
گهٽو ئي گهٽ مهِ انور، انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي

مدد منهنجي "امين" آهي محمدﷺ ڄام سونهارو
نہ جنهن جو آهي ڪو همسر، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي

۱۳. جولائي ۱۹۵۷ع
هالا

# پیغام

# غزل

پیغام

# پیغام

▲

آرزو بيڪار تي،
زندگي آزار تي.

تنهنجو ڪو ناهي رفيق،
تون مڙن جو يار تي.

ساقي ڪوثر هٿان،
سُرڪ پي سرشار تي.

آسرو ڪنهنجو نہ ڪر،
پنهنجو خود غمخوار تي.

غير سان پڻ ڪر چڱي،
تون نہ ڪنهن تي بار تي.

پاڻ بدڪاريءَ کان بچ،
صاحبِ ڪردار تي.

يار جي درتي "فهيم"
رهڻو ٿئي پينار تي.

١١. سيپٽمبر ١٩٥٧ع
هالا

▲

آ سچڻ سائين فقط تنهنجو رهيو تم آسرو
تو سوا ٻيو ڪير ٿيندو منهنجي آڌر ۾ اجهو.

تون فقط هڪ مهربان ٿي، غير جي پوڪاڻ ناهہ
ڇا ڪندا اغيار مون کي تو اگر پنهجو ڪيو.

سچ ٻڇين ساٿي سيئي ويرانگيءَ ۾ ويا ڇڏي،
يادِ ماضي جو حوالو ئي وچي آهي رهيو.

سال ٿيا پر ڳالهہ ساڳي آ ستائيندو اچين،
هي ستم سهڻا اچا چؤ ڪيسين تائين پيو ڪبو.

ڏينهن راتيون موسمون بدليون، فضا بدلي مگر،
ڪجهہ تفاوت ناهي آيو، تو ۾ ڪو ترِ جيترو.

دل پريشان، حال ابتر، چشم گريان، دربدر،
تو بنا اي دلربا شايد وڃان ٿي مان چريو.

اڄ وڃي ٻوڙي ٻُڪي ان جي ڪِران قدمن مٿان،
۽ چوان تنهنجو اهيان پو ڇا چڱو ۽ ڇا ٻُرو.

اڄ پرين تنهنجي رهي ٿي ياد دل ۾ هر گهڙي،
مون کي تون منهنجا "امين" هڪڙو ٻه پل وسرين نٿو.

١٨، جنوري ١٩٥٥ع
هالا

▲

آ، سنڌ انتظار ڪافي آ،
دل تي بيدرد بار ڪافي آ.

جنهن جي هر وقت دل ۾ ياد آهي،
منهنجي لءِ سوئي يار ڪافي آ.

پورو وعدو ڪندين يقين اٿم،
توتي تيو اعتبار ڪافي آ.

سيم و زر جي طمع نہ دل ۾ اٿم،
منهنجي لءِ منهنجو پيار ڪافي آ.

آهي صيّاد، مرغِ دل حاضر،
حال هِي ئي شڪار ڪافي آ.

منهنجي دل جي خبر اٿئي سهڻا،
تنهنجي لءِ بيقرار ڪافي آ.

چو تو تيغ و تبر تون ڪم آڻين،
تنهنجي ابرن جو وار ڪافي آ.

ڪهڙي ان جي ثنا ڪريان آئون،
ماه روُ قربدار ڪافي آ.

راز ڪنهن ڪان لڪائيندين تون ”امين“
تي ويو آشڪار ڪافي آ.

٨ . مارچ ١٩٥٧ع
٩:٠٠ رات، ٽنڊو آدم

آهيان اي يار دست بہ دامان ڪڏهن،
آخر وجو وسايان بيابان ڪڏهن.

دلبر تئي تو وصل جو خواهان ڪڏهن،
پورو ڪري تو منهنجو بہ ارمان ڪڏهن،

سهڻو تئي تو منهنجو بہ مهمان ڪڏهن،
منهنجي بہ گهر تئي تو چراغان ڪڏهن.

مدّت کان پوءِ مون ڏي نگهہ ڪيف زا ڪنيئين،
هو بي وفا بہ پاري تو پيمان ڪڏهن.

هن لءِ سدائين آئون پريشان تو رهان،
مون لءِ بہ هو تئي تو پريشان ڪڏهن.

ڀيو ڪو مريضِ عشق جو درمان نٿو ٿئي،
خود درد ٿئي ٿو درد جو درمان ڪڏهن.

دل ۾ ثنائي يار ته هر دم ڪندو رهيس،
ظاهر ۾ ٿيندو آهيان ثنا خوان ڪڏهن.

آهن اگرچه اشڪ روان پر نري نه دل،
”شبنم به ٿي جلائي گلستان ڪڏهن.“

قسمت سان يار قرب ڪري ٿو اچي اگڙ،
مون وٽ ٿئي ٿي محفلِ رندان ڪڏهن.

شب روز مان ته يادِ صنم ۾ رهان ٿو گم،
مون لءِ به هو ٿئي ٿو پريشان ڪڏهن.

جو دست چاڪ ٿو ڪري دامن ڪي اي ”فهيم“
سوئي بچائي ٿو وٺي دامان ڪڏهن.

٦. نومبر ١٩٥٨ع
٩:٣٠ رات - هالا

▲

آئون تنهنجي تار ۾ ڦاسي پيس،
عشق جي آزار ۾ ڦاسي پيس.

عشق جي اسرار ۾ ڦاسي پيس،
حسن جي واپار ۾ ڦاسي پيس.

گل پٽيندي خار ۾ ڦاسي پيس،
”ڇٽڪ دامِ يار ۾ ڦاسي پيس.“

اشڪ اکين ۾ ۽ آهون دل اندر،
مان تہ عشقِ يار ۾ ڦاسي پيس.

تنهنجي اکڙين ۾ سچڻ ڇا ٿو ڏسان،
هن عجب اسرار ۾ ڦاسي پيس.

تنهنجي آئون ديدار لءِ آيس مگر،
برهہ جي بازار ۾ ڦاسي پيس.

ڪنهن جي قيدي ٿي رهڻ جي لءِ ”امين“!
ڄاڻي واڻي ڄار ۾ ڦاسي پيس.

۱۸، دسمبر ۱۹۵۴ع
هالا

پيغام

▲

اڄ ڪجن سي جرم جن تي خوب جرمانا هجن،
۽ سياڻي هر زبان تي جن جا افسانا هجن.

فڪر ڪهڙو حال جي ڪنهن جا فقيرانا هجن،
دل هجي زنده انهي سان شوقَ شاهانا هجن.

جان جي بازي لڳائن سر تري تي جي رکن،
سي هلن مون ساڻ جيڪي مرد مردانا هجن.

بت شڪنِ خواهش جي هر دم هيءَ تمنّا تي رهي،
ڪاش! ڪيئي بت هجن ۽ ڪيئي بتخانا هجن.

بندشن اهڙي تہ آهي سلب آزادي ڪئي،
تنگ تي پنهنجا بہ چاهن ٿا تہ بيگانا هجن.

پيغام

شل وري اهڙو اچي ڪو انقلابِ خوشگوار
ڇوٽ ميڪش پيا گهمن ۾ قيد مولانا هجن.

لب لبن تي آڻ ڪو جامِ صحت تجويز ڪر،
شرط اهو ناهي تہ ڪو هٿ ۾ بہ پيمانا هجن.

عقلمندن جي اڳيان خاموش رهڻو ٿو پوي،
دل چوي ٿي دلربا جي در تي ديوانا هجن.

اڄ هلون گڏجي اُتي جت روح کي راحت ملي،
محفلِ رندان هجي ۾ راز رندانا هجن.

مات جي ميدان ۾ اهڙو ڪو هنگامو ڪجي،
برهہ جي باهين اڳيان پُرجوش پروانا هجن.

گردشِ ايّام کي روڪي ڇڏيو اي دوستو!
فڪرِ فردا ۾ جڏهن مصروف مستانا هجن.

٢٧، جنوري ١٩٨١ع
٩:٠٠ رات- ڪراچي

اجا اُن جي اڳيان اي يار! ليلائڻ نٿو ڄاڻين،
رنل کي رمز سان ريبي، تون ريجهائڻ نٿو ڄاڻين.

درِ دولت تي ڪئين بي گهر اچوڪن ٿا اجهو حاصل،
جو تون پنهنجي دران ڪنهن کي بہ لوڏائڻ نٿو ڄاڻين.

سچڙ تنهنجي اهائي مهرباني آهي ڪافي جو
تون خود ماري سگهين ٿو ٻئي کان مارائڻ نٿو ڄاڻين.

هو آهي مهربان، بخشي سگهي ٿو هر خطا تنهنجي،
مگر اي بوالهوس تون پاڻ بخشائڻ نٿو ڄاڻين.

نہ آهي جاءِ حجّت جي مان ڪئن گستاخ ٿي چوندس،
"رُسائڻ خوب ڄاڻين ٿو ۽ پرچائڻ نٿو ڄاڻين".

پيغام

هميشه آهين گڏ، پر تنهنجي صورت کي ڏسڻ مشڪل،
لڪڻ ڏاڍو تو ڄاڻين، پاڻ ڳولائڻ نٿو ڄاڻين.

پرين تنهنجي پناري آهِيان، ڪر ڪا نظر نرمل،
ٻڌڻ ۾ آهي، خالي ڪنهن کي موٽائڻ نٿو ڄاڻين.

”فهيم“ آهين ڏکويل ڇو انهيءَ جي ڪنهن کي ڪل ڪانهي
ءَ تون پڻ پنهنجي حالت ڪنهن کي سمجهائڻ نٿو ڄاڻين.

۴، ڊسمبر ۱۹۵۷ع
هالا

▲

اڄ رات ڏکي گذري اڄ رات چڱي گذري،
دلبر جي اڱيان ساعت هيهات چڱي گذري

هو آخري دم آيو جو نزع جي حالت ۾،
ٻي عمر تہ پي گذري، سڪرات چڱي گذري

تاريڪيءَ فرقت کان هئي رات بہ اونداهي،
هو آيو گهڙي پل لءِ پربات چڱي گذري

هر رات ستارا هئا، هر رات نظارا هئا،
پر منهنجي تہ قسمت سان ڪا رات چڱي گذري

ٿيون نيٺ ملاقاتون اکين بہ رُنو خوش ٿي،
مون لاءِ تہ ٻي موسم برسات چڱي گذري

مشڪل نہ هئو مشڪل آساني نہ آساني،
ڪيئن چئجي "فهيم" آخر هيءَ رات چڱي گذري

٢٩ . آگسٽ ١٩٥٩ع
٦:٣٠ شام - وڏو بنگلو هالا

▲

اسان جي دردِ دل جي حسن وارن کي خبر ڪهڙي،
گلِ پز مرده جي رنگين بهارن کي خبر ڪهڙي

ڪلي، جا گل ٿيڻ کان اڳ گلستان مان چُني ورتئون،
انهيءَ جي آرزوئن جي بهارن کي خبر ڪهڙي

فسانو شبنمِ غمگين جي هر دم اشڪِ ريزي جو
جڏهن گل ئي نٿو سمجهي تہ خارن کي خبر ڪهڙي

اکيون ڇو اوچتو پرجو اچن اشڪِ ندامت سان،
پلا هن راز پنهان جي ستارن کي خبر ڪهڙي

اُتم جا آرزو دل ۾ جهان وارا نٿا سمجهن،
اهو هڪ مسئلو آهي، سو ٻارن کي خبر ڪهڙي

چوڻ وارن اشارن ۾ چئي ورتو جَو چوڻو هو
سندس مطلب تہ مون سمجهيو اشارن کي خبر ڪهڙي

"فهيم" آخر ۾ ڇا گذريو ٻڏڻ کان پوءِ ڪشتيءَ تي،
اهو گرداب کان پڇبو ڪنارن کي خبر ڪهڙي

١٩٦٠ع

▲

اک پنڌ کان اڳ بہ آهين منهنجا دلبر مون اڳيان،
هر گهڙي هر وقت ۾ موجود هر هر مون اڳيان.

تون تصوّر جي جهان ۾ ٿو رهين مون ساڻ گڏ،
ڏينهن توڙي رات بس آهين سراسر مون اڳيان.

مان اُٿي، ويني، سُتي ۽ جاڳندي، اي مهلقا!
ٿو اکيون پوري ڏسان تون آهين حاضر مون اڳيان.

تون نہ مون ڏي ٿو اچين، اي بيوفا! اي سنگدل!
پو بہ تنهنجو عڪس آ دلبر برابر مون اڳيان.

مون سڪايل جا سهارا، تون جدائي ڪين ڪر،
اچ وري موٽي تہ اچ، منهنجا مسافر مون اڳيان.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سخت دل چو تو تيئين جي پيار سيکاريو اٿئي،
چؤ پلا سهڻا سڄڻ، ايندين بہ آخر مون اڳيان؟

مان وٺان آغوش ۾ توکي پلا ڪهڙي طرح،
جو فقط موجود آ، تنهنجو تصوّر مون اڳيان.

قرب واري جي برابر ڪير آ دنيا اندر،
هيچ آهن اي "امين" دارا، سڪندر مون اڳيان.

۴، ڊسمبر ۱۹۵۳ع
هالا

▲

اي امين! تو سان پيار ڪير ڪندو؟
پاڻ کي بيقرار ڪير ڪندو.

چو ٻڌايان جهان کي حالِ دل،
رازِ دل آشڪار ڪير ڪندو؟

پاڻ ئي پنهنجي لاءِ روز و شب،
تو سان نادان! پيار ڪير ڪندو.

تون تہ دنيا ۾ مثلِ خار آهين،
گل ڇڏي پنهنجو خار ڪير ڪندو.

٢٣. مارچ ١٩٥٩ع
هالا

▲

انهيءَ ئي منهنجي حياتيءَ جو قدر ڪو نہ ڪيو
مون جنهن جي ذات کي هر وقت زندگي سمجهو.

هميشہ رات جي اونداهين ۾ مونسان مليو
مون جنهن جي پيار کي پنهنجي لءِ روشني سمجهو.

جهان پيار جي جلون سان تنهنجي آ روشن،
زماني جنهن جي محبّت کي تيرگي سمجهو.

مون پنهنجو سر نہ جهڪايو جو ڪيس ڏسڻو هو،
انهيءَ عمل کي سين آهي همسري سمجهو.

خلوص دل سان ملڻ تو سان منهنجو محفل ۾،
ڏنو آ جنهن بہ انهي آهي عاشقي سمجهيو.

جڏهن بہ شرم کان رخسار سرخ ٿيا تنهنجا،
طبع جي تنهن کي سين تنهنجي برهمي سمجهو.

اسان جو پيار وڃي پهتو انتها کي "فهيم"
زماني ساري اجا تائين سرسري سمجهو.

١٠ دسمبر ١٩٨٠ع
١١:٠٠ رات - ڪراچي

پيغام

▲

اوهان جي اتم ياد، شب روز جاني،
ڪڏهن ڪا اچڻ جي ڪريو مهرباني.

هئي نيٺ جهٽ پٽ ۾ تي ويندين فاني،
عجب آهي دنيا عجب زندگاني

نہ مَٺ سج سندس ۽ نڪي چنڊ همسر،
يلا ڪير سهڻي جو تي سگهندو ثاني.

ڪريو ڪا ورڻ واري پرديس وارا،
وڃي تي وهاميو شبِ زندگاني.

نہ ڪنهن تي ڪجئين يارا! تون پروسو ڪو،
زمانو بہ فاني، جواني بہ فاني.

پيغام

نہ غفلت ۾ ڪو دم بہ خالي وڃايان،
خدايا اها خاص تئي مهرباني.

ڪنيا قتل لءِ دلربا پاڻ سان اڄ،
اهن تير مزگان ۽ ابرو ڪماني.

"امين" هن زماني ۾ خاموش رهجين،
متان ڪم اچي پيار ۾ بي زباني.

۱۵، جنوري ۱۹۵۸ع
هالا

▲

اوهين جنهن کي ٿا سمجهو خار سوئي خار ڪونهي ڪو،
اهو تيرِ نظر گل جو اٿو بيڪار ڪونهي ڪو.

مخالف جي ڪري ٿي پنهنجي حالت ٿيندي آ بهتر،
نہ سمجهو يار ٿي هن کي، مگر اغيار ڪونهي ڪو.

مون پنهنجي زندگي ۾ نيث هي جانچي ڏٺو آهي،
تہ مون جهڙو ڪو ٻيو منهنجو جهان ۾ يار ڪونهي ڪو.

ازل کان مون اوهان جي در جي درباني قبولي آ،
جي گهر جي سر بہ حاضر آهي، ڪو انڪار ڪونهي ڪو.

٢٠. آڪٽوبر ١٩٥٦ع
هاءِ اسڪول هالا

▲

اي بيقرار اي بيڪس نظر اداس نہ ٿي،
اڃهو تہ آيو هو رشڪِ قمر اداس نہ ٿي.

جي تنهنجي آه ۾ ناهي اثر اداس نہ ٿي،
اٿي ڪا جستجو ٻيهر بہ ڪر، اداس نہ ٿي.

غمن جي رات ڏسي دل نہ لاهجان راهي،
ڪڏهن تہ ٿيندي خوشين جي سحر اداس نہ ٿي.

جدائي درد و الم منهنجي حصّي ۾ آهن،
ڇڏي ڏي حال تي مون کي قمر اداس نہ ٿي.

نہ آيو يار هي منهنجي ئي ڪم نصيبي آ،
اي شمع! رو نہ اڃايو سحر! اداس نہ ٿي.

"فهيم" توکي تہ پنهنجي ئي پيار سان ڪم آ،
ٻلي هو تو ڪان رهي بيخبر، اداس نہ ٿي.

١٩، آڪٽوبر ١٩٥٩ع
٩:٠٠ رات- هالا

▲

اي دلِ ناشاد هرگز تون ڏکن کان غم نہ ڪر،
تنهنجي دردن جو ڪو ٿيندو نيٺ درمان غم نہ ڪر.

چند روز آهن خزان جا باغبان غمگين نہ ٿي،
”فصلِ گل ايندو، وطن ٿيندو گلستان غم نہ ڪر.“

جو ڍڪڻ وارو آ، هر ڪنهن کي ڍڪي ٿو پاند ڏئي،
ڪئن ڇڏيندو سو ڀلا هڪ توکي عريان غم نہ ڪر.

صاحبِ ڪون و مڪان جي در پيو تون دانهنجا،
سو ڪندو سڀ تنهنجا مشڪل آخر آسان غم نہ ڪر.

دل جي ڪشتيءَ جو اگر تو نا خدا مرسلؐ ڪيو،
خاطري ڪر پوءِ آهين پار، انسان غم نہ ڪر.

توکان منزل دور ناهي ۽ نہ آ مشڪل رَسڻ،
تنهنجو رهبر آهي اعليٰ، اي مسلمان! غم نہ ڪر.

هو تہ مڙني کان مٿاهون، آ، سنڌءِ رهبر ”امين“،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثنا خوان غم نہ ڪر.

١٦، جنوري ١٩٥٧ع
ميرپور بٺورو

▲

اي دوست! حياتي کو ڳجهو راز نہ آهي،
هي آهي اهو دم، جو سدا ساز نہ آهي.

پنهنجي تہ محبّت جو ازل کان ئي جنم ٿيو،
چو دور گذارين ٿو هي آغاز نہ آهي.

جو سنگِ درِ يار تي سجدي ۾ ڪري پيو،
سو ڪيئن ٿا چئو واعظو! حقباز نہ آهي.

دنيا جي ستم، وصلِ صنم ۾ وڌي رنڊڪ،
مان دور، مگر دل تہ اجا باز نہ آهي.

اج هر ڪو پکي عرش تي پهچڻ جي ڪري ٿو،
افسوس جو ميدان ۾ شهباز نہ آهي.

اج وصل صنم ٿيو نہ رهي ڪا ئي اداسي،
سو دم نہ رهيو باقي جو دم ساز نہ آهي.

٢٤. مئي ١٩٥٨ع
هالا

▲

اي سڄڻ، منهنجا مٺا! توکان جدا مان ڪٿن رهان،
منهنجي دردن جي دوا ڪر، لا دوا مان ڪٿن رهان.

مون ڏي سهٽا مُنهن ڪري گهورن ڏئي گهائي وڏئي،
دل ڪسي بي دل ڪيئي پو دلربا! مان ڪٿن رهان.

تون ڏڪاري ٿو ڇڏين پر منهنجي مجبوري بہ ڏس،
توکي پنهنجوئي بنائڻ کان سوا مان ڪٿن رهان.

جيئن مڇي پاڻيءَ بنا ڦٿڪيو ٿي ڦٿڪي دلربا،
تو سوا منهنجي بہ حالت آ اِها، مان ڪٿن رهان.

قرب تنهنجي آهي مون کي اي قريشي! قيد ڪيو،
دور تو کان يا محمّد مصطفيٰ ﷺ مان ڪٿن رهان.

پيغام

تون تعلّقدار ماڻهن سان هلين ٿو بي حجاب،
پو فقط محروم توکان چَو يلا مان ڪئن رهان.

مون ٻڌو آهي ڪرين ٿو دردمندن جي مدد،
تنهنجي در مايوس پو مشڪلشا مان ڪئن رهان.

ٿا چون بعدِ فنا بيهر بہ ملبو پر "امين"!
پنهنجي پياري يار کان جيئري جدا مان ڪئن رهان.

١٢، مئي ١٩٥٤ع
هالا

▲

بُت پرستي مان ئي آخر هڪ خدا حاصل ڪيم،
هيءَ سندم خوش قسمتي جو ڇا مان ڇا حاصل ڪيم.

جت خرد جو ٿيو ڪمال ات عشق ۾ رکيم قدم،
تي جڏهن هڪ انتها، ٻي ابتدا حاصل ڪيم.

منهنجي ساري زندگيءَ جو پورو مقصد ٿي وِيو،
پنهنجي سهڻي جي نگاهِ سرمه سا حاصل ڪيم.

ساري دنيا کان گذاريان ٿو جدا، پُرمست و خوش،
هي سبب آهي جو دل، درد آشنا حاصل ڪيم.

ذرو ذرو مست ۽ سرشار و بيخود ٿو ڏسان،
پنهنجي ساقيءَ جي نگاهِ ڪيف زا حاصل ڪيم.

هن جهانِ رنگ و بو ۾ واهه جو سودو ٿِيو
پاڻ، قيمت ۾ ڏئي هڪ باوفا حاصل ڪيم.

دلربا کي نيٺ مون پنهنجو بنايو اي"فهيم"
زيست جي بدلي ۾ دُرِ بي بها حاصل ڪيم.

٢١. جون ١٩٥٩ع
حيدرآباد سنڌ

▲

بيوفا دنيا سان ناتو نيٺ مشڪل تي وِيو
جنهن کي مون، آسان ڄاتو نيٺ مشڪل تي وِيو.

پهرين پهرين محفلون محبوب سان ڪافي هيون،
پر جدائيءَ پير پاتو نيٺ مشڪل تي وِيو.

منهنجو هُو ماهِ لقا، مون کي ڇڏي ويو ڇو ڀلا،
مون نہ هِنءَ هرگز تي ڄاتو نيٺ مشڪل تي وِيو.

حسن وارن کي محبّت جو صفا احساس ناهہ،
ڪوڙ ۾ هي آهي ڪاتو نيٺ مشڪل تي وِيو.

جنهن فريبِ حسن سان گمراهہ سڀ ماڻهو ڪيا،
مون بہ ان سان پيچ پاتو نيٺ مشڪل تي وِيو.

ڏس "امين!" سيني ۾ ڪئن سانديو هلئين تي صاف دل،
ڪنهن نہ پر توکي سڃاتو! نيٺ مشڪل تي وِيو.

| |
|---|
| ۲. آگسٽ ۱۹۵۵ع |
| هالا |

▲

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هيءَ خطا بارها ڪري ڏسبي.

تنهنجي هر دم ثنا ڪندو ئي رهيس،
هاڻ پنهنجي ثنا ڪري ڏسبي.

پنهنجي ماهِ لقا کان دور ٿبو،
زيست درد آشنا ڪري ڏسبي.

سنگدل آب آب ٿئي هڪدم،
آه اهڙي بہ ڪا ڪري ڏسبي.

سيم تن سروقد صنم ايندو
جان جنهن تان فدا ڪري ڏسبي.

هر شجر ۾ صبا ۾ ۽ گل ۾،
جستجو جابجا ڪري ڏسبي.

هن جو لطف و ڪرم وري بہ ٿئي،
گويا ٻيهر خطا ڪري ڏسبي.

جي حياتي وفا ڪئي تہ "فهيم"
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

۲۴. آگسٽ ۱۹۵۸ع
۹:۳۰ رات. هالا

▲

بي وفا کي وفا جي ڪهڙي خبر،
هن کي لطف و عطا جي ڪهڙي خبر.

ڪنهن چيو تي تہ ڏينهن هي ڏسبو
هاءِ قسمت! قضا جي ڪهڙي خبر.

ڇا ڪان دورِ جهان خلاف ٿيو،
مون کي تنهن بيوفا جي ڪهڙي خبر.

ڇو ٿو واعظ نِوا مان نڪرين تون،
توکي منهنجي خطا جي ڪهڙي خبر.

جن جي تاريڪ ٿي چُڪي دنيا،
تن کي ماهِ لقا جي ڪهڙي خبر.

ابتدا ٿي خوشين سان آهي "فهيم"
عشق ۾ انتها جي ڪهڙي خبر.

۲٦، جولاءِ ۱۹۵۷ع
هالا

▲

بڻي گهڙيون گڏ گذاري آخر سين اڪيلو چڏيو سفر ۾،
سواءِ درد و الم جي هاڻي رهيو ڇا باقي دل و جگر ۾.

اهو زمانو ئي ختم ٿي ويو جو ڪنهن سان ڪنهن ڪا وفا ڪئي ٿي
اي هم نشين! هاڻ اهڙو انسان ڪو نه ڏسبو ڪو جهنگ جهر ۾.

نظر نظر سان ملي نصيباً ڪيا مگر هُنَ هزارين احسان،
ڏئي خزانو ويو پيار وارو ۽ ٿيو اضافو دلي ثمر ۾.

عجيب مستي ۽ رنگ سان، هر گهڙي تصوّر ۾ آئين مون وٽ،
نظر تون هر شيءِ ۾، هر ستاري ۾ آئين، توکي ڏٺم شجر ۾.

متان وسارين اي پيارا پرديسي، پيار الفت جون چار گهڙيون،
جي گڏ گذاريون سين ڪلندي ڪلندي شبِ جدائي ڪان پو سحر ۾.

مون پنهنجي ڏُن ۾ ئي مست و خوش پئي سدا گذاريو مگر اي قسمت،
نگاهِ نازڪ مان تير آيو سڌو اچي سو لڳو جگر ۾.

گهڻئي وساريم مگر نه وسري سا رنگين محفل "فهيم" جنهن ۾،
ڪمندِ زلفِ دوتائي دلبر وڪوڙي ورتو هو پنهنجي ور ۾.

٦. سيپٽمبر ١٩٥٨ع
٩ بجہ رات - هالا

▲

ٻڌڻ وارن لءِ دلداريءَ سندو ساحل به ڪجهه ناهي،
مرڻ وارن جي سر تي خنجرِ قاتل به ڪجهه ناهي.

عجب قانون الفت جا ڏسي مون کي لڳي حيرت،
نه آهي ڪا به آساني وري مشڪل به ڪجهه ناهي.

ڏنو آ عشق حضرت هي سبق صحرا نورديءَ جو،
مسافر واسطي اڄ، جادهٔ منزل به ڪجهه ناهي.

صراحي، ساغرومينا، ڏنم مئخوار ويڳاڻا،
سوا تنهنجي اي ساقي! رونقِ محفل به ڪجهه ناهي.

شرابِ ارغواني طور، خونِ دل پيئڻ گهرجي،
نشو جيڪا نه چاڙهي نينهن جو سا دل به ڪجهه ناهي.

ضرورت ناهي مون کي ڪا به تعريفن ڪرڻ جي اڄ،
”صنم جي رخ اڳيان يارو! مهِ ڪامل به ڪجهه ناهي“

دلاسو درد مندن لءِ ”امين“ عربيؐ جو ڪافي آ،
اڳيان محبوب مرسلؐ جي سنلم مشڪل به ڪجهه ناهي.

١٦، جنوري ١٩٥٥ع
هالا

پڇو ڇا ٿا اي يارو! پنهنجي گل جو خار آهيان مان،
انهيءَ سان منهنجو ڇا، جيڪر ٻين تي بار آهيان مان.

هميشہ يار سان گڏ پر جهان وارن جي نظرن ۾،
فقط هڪڙو ئي گلشن ۾ رهيو بيڪار آهيان مان.

سندم هونئن ڪابہ وقعت ڪا نہ دنيا ۾ رهي ها پر،
طفيلِ يار ئي هردم رهيو نِروار آهيان مان.

ٻين سان دل لڳڻ مشڪل رڳو هن ڳالهه کان تي وئي،
جو مئي عشقِ صنم کان هر گهڙي سرشار آهيان مان.

سحر هڪڙي طرح گذري، بدلجي شام آئي آ،
جهان جي هن دورنگي دور کان بيزار آهيان مان.

پڇيم تنهنجي چمڻ لءِ ڇو هزارين منتظر آهن،
چيئين ان لاءِ جو پيارن سندو پيزار آهيان مان.

مزاجِ يار جو اهڙو "فهيم" آهي اثر مون تي،
ڪڏهن اقرار آهيان مان ڪڏهن انڪار آهيان مان.

ڊسمبر ١٩٥٦ع

پڙهيو مون قرب جو جئن پئي ڪتاب آهستہ آهستہ،
ويس ٿيندو انهيءَ مان فيضياب آهستہ آهستہ

گنهگاري جي حد تي مان جڏهن يارو وڃي پهتس،
ٿيو پيدا تڏهن شوقِ ثواب آهستہ آهستہ،

گلن جي بُو، مئي محفل، صبا جي هِيرَ تڏڙي ۾،
"هلايو يار اڄ دورِ شراب آهستہ آهستہ"

لبن تي مُرڪَ سهڻي جي مون ڪي، اينهين نظر آئي،
نڙي مڪڙيءَ منجهان جڻ پيو گلاب آهستہ آهستہ،

ڪيم اقرار لءِ حيلا هزارين ميڙ ۽ منّت،
مليو انڪار جو آخر جواب آهستہ آهستہ،

رقيبن تي وڏا رولا مگر بيسود سڀ تي ويا،
"امين" جو عشق تي ويو ڪامياب آهستہ آهستہ

١٩، نومبر ١٩٥٣ع
٣:٣٠ رات

پيغام

▲

پنهنجي دلدار ساڻ ملڻو آ،
خوش ٿي هر حال تنهن سان هلڻو آ.

ڪين ڪنهن کي بہ حال ڏيندس مان،
دل جو دلبر سان سُور سلڻو آ.

واٽ جيڪا وٺي سڄڻ وِيئڙو
ان جي نقشِ قدم تي هلڻو آ.

عشق عربيءَ ﷺ جي آگ لاتي آ،
جوش جولان تنهن ۾ جلڻو آ.

دائما اي "امين"! محمّد ﷺ جو
عشق جهوليءَ ۾ پائي جهلڻو آ.

١٩ ڊسمبر ١٩٥٣ع
هالا

پيار ۾ تنهنجو پيار ڇا چئجي!
مست نظرن جو وار ڇا چئجي!

تنهنجو وعدو ۾ وعدو مون سان ڪيل،
پو به هي اعتبار! ڇا چئجي!

توکي ماڻهن جي روبرو جاني!
دوست، محبوب، يار ڇا چئجي!

دل جي ويراني ۾ به تون آهين،
توکي جانِ بهار ڇا چئجي!

بي وفائي، وفا جي بدلي ۾،
شرم، ڪاوڙ يا آر ڇا چئجي.

بي وفا کي، حسين لفظن ۾،
اي دلِ داغدار، ڇا چئجي!

تنهنجي هوندي بہ دل جي تڙپڻ کي،
بيقراري؟ قرار؟ ڇا چئجي!

منهنجون راهون پيو هو ڏسي اڄڪلهہ!
حسن ۽ انتظار ! ڇا چئجي!

جن کان سانوڻ جا مينهَن شرمائن،
سي اکيون اشڪبار! ڇا چئجي!

فڪر ۽ فڪر پاڻهي پنهنجو ”فهيم“،
پاڻ کي بار بار، ڇا چئجي!

| ٢٣، جون ١٩٦١ع |
| --- |
| ٣:٣٠ رات، هالا |

▲

ڀلا سا ڪهڙي محفل جنهن ۾ هو رشڪِ قمر ناهي،
انهيءَ کي هڪ شبِ تاريڪ چئو جنهن جي سحر ناهي.

سرِ تسليم خم بس هڪ ئي پنهنجي يار وٽ ٿيندو،
جهڪي جو جابجا سو همنشين! هي منهنجو سر ناهي.

هُيم جيڪي سو تنهنجي پيش خدمت مون ڪيو سهڻا،
محبّت ڪان مٿي مون وٽ ٻيو ڪو ئي ثمر ناهي.

ڪيو تو قيد هڪڙي ئي نظر جي ناز سان دلبر،
جهان ساري ۾ ٻيو ڪنهن کي ٻه تو جهڙي نظر ناهي

سجڻ پنهنجي لءِ هڪڙو نئون جهان دل ۾ بنايو ٿم،
جتي شاخ و شجر ناهي جتي شام و سحر ناهي.

"فهيم" ان کي ٻڌائين چو تو دردِ دل جو افسانو،
هجئي معلوم توکان تنهنجو دلبر بي خبر ناهي.

۴. سيپٽمبر ۱۹۵۸ع
هالا

▲

تعلّق آهي اهڙو ئي نظر جو ناز وارن سان،
تئي تو ربط جهڙي طرح لهرن جو ڪنارن سان.

ڪڏهن هئن ڪو نہ ٿيو آهي، جو گل دامن ۾ اٽڪي پئي،
مگر اٽڪيو پوي دامن، گلن هوندي بہ خارن سان.

شبِ فرقت ۾ هي رئندا رهيا هو ڦٽڪندا لُڇندا،
ڪئي رشڪِ قمر ڪهڙي نہ تارن ۽ ستارن سان.

نہ گل ۾ بو نہ رنگيني جي هُو ناهي تہ ڪجهہ ناهي،
طبيعت ڪيئن لڳي آخر بهارن سان نظارن سان.

عجب جهڙا ٿين ٿا رشتئہ تقدير دنيا ۾،
تعلّق تئي خزان سان تو محبّت تئي بهارن سان.

گذاري رات ساري ميڪشن بيگانگي ۾ ئي،
نہ ساقي آيو محفل ۾، نہ ايريو چنڊ تارن سان.

گلِ خوش رنگ آخر پنهنجي فطرت تي ئي خوش ٿيندو
اهو سوچي مان پنهنجو گهر سجايان ويٺو خارن سان.

ڪنڊن جي قرب تان صدقي خزان ۾ پڻ جهليئون دامن،
اهي ئي وقتِ مشڪل ٿا نيائن درد وارن سان.

”فهيم“ آهي محبّت جو اثر ميدانِ الفت ۾،
زمين جي خاڪ هوندي گڏ رهون ٿا ماه پارن سان.

١٢. فيبروري ١٩٦٠ع
١١-٠٠ رات ڳوٺ مٺوڻ نارو

▲

تو تہ ڪنھن سان وفا نہ ڪئي آھي،
مون ۾ دلبر وفا گھٽئي آھي.

قيمتي شيءِ فقط محبّت آ،
ٻي تہ ھر چيز چڻ ڪ رئي آھي.

ڪو نہ مونئين سڄڻ وڃڻ ڪي وئين،
تو بہ وَھہ جي وفا ڪئي آھي.

ڇو تو وعدا وفا جا مون کان وئين،
تو سان الفت سڄڻ اڳئي آھي.

ھر ڪلي اشڪِ غم سان سينگاريم،
مالھيءَ سمجھو تہ ماڪ پئي آھي.

جان جي وئي تہ ڇا ٿي پيو اي "فھيم"،
دل بہ پنھنجي ھٿن مان وئي آھي.

۱۲، اپريل ۱۹۵۹ع
۹:۰۰ رات- ھالا

▲

تو ڪيو ايڏو ستم منهنجا متا ڇا جي ڪري
دل کي ڏنئِي درد و غم منهنجا متا ڇاجي ڪري

مون چيو محبوب! دل توکي ڏنم آرام لءِ
پر ڏنئي ٻيٺو الم منهنجا متا ڇاجي ڪري

تي گداگر سئن دلبر مون ملڻ جي لءِ هنئي
تو ڪيو مون تي ستم منهنجا متا ڇاجي ڪري

تون ڪٺن چئو چو ٻلا هي سور سختيون پيو سهان
حال هيٺو تيو اتم منهنجا متا ڇا جي ڪري

اڄ رئان تو ياد ڪنهن جي ۾ "امين" آهي عجب
۽ رئن تا مس قلم منهنجا متا ڇا جي ڪري

۴ . سيپٽمبر ۱۹۵۳ع

▲

تون هر وقت منهنجي ئي دل ۾ رهين ٿو
تڏهن پڻ ڪرين ٿو نتائڻ جي ڪوشش.

سدا ساهه سارئي ٿو پرديس وارا،
اچي نئين طرح ڪر نيائڻ جي ڪوشش.

تصوّر ۾ دلبر جا پيزار آهن،
ڪريان پيو لبن سان لڳائڻ جي ڪوشش.

مون دل ۾ جڏهن ڪان ملڻ تان ڪئي بس،
تڏهن ڪان صنم ڪئي گهرائڻ جي ڪوشش.

جڏهن مون ڪئي بس تڏهن ڪان ئي دلبر،
ڪئي خوب مون کي سڏائڻ جي ڪوشش.

"امين" پنهنجي لءِ ڪافي آهي فقيري،
متان تون ڪرين سَر سڏائڻ جي ڪوشش.

١٨. فيبروري ١٩٥٦ع
٣:٣٠ رات- هالا

ٽيندو رهيس پراڻو محبّت ڪري ڪري،
پٿر جو بت بنيس مان عبادت ڪري ڪري

سارو جهان جنهن جو مخالف رهيو سدا،
گذري حياتي تنهن جي حمايت ڪري ڪري

لمحات زندگيءَ جا گذاريم لڪي لڪي،
اي خوش نصيب تنهنجي زيارت ڪري ڪري

گذرن ٿا صبح و شام اسان جا فراق ۾،
قرآنِ رنج و غم جي تلاوت ڪري ڪري

تو زندگي ۾ ختم ڪئي پنهنجي اي صنم،
مون جهڙي بي وفا سان محبّت ڪري ڪري

شارح هزار موت جي واديءَ ۾ ويا هليا،
عنوانِ زندگي جي وضاحت ڪري ڪري

ڪعبي منجهان بہ ڪو نہ مليو گوهرِ مراد،
تڪجي پياسون نيث عبادت ڪري ڪري

افسانئہ حيات ڪبو ختم اي ”فهيم“،
يادن جي داستان جي حفاظت ڪري ڪري

۱۹۷٦ع
ڪراچي

▲

جدائيءَ گهڻو آهي جيءَ کي جلايو،
خدارا وطن ڏانهن واڳون ورايو.

ڪڏهن منهنجا ايوان آباد ٿيندا،
۽ چئبو تہ اڄ محب مولا ملايو.

سندم دل تي واجهائي جنهن لاءِ هر دم،
نہ تنهن ڪان سوا اڄ بہ آرام آيو.

وساري نہ تنهن کي تون ڇڏجان اي سهڻا!
جو ويٺو آ تو لاءِ سڀ ڪجهہ لُٽايو.

عجب آهي، افسوس ڇو ڪونہ ٿيندو
جو ڪاري ڪڪر آ قمر کي لڪايو.

بدلجي وري نيٺ اُن ڏي ئي وريو
اٿئون عشق جنهن سان ازل کان اڙايو.

اچي اوچتو نيٺ صيّاد پيهر،
اڳي وانگي هي آشيانو جلايو.

محمّدﷺ، امين کي نہ اڄ، پر ڪڏهن کان
زبان تي رڳو تنهنجو ئي نام آيو.

٨. سيپٽمبر ١٩٥٦ع
١:١٢ رات- هالا

پيغام

▲

جڏهن دنيا سڄي کان دُور ٿياسين،
تڏهن ئي يار وٽ منظُور ٿياسين.

جڏهن آخر دوئي کان دُور ٿياسين،
تڏهن ئي نيٺ رشڪِ طُور ٿياسين.

وري آيو چڪائڻ جرح فرقت،
حياتيءَ ۾ ئي اڄ مسرُور ٿياسين.

ڪٽي ويو دل سڄڻ سمجهي امانت،
اسين محبوب جا مشڪُور ٿياسين.

”فهيم“ آهي محبَت راهبر ٿي،
”شرابِ عشق پي مخمُور ٿياسين.“

٢٢، مارچ ١٩٥٩ع
١٠:٠٠ رات- هالا

جي پنهنجي واسطي بهتر خدا گهريو تہ ملنداسون،
متان دلگير ٿِين دلبر! خدا گهريو تہ ملنداسون.

اُميد آهي اڳي وانگر، هلي ايندو سڄڻ مون وٽ،
اڱڻ شل ڀهڪندو پيهر خدا گهريو تہ ملنداسون.

دلِ مضطر ۾ هر دم آرزو آهي تہ اي جاني!
رکان پيرن تي تنهنجي سَر خدا گهريو تہ ملنداسون.

اميد اُهي تہ روزِ وصل، ايندو جلد هُو دلبر!
نہ پوندو وقت وچ ديگر خدا گهريو تہ ملنداسون.

جدا ٿيندي سڄڻ فرمايو ملنداسون نہ دل لاهج،
چيم، جيئن چَو تيئن ئي بهتر! خدا گهريو تہ ملنداسون

”فهيم“ آخر تہ آهُون ڪو اثر پيدا ڪري رهنديون،
کُلي پوندو دعا جو در خدا گهريو تہ ملنداسون.

”فهيم“ اڳتي تہ هن کي مون سان ملڻو آهي دنيا ۾،
اثر آهُون ڪنديون آخر خدا گهريو تہ ملنداسين.

| |
|---|
| ٢٦، فيبروري ١٩٥٨ع |
| ١:٥٥ رات- هالا |

پيغام

▲

چڱو جو واعظِ بي پير نڪتو
هِي منهنجي آه جو تاثير نڪتو.

تِجئين مسڪين جي واهر اي دلبر،
جو تنهنجي در اچي دلگير نڪتو.

وري اڄ آيو رشڪِ مهرِ تابان،
پراڻي خواب جو تعبير نڪتو.

هزارين تي ويا بسمل گهڙيءَ ۾،
”نگاهِ ناز تي هڪ تير نڪتو.“

سڄڻ موتيو ٻڌي آهون ۽ دانهون،
اسان لءِ اشڪِ غم اڪسير نڪتو.

اجا خط مس پڙهي پورو ڪيو مون،
اچي خود صاحبِ تحرير نڪتو.

همہ گير آهين تون اي ناز وارا،
بچي تو کان نہ ڪو نخچير نڪتو.

ڪيم جنهن سان مقدّر جي شڪايت،
اهو ئي ڪاتبِ تقدير نڪتو.

”فهيم“ آخر محبّت راهبر ٿي،
وڃي منزل تي اڄ ره گير نڪتو.

| |
|---|
| ٩. نومبر ١٩٥٨ع<br>سري مکان ٽاٿو بولان خان،<br>ڳوٺ وڏيرو انڙ خان |

▲

چا عشق آهي شڪوه شڪايت جي واسطي
منهنجي ٻہ آهي ماٺ عدالت جي واسطي

ابرو جي سيف ساڻ ڪندس اڄ مقابلو،
هر دم تيار آهيان شهادت جي واسطي

هڪ پَل ۾ ئي رقيب جي ڇڏيان ڳچي پٽي،
پر ترسيو آهيان تنهنجي اجازت جي واسطي

گلشن ۾ خوب بادِ صبا تي گهمي مگر،
بادِ خزان بہ آئي بغاوت جي واسطي

غم، درد، سوز، رنج و الم بيقرار دل،
ڪافي ثمر آ، روزِ قيامت جي واسطي

هن ڏي نياز نامہ ڪڻي اڄ لکان مگر،
آڻيان ڪتان مان لفظ عبارت جي واسطي

پيغام

تعريفِ حسن آهي عبادت سچي پچي،
انسان ٿيو آ پيدا عبادت جي واسطي.

اڄ تشنہ لب کي جامِ محبّت پِيار تون،
آهيان اميدوار عنايت جي واسطي.

مَهندار مدني مير محمّد ﷺ امين کي،
هر دم رهي ٿو شوق زيارت جي واسطي.

سمجهي امين توکي ڏنم پنهنجي دل کٽي،
عزت اها ٿي آهي امانت جي واسطي.

پرده نشين کي چئجو محمّد امين روز،
آيو ٿي صبح و شام زيارت جي واسطي.

| |
|---|
| ١٧ آگسٽ ١٩٥٤ع |
| هالا |

▲

حاصل جڏهن بہ عشق جي منزل ڪئي اٿئون،
مخلوق پنهنجي عزم جي قائل ڪئي اٿئون.

فرصت جي وقت ۾ بہ ميسّر نہ ٿيو سڪون،
هر وقت ويهي مشقِ مسائل ڪئي اٿئون.

گرداب پنهنجي جان ۾ جايون ڏئي ڇڏيون،
قربان جڏهن کان قربتِ ساحل ڪئي اٿئون.

خونِ جگر جو خوف نہ مقتل جو ڊپ رهيو،
منزل وڃي بہ ڪُوچۂ قاتل ڪئي اٿئون.

آخر لبن تي مهرِ خموشي ڪيائون ثبت،
آهُن جي ذميدار وڃي دل ڪئي اٿئون.

فڪرِ جهان ڇڏي وڃي ويناسين ڪنڊ ۾
”مدّت کان پوءِ اڄ وري محفل ڪئي اٿئون.“

ڪنهن کي قصوروار سڏيون ڪنهن سان ضد ڪريون.
دل پنهنجي، پنهنجو پاڻ ئي گهائل ڪئي اٿئون.

تاريخ آ گواهه تہ حالات ڇا رهيا.
قوّت جڏهن بہ قوم جي زائل ڪئي اٿئون.

همّت کان ڪم وٺون تہ ڪو مشڪل تہ حل ٿئي،
حالت اجايو رحم جي قابل ڪئي اٿئون.

پنهنجو تہ ڪنهن نہ ذڪرِ تغافل ڪيو ”فهيم“،
غيبت سدائين نقصِ وسائل ڪئي اٿئون.

۲۴، ڊسمبر ۱۹۸۱ع
ڪراچي

▲

حضورِ يار ۾ هر دم سرِ تسليم خم تي ويو،
اهو هڪ خاص خالق جو مٿم لطف و ڪرم تي ويو.

ڪيان ڪهڙي طرح اُن جو بيان هو بي مثال آهي،
نہ آهي ڪا بہ طاقت مون ڪي ۽ بيوس قلم تي ويو.

ڪئين مهمير ماريا دلربا تلوارِ ابرو سان،
”جو آيو عشق جي مقتل ۾اُن جو سرقلم تي ويو.“

ڪڏهن سهڻو سڏي ويجهو وهاري ٿو ڪڏهن نفرت،
الاجي ڇو رهِ الفت ۾ آهي. پيچ و خم تي ويو.

زياده ڇا ٻڌايان، هن جي باري ۾ يلا آئون،
شهيدِ ناز جو پهرين نظر سان پورو ڪم تي ويو.

جڏهن ڪان يار جي ديدار جو مون کي شرف مليو،
تڏهن منهنجو پراڻو ۽ نئون ڪافور غم تي ويو.

”فهيم“ ان جي ئي آمد جي ڪري پنهنجو ڪڪائون گهر.
خزان ۾ اج بدلجي آهي سو باغِ ارم تي ويو.

١٢. دسمبر ١٩٥٧ع
٤:٣٠ شام گوٺ جمال ڏاهري

پيغام

حڪمرانن کي ڏسي دست و گريبان عنقريب،
ٿي وڃن شايد اوهان جا هوش حيران عنقريب.

دورِ حاضر جو وڃي پيو شمس مغرب جي طرف،
ٿيندو مشرق کان نمايان ماهِ تابان عنقريب.

ڪو ڪندو پورا سمورا عهدو پيمان عنقريب،
"ايندو ايندو غيرتِ رشڪِ غزالان عنقريب!!"

بيڪسي جي دور مان گذري ڪنداسون ڇيهه نيٺ،
ٿيندو بيشڪ عظمتن جو دور دوران عنقريب.

ظلم ۽ زوريءَ جا هٿ ڪاٽي ڇڏڻ لءِ دوستو!
ڪونڪو اڳتي هلي ايندو اسان مان عنقريب.

پيغام

صبحدم ظلم و تشدّد جي ڪئي ٿن انتها،
رنگ لائيندي وڃي شامِ غريبان عنقريب.

ڪوڙ ۽ ڪلفت جا آخرڪار ٿيندا دربدر،
سچ اچي پنهنجو سنڀاليندو قلمدان عنقريب.

عجلتن ڪان ڪم وٺي هر ظلم نافذ ٿا ڪريو،
حڪم پنهنجي تي اوهين ٿيندئو پشيمان عنقريب.

اڄ اسان کي جيڪو ناممڪن ڏسڻ ۾ ٿو اچي،
هر فساني جو اهو ئي هوندو عنوان عنقريب.

رات اونداهي وڃي پهتي آ پنهنجي اوج تي،
صبحِ نو آڻيندو رشڪِ مهرِ تابان عنقريب.

تنگ نظري جو اسان مان جيڪي ٿي ويندا شڪار،
فيصلن تي پنهجي ٿي ويندا پريشان عنقريب.

گلستان ۾ ڪيترو رهندا ڀلا زاغ و زغن،
"ايندو ايندو غيرتِ رشڪِ غزالان عنقريب."

پيغام

سال سينگاريندي گذري ويا درو ديوار کي،
ڪنهن چيو هو آئون ٿيندس تنهنجو مهمان عنقريب.

رنگ لائيندو وجي هڪ ڏينهن ذوقِ آگهي،
پاڻ پنهنجي پاڻ ۾ ٿيندو نمايان عنقريب.

اي دلِ پز مردهہ آزادي جي خواهش خوب ڪر،
حبسِ بيجا مان ڪڍڻ جو ٿيندو سامان عنقريب.

جستجو تنهنجي ۾ آئون نڪران پيو اي جانِ بهار،
منهنجي پيرن کي چميو خارِ مغيلان عنقريب.

ليليءِ شب جوش مان کولي ڇڏي شايد "فهيم"،
ماٺ جي ماحول ۾ زلفِ پريشان عنقريب.

١٥. آگسٽ ١٩٨٣ع
ڪراچي

▲

خدا ڄاڻي تہ پورو هجر وارو غم ڪڏهن ٿيندو،
سڄڻ هن خانۂ دل ۾ مڪين هر دم ڪڏهن ٿيندو.

روان اشڪِ مسرَت، تومان چشمِ نم ڪڏهن ٿيندو،
خبر ڪانهي دلِ مجروح جو مرهم ڪڏهن ٿيندو.

وڃيو پيو جادهٔ منزل وڃان اميد تي ليڪن،
پتو ناهي تہ هن جوپورو پيچ و خم ڪڏهن ٿيندو.

سِڄيو واعظ وڏو منصوبو آهي مئي پرستن لءِ،
خدا ڄاڻي تہ سوئي درهم و برهم ڪڏهن ٿيندو.

جدائي،درد و غم آخر ڇڏي ويندا نہ تي غمگين،
ءِ توتي يار جو لطف و ڪرم پيهم ڪڏهن ٿيندو.

متان دلگير ٿِين هر گز، جدائي ۾ "فهيم" آخر،
ڪرم فرمائي رشڪِ مهوشان همدم ڪڏهن ٿيندو.

| |
|---|
| ١٠. مارچ ١٩٥٨ع |
| ١٠ بجي رات ٽنڊو مٺا خان |

▲

خوش هجين يار، سدا تنهنجي حياتيءَ جو خير،
منهنجا اي ماه لقا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

تنهنجي ئي لطف و ڪرم مون کي بنايو بهتر،
شل ڪري منهنجو خدا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

زندگي مون سان نڀائي نـ نڀائي سهڻا،
مون کي بس گهر جي منا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

مون کي تون پنهنجو ڪرين يا نـ ڪرين پر هردم،
دل ڪندي توکي دعا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

مون گداگر تي ڪيئي قرب ڏنئي پيار پرين،
دل جي شاهيءَ جا خدا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

آسري تنهنجي رهيو آهي سدائين هي "فهيم"،
منهنجا اي ماهِ لقا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

تو "فهيم" آهي نماڻن تي نظر فرمائي،
ختم ٿيا رنج و بلا تنهنجي حياتي جو خير.

| |
|---|
| ١١. فيبروري ١٩٥٨ع |
| هالا |

داغِ دل داغِ جگر،
هجر ۾ ٿيا ديده ور.

نازنين! تنهنجي نظر.
مست ڪُن ۽ با خبر.

حالِ دل، حالِ جگر،
مان ڪيان ڪنهن سان مگر.

نالئہ وقتِ سحر،
شل نہ ٿي سو بي اثر.

يار جو تيرِ نظر،
تيز تر کان تيز تر.

| |
|---|
| ١٢، اپريل ١٩٦٠ع |
| ١١:١٠ رات |
| ليٽن روڊ ڪوئيٽا |

پيغام

▲

دلبر جي در کان بهتر پيو در نظر نہ آيو،
دنيا ۾ ڪو بہ ان جو همسر نظر نہ آيو.

هرسُو سجڻ کي ڳوليئون، سر جي لڳائي بازي،
ليڪن ڪٿهن بہ ڪنهن کي، دلبر نظر نہ آيو.

ڪجھ ڪنهن دران ٿيو حاصل ڪجھ ڪنهن هنڌان مليو پر،
سيڪا جتان ٿي پوري، سو در نظر نہ آيو.

سهڻو ٿيو هو ساقي، مخمور آئون مئي کان،
اهڙو حسين منظر اڪثر نظر نہ آيو.

پنهنجو بنائي آخر، جو دل کسي ويو دلبر،
هڪ مرتبہ ڏنم پر، پيهر نظر نہ آيو.

پيغام

جانچي ڏٺم جهان ۾، مون کان اي همنشينو!
بهتر گهٽا ئي آهن، ابتر نظر نہ آيو.

تيرِ نظر هُو دلبر جنهن دم "امين" کٽي تو
گهائل گهٽا تين تا، بهتر نظر نہ آيو.

جنهن دم "فهيم" هن جي، قاتل نظر کڄي تي،
گهائل گهٽا تين تا بهتر نظر نہ آيو.

۲۸، جون ۱۹۵۷ع
۲-۰۰ رات _ هالا

▲

دلربا! تنهنجو رهي ٿو انتظار،
ياد تنهنجي ٿي ستائي بار بار.

نازنين! تنهنجو نهارڻ ڇا چوان،
ماهه رُو! مرڪي وري مون ڏي نهار.

حال دل ڪنهن سان ڪجي توکان سوا،
منهنجو توريءَ ڪو بہ ڪونهي رازدار.

دل ۾ تون آهين مڪين اي دلربا،
شال، هنءَ هر دم رهين تون همڪنار.

يار گل رُخ توکي مون سان گڏ ڏسي،
خارکائن ٿا سدائين مون تي خار.

| |
|---|
| ۲۱. اپريل ۱۹٦۰ع |
| ۵۰-۱ رات |
| ليٽن روڊ ڪوئيٽا |

▲

دل کي عاشق تون بيقرار نہ ڪر،
بيوفا سان ڪڏهن بہ پيار نہ ڪر.

توکي ويجهو اچڻ ڪان جيڪو ٿهي،
ان جي خاطر تي ڪوئي بار نہ ڪر.

تون هميشہ جي لاءِ گل تي رهہ،
پاڻ ڪڏهين بہ مثلِ خار نہ ڪر.

جنهن مان جيءَ جان کي رسي جوکو،
"ايترو ڪنهن جو انتظار نہ ڪر."

رخ نٿو ڏين "امين" کي جيڪر،
پنهنجي دل تي مگر غبار نہ ڪر.

| |
|---|
| ۲۱. جولائي ۱۹۵۴ع<br>هالا |

▲

دل کي دلبر جو گھر ڪري ورتم،
قصّي کي مختصر ڪري ورتم.

حالِ دل تو سان بي حجابانہ،
هو تہ مشڪل مگر، ڪري ورتم.

مون کي سيني کان دور ٿيڙو پيو
ڪنهن کي پنهنجو مگر ڪري ورتم.

هر خبر دوستن جي يارن جي،
پاڻ کي بيخبر ڪري ورتم.

انتقاماً چڏيم محبّت کي،
پيار کي دردِ سَر ڪري ورتم.

هُئي نهارڻ تي ڪافي بندش پر،
هن ڏي هڪڙي نظر ڪري ورتم.

لفظ ٿورا مگر حقيقت ۾،
حالِ دل سربسر ڪري ورتم.

اک جو اک ۾ "فهيم" بند رکي،
اشڪِ غم کي گهَر ڪري ورتم.

١٥. فيبروري ١٩٦١ع
ٽنڊو قيصر

▲

دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم،
جو اکين ۾ لڙڪ آهن دم بدم،

هيءَ دعا هردم گهران، الله کان،
شل هجين مون ساڻ گڏ منهنجا صنم.

منهنجي اعمالن کي ڪرتون درگذر،
”ياالاهي ڪر عطا لطف و ڪرم.“

شل ٿئي هيءَ آرزو پوري سندم،
جو ٿيان مان صاحبِ سيف و عَلم.

حال جهڙو آهي تهڙو اي ”امين“!
پر لکڻ ۾ تيز آ تنهنجو قلم.

۷. جولائي ۱۹۵۴ع
ڪوئيٽا

پيغام

▲

ڏيڻ دل آهي آسان پر وڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،
پرينءَ کي پاڻ ڏي مائل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

متان سڏڙيا لڳائين دل ڪڏهن ڪنهن سنگدل سان تون،
فراقِ يار ۾ جيئري جلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

اي واعظ! تنهن جون تقريون اثر ڪوئي نہ آڻينديون،
هجي دل جنهن جي هٿ، ان کي ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

سوين سختيون اچن درپيش يا دنيا بدلجي پئي،
مگر اُلفت جي راهن مان ورڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

ڀلي جو جئن بہ چاهي پيو چوي طعنہ هٽي، ليڪن،
درِدلدار تان پيرو ڀڃڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

تڪڙ ڇڏ محتسب! ڪلنئي نہ ماڻهو جلد بازيءَ تان،
پئي پڙ ۾ پتنگن جئن پچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

لڳائي دل "فهيم" آخر ڪيو محسوس مون آهي،
قدم راهِ محبّت ۾ کڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

٣. مارچ ١٩٥٨ع
١٠ بجہ رات، هالا

پيغام

▲

راحتِ جسم و جان راحتِ زندگي تنهنجو مرڪي ملڻ جانفزا جانفزا.
تنهنجو شيرين تبسّم تو بخشي سڪون تنهنجون آهن اکيون ڪيفزا ڪيفزا.

ماه وش توتان صدقي زمين آسمان، چنڊ تارن کي قربان ڪجي تو متان،
تنهنجو ثاني نہ آهي ڪو اي منهنجي جان جستجو مون بہ ڪئي آهي بي انتها.

پاڻ هڪ ٻئي جي گويا اهيون زندگي، زندگي پنهنجي هڪ ٻئي جي اُلفت ۾ آه،
مون کي توتي يقين، توکي مون تي يقين تنهنجي منهنجي محبّت جو شاهد خدا.

هن جهان وارا ڪيڏا نہ آهن چريا توکي مون کي جدا ٿا رکڻ هو گهرن،
توکان ڪيئن ٿو پلا ڏار گهاري سگهان، جسم کان جان ڪئن ٿي سگهي ٿي جدا.

منهنجا همدم! نہ ٿي مون کان هڪدم پري هن جهان ۾ نہ دم جو ڪبو پروسو
ترس گڏجي بہ ٿي گڏ گذاريون گهڙيون زندگي ڪانہ ڪنهن سان رهي باوفا.

جذبۂ عشق يا، دل جي آهي ڪشش دلربا دست بستہ اچي پيش پيو
مرحبا جوشِ ناڪاميء عشق کي شوقِ بيجا کي چئو مرحبا مرحبا.

پيغام

دل جي بتخاني ۾ ٿيو صنم جلوه گر، ڏاڍو مونتي ٿا ڪن رشڪ ديرو حرم،
شيخ صاحب ٿو فتويٰ ڏئي ڪفر جي برهمن ٿو ملامت ڪري برملا.

دوستو! چنڊ تارن کي چو ٿا ڏسو رهنمائي انهن کان نہ ٿيندي نہ ٿي،
پنهنجي منزل تي پهچڻ جي لاءِ ڪافي ٿيا، غيرتِ ماهِ ڪنعان جا نقش پا.

هن سوا وقت ڏاڍو ڏکيو ٿي ڪٽيو جيئن بہ گذريو گذاري ڇڏيم اي "فهيم"،
هن جو نالو هئو مون کي وردِ زبان، مون کان ڪؤڪائيندي آئي هر ڪا بلا.

٨، آگسٽ ١٩٦٨ع
حيدرآباد

پيغام

▲

رڳو ساقي! تون هل مون ساڻ، مئخانا لڀي پوندا،
ڪٿي ڏس هڪ نظر ڪئين تنهنجا مستانا لڀي پوندا.

عمل جي دير ٿي، باقي رهي آ تنهنجي وحشت ۾،
سرِ شوريده جي رکندين تہ ويرانا لڀي پوندا.

سنڀالي رازِ دل ڪر مونساڻ اي ساقي! تون محفل ۾،
جو ديوانن سان گڏ، هت چار پنج دانا لڀي پوندا.

سڄڻ! چوٿو خفا ٿين مجمعءِ عشّاق کان اهڙو
"جي ٻرندي شمع محفل ۾ تہ پروانا لڀي پوندا.

ڪجي آدم شماري چار سُو جي دورِ حاضر ۾،
تہ سَوَ ميخوار ۾ ڪي چار مولانا لڀي پوندا.

پيغام

جي دربارِ صنم ۾ گهرج تِي نذرِ عقيدت جي،
تہ مون جهڙن جا سِرَ سهڻي جا نذرانا ليي پوندا.

نہ تي دلگير صحراء غمِ هجران ۾ اي عاشق،
کندو رهہ جستجو هردم تہ ڪاشانا ليي پوندا.

”فهيم“ آهي دلِ مضطر ۾ پنهان راز سپ رکيو
حقيقت وارا هن جي دل مان افسانا ليي پوندا.

٩، فيبروري ١٩٥٨ع
١١ لڳي ١٥ رات، هالا

▲

زماني کي اهو منظور تي پيو
اٿم افسوس هو اڄ دور تي پيو.

سڄڻ جنهن ڏي نظر ڪنئي ناز واري،
بنا پيتي ئي سو مخمور تي پيو.

لکيم جيڪو لهوءَ سان يار ڏي خط،
چڱو ٿيو جو اهو منظور تي پيو.

ڪيم جنهن سان بہ اظهارِ محبّت،
خدا جو شان! سو مغرور تي پيو.

هي تنهنجو عاشقِ بي پير سهڻا!
جهان وارن اڳيان منصور تي پيو.

سڄڻ جيڪو ڏنو تو زخم دل تي،
ٻڏايان ڇا، اُهو ناسور تي پيو.

٢١. مارچ ١٩٥٩ع
١٠-٥٥ کان ١١-٠٠ رات- هالا

زماني ۾ پيدا ٿيڻ مان وريو ڇا،
اسان جي اجائي جيڻ مان وريو ڇا.

نہ ڪنهن کي چڱائي رسائي سگهاسين،
تہ پو اهڙي زنده رهڻ مان وريو ڇا.

ڳُنن مان ڪڏي جنهن ڪناري لڳايو
انهي دريا ۾ ئي ٻڏڻ مان وريو ڇا.

نہ جنهن چاڙهيو ڪو نشو نينهن وارو
يلا اهڙي مي جي پيڻ مان وريو ڇا.

جتا جنهن جي مرڳو هئي چار گهڙيون،
سڄڻ اهڙي توبہ ڪرڻ مان وريو ڇا.

"امين" جو ملڻ بعد وينو وساري،
انهي سنگدل سان ملڻ مان وريو ڇا.

٢. آگسٽ ١٩٥٧ع
هالا

▲

زمين خاموش ۽ خود آسمان خاموش آهي،
الاجي ڇو محبت جو جهان خاموش آهي.

جهان خاموش تيو جو مهربان خاموش آهي،
نہ آواز آهي ڪجهہ جو تي زبان خاموش آهي.

تڏهن سارو جهان نا مهربان خاموش آهي،
جڏهن ٿي اج امير ڪاروان خاموش آهي.

ڀلا صياد ڇو منهنجي اڳيان خاموش آهي،
ڏسو قدرت، ٿيو تير و ڪمان خاموش آهي.

"امين" جي روبرو هو بي گمان خاموش آهي،
خدا ڄاڻي تہ ڇو اڄ پاسبان خاموش آهي.

۵. جولائي ۱۹۵٦ع
ڄاڙا واٽر، هالا

پيغام

▲

سجڻ توسان دلڙي ملائي چڪس،
اکين کي بہ توسان اڙائي چڪس.

ڏتارين، ڏڪارين مڙئي تنهنجي وس،
مگر توکي پنهنجو بڻائي چڪس.

تون منهنجو تئين ڪين سهڻا سجڻ!
خدا وٽ بہ ڪل زور لائي چڪس.

سنڌءِ واٽ تي مان نهاريان پيو،
پيا پيچرا پنڌ پڇائي چڪس.

الف، ميم، يي، نون، جي ٻڌ صدا،
مٺا جان جندڙي جلائي چڪس.

٢٢، جولائي ١٩٥٤ع
هاءِ اسڪول، هالا

سڄڻ کي ڏٺم ۽ قمر ياد آيو.
نهاريئين تہ برق و شرر ياد آيو.

ڳلن تان وهڻ جو ڏٺم اشڪِ غم جو
مون کي همنشين بحر و بر ياد آيو.

لهو دستِ قاتل تي ۽ چشم پرنم،
ڏٺم، مون کي لعل و گهُر ياد آيو.

نہ ڪنهن ئي ڪنو تي ڪو مقتل ۾ عاشق،
تڏهن تنهنجو ذوقِ نظر ياد آيو.

ڪيم غور ڪئن دل تي دل درحقيقت،
سڄڻ جي نظر جو اثر ياد آيو.

مان سمجهان ٿو آهي بهاريءَ جي موسم،
قفس ۾ جو اڄ بال و پر ياد آيو.

ملڻ بعد وسري ويو رنج سارو
جي ياد آيو تہ بہ مختصر ياد آيو.

سيہ زلف دلبر جا ۽ رخ منّور
ڏسڻ ساڻ وقتِ سحر ياد آيو.

هو پرديسي جو پيار ڏئي ويو کسي دل،
"وساريم گهڻوئي مگر ياد آيو."

مون کي خاڪ پاي۽ صنم ياد آئي،
جو محفل کي ڪحل البصر ياد آيو.

سرِ فتنہ ور جو ڏٺم آئيني ۾
اوهان جو صنم سنگِ در ياد آيو.

خدا جو قسم مصطفيٰ ﷺ ياد آيو
جڏهن مون کي شانِ بشر ياد آيو.

"امين" يار اهڙي طرح ياد آيو
نہ وسريو ڪڏهن ئي اگر ياد آيو.

١٤. جنوري ١٩٥٩ع
١:٣٠ رات- هالا

پيغام

▲

سنگِ در تي گذارڻو آهي،
پنهنجي دل کي ڏتارڻو آهي.

عشق پنهنجو اجارڻو آهي،
وعدهء وصل پارڻو آهي.

ڪشتي ساحل تي ڪنهن طرح نہ رسي،
اهڙو طوفان اٿارڻو آهي.

چو نٿو روبرو ڪرين وعدا،
توکي شايد وسارڻو آهي.

جيئن بہ گذريو گذاريو رهبو
وقت آخر گذارڻو آهي.

چو نہ دنيا جو ذرو ذرو ڏسون،
نور آهي نهارڻو آهي.

پهرين ساقي پيار واعظ کي،
سر تان آفت کي ٽارڻو آهي.

وعدهٔ وصل منهنجا ماه جبين،
پار اڄ ئي، جي پارڻو آهي.

ان جوئي تي گذاربو اي "فهيم"،
پنهنجو وعدو تہ پارڻو آهي.

١٩٦٠ع

▲

سگهو دل جا دلبر! دلارا! تون آ،
سڪايل سنڌ جا سهارا! تون آ.

ملڻ جو هئو تو جو وعدو ڪيو،
انهي ڪي اچي پار پيارا! تون آ.

جدائي ۾ تنهنجي فنا تي ويس،
وڇوڙيل، سندا جيءَ جيارا! تون آ.

ڪڏي غير دل مان تون پنهنجو بناءِ،
پري پير هيڪر پلارا! تون آ.

اچي منهنجا ايوان آباد ڪو
”پري اڄ قدم قرب وارا! تون آ.“

فقط تنهنجو ۽ تنهنجو آهي ”فهيم“،
وٺس بي خبر آشڪارا تون آ.

۲۱. مئي ۱۹۵۴ع
هالا

▲

سوچي الاجي دل ۾ هو چا چا اچي پيو.
آشفته سر جا ڏسجو تماشا اچي پيو.

اکين ۾ شرم لب تي تقاضا اچي پيو.
وقتِ سحر هو انجمن آرا اچي پيو.

هڪ پاسي تنهنجي حسن جا جلوا هزارها،
ٻئي پاسي آهي عشق، جو تنها اچي پيو.

اڄ نيٺ منهنجي عشق جو جادو هلي ويو،
تاهي سگهيو نه ڪي به بهانا اچي پيو.

دل کي يقين هئو ته سچڙ موٽندو ضرور،
هو واقعي اچي پيو ها ها اچي پيو.

ساقي جي حال زار تي افسوس ٿو ٿئي،
ميڪش ته ويا روانا ٿي مُلا اچي پيو.

قاصد کي اڄ به ايندي اڪيلو ڏسي ”فهيم“،
سمجهي ويس ته وعدهٔ فردا اچي پيو.

١٩، آڪٽوبر ١٩٨٥ع
هالا

▲

عشق جا ٻارڻ ٻريا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف،
سوز وارا تي سڙيا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

شمع رو محفل ۾ آيو جان نثارن جان ڏني،
ٿيا فدا شاهه و گدا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

عشق واري ڏي حسد جا تير ڪئين ڇٽيا رقيب،
پر سيئي تي ويا خطا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

ڪيترو عرصو رئڻ کان نيڻ روڪيندو رهيس،
نيٺ اڄ ڳوڙها ڳڙيا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

محب سيئي محتسب هيڪر اچڻ سان مات ڪيا،
ڪيف ور نظرن ڪُٺا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

ڪئن بچي نڪران پيلا، مان هڪ چٽو هو سَوَ هزار،
”يار جا زلفِ دوتا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.“

يادِ جانان، رنج و فرقت نينهن جا نازڪ نشا،
سڀ ڪيم دل ۾ ڪٺا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

يار جو نقشِ قدم آهي صراطِ مستقيم،
ٻيا وڃن ٿا ڀيچرا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

سوئي منزل تي رسيو جنهن يار رهبر ڪيو ”فهيم!“
ٻيا اَجايو ٿي ڀڳا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

١٧، اپريل ١٩٥٩ع
هالا

▲

فقط مون سان ملڻ آيو هو اڄ دلبر، قمر بنجي،
مگر آڏو رقيب آيو هليو ڪارو ڪڪر بنجي.

گهٽئي پرده نشين! پئي دور مون کان تون رهئين ليڪن،
ڏسي آئيني ۾ توکي چڏيم تنهنجي نظر بنجي.

زماني جو ڪجهہ اهڙوئي عجب دستور آهي جو
خبر هرڪائي ٿي ونجي بظاهر بيخبر بنجي.

رسائي يار تائين ناهي پر همدم! تصّور ۾،
قدم کي روز ٿو چُمجي سجڻ جو سنگِ در بنجي.

سجايم دامنِ اميد ارمانن جي موتين سان،
”ڪِريا جي اشڪ اکين مان تہ ويا لعل و گهر بنجي.“

اهوئي نوڪرون ڪائيندو ڦرندو آهي دنيا ۾،
”امين“ جيڪو محبّت ۾ اچي ٿو باخبر بنجي.

١٢، جون ١٩٥٦ع
هالا

▲

قتل گهه ۾ ٿا ڪُسن بيوس مسافر رات ڏينهن،
آزمائي يار تو ابرو جو خنجر رات ڏينهن.

بيڏڙڪ ٿي، دل ٻڌي دلبر سان ڪج تون گفتگو
خير ٿيندو دل نه ڏج ٿي وچ بهادر رات ڏينهن.

دل ڪسڻ کان بعد دلبر ٿي ويو آ سنگدل،
رخ نٿو مون کي ڏئي سهڻو سراسر رات ڏينهن.

شال تون راضي هجين پو منهنجي ڪارڻ عيد آ،
قرب ۾ سِڙو به آ هر وقت حاضر رات ڏينهن.

روز تولءِ آهِيان دانهون ڪندو منهنجا مٺا!
ياد تنهنجي ۾ رئان تو يار دلبر! رات ڏينهن.

شوق دل جا سڀ چڙي آهن "امين" تولءِ ڏنا،
يار تنهن کي آهي تنهنجوئي تصّور رات ڏينهن.

١، فيبروري ١٩٥٤ع
هالا

ڪرين ڇو تو سهڻا ستائڻ جي ڪوشش،
سڄڻ پنهنجي صورت لڪائڻ جي ڪوشش.

ڪريان تو مان عاشق سڏائڻ جي ڪوشش،
غلامن ۾ نالي ڳڻائڻ جي ڪوشش.

اچا دلربا تون ڪڏهن راضي ٿيندين،
تو ڪافي ڪئي آ، رُلائڻ جي ڪوشش.

ڪري پيار پهرين، ڇنڻ ڪين گهرجي،
مٿا ڪر تون ناتي نڀائڻ جي ڪوشش.

اگر تون نہ ايندين تہ پو ڪرڻي پوندي،
تصوّر ۾ توکي گهرائڻ جي ڪوشش.

مون محفل ۾ سهڻي سڄڻ سان ڪئي تي،
پري ڪان ئي نظرن ملائڻ جي ڪوشش.

ٻڌائي محبّت جا ناڪام قصّا،
ڪيم خواب ان کي کِلائڻ جي ڪوشش.

اهو ڪير آهي محمّد ”امين“ جي،
جُتيءَ ۾ ڪري پير پائڻ جي ڪوشش.

۲٦. ڊسمبر ۱۹۵۴ع
هالا

▲

ڪمندِ زلفِ دوتا جي گلا وري نہ ڪبي،
گلا ڪجي نہ ڪجي پر ثنا وري نہ ڪبي.

اجايو طبع صنم جي خفا وري نہ ڪبي،
صدائ عهدِ وفا همنوا وري نہ ڪبي.

جڏهن مون روئي ڪئي پنهنجي يار کي پارت،
چيئين، ”مون بس ڪئي توسان جفا وري نہ ڪبي.“

ڏسي قتيلِ نظر کي صنم چيو دل ۾،
متي ڪڏهن بہ نظر ڪيف زا وري نہ ڪبي.

”فهيم“ آه و فغان مان تہ ڪجهہ بہ ڪونہ وريو
حضورِ يار ۾ هاڻي صدا وري نہ ڪبي.

١٦. آڪٽوبر ١٩٥٨ع
١٠:٠٠ رات- هالا

▲

ڪنهن سان هر روز پيار ڪير ڪري،
هي خطا، باربار ڪير ڪري

بي وفا ساڻ پيار ڪير ڪري،
چشم نم، آبشار ڪير ڪري

دلربا ڪي وساري دنيا ۾،
پاڻ ڪي بي وقار ڪير ڪري

تون رُسي وئين اي رشڪِ لالهء وگل،
اڄ خزان کي بهار ڪير ڪري

تون سياڻي چئين تو ملندس پر،
”ايترو انتظار ڪير ڪري“

مان بہ وينس وساري توکي صنم،
تنھنجو اڄ انتظار ڪير ڪري

مون سان دنيا ۾ پيار ڪنھن نہ ڪيو
گل ڇڏي پنھنجو خار ڪير ڪري

عمر چشمِ زدن مثل آهي،
ساھ تي اعتبار ڪير ڪري

ڪوبہ هت راز دار ناهي "فهيم"،
حالِ دل آشڪار ڪير ڪري

١٠، ڊسمبر ١٩٥٨ع
١١:٣٠ رات- هالا

▲

ڪيڏو نہ لطف آهي شبِ انتظار ۾،
هردم رهان ٿو محَو فقط يادِ يار ۾.

ٿئي عمر شال منهنجي بسر تنهنجي تار ۾،
اميد ٿو رکان اها پروردگار ۾.

اُلفت جو جنهن بہ وقت ۾ باران ٿو وسي،
اي همنشين! ٿو ساهہ پئي وار وار ۾.

هر شيءِ ۾ نور آهي سڄڻ! تنهنجو جُلوه گر،
ڪو فرق ڪونہ ٿو ڏسان گل ۾ ۽ خار ۾.

سهڻي هزار موڪليون سورن جون سوکڙيون،
ڪافي خزانو آهي دلِ داغدارَ ۾.

کھڙي ثنا، اي يار ڪريان پنهنجي يار جي،
ڪوڙين اهن چڱايون سڄڻ قربدار ۾.

هي جان مال تنهنجي اڳيان نذر مون رکيا،
جيڪي هيم، سو تنهنجي ڏنم اختيار ۾.

هُن جي ڏني تئي دلِ پز مرده باغ باغ،
اهڙو ”فهيم“! آهي اثر قربدار ۾.

۸، ڊسمبر ۱۹۵۷ع
۱۰:۰۰ کان ۱۱:۰۰ شام
ڳوٺ ڪرم نظاماڻي

▲

ڪِينَ تون پنهنجي جفائن جي ڪرين تو ڪار بس،
ڪيئن ڀلا آهُن ۽ دانهُن ڪان ڪريان دلدار بس.

گُلَ ڀلي غيرن کي ڏي، مون لاءِ تنهنجا خار بس،
خوش هجين مولا ڪري، مون لءِ غمن جا بار بس.

منهنجو تون ساقي ۽ تنهنجو آئون هڪ ميخوار بس،
پُر ڪري پيالن تي پيالا پيو پيارا پيار بس.

مان، پڇڻ وارو اَهيان اغيار کي پاڻ ٿي پرين!
سچ پڇين، مان پڻ رقيبن لءِ اَهيان آزار بس.

هي حڪومت، بادشاهي، مال دولت ڪجهه نہ آهہ،
عاشقن جي لاءِ آهي وصل جو واپار بس.

باغبان! بلبل نہ ڊڄندي تنهنجي دڙڳن کان ڪڏهن،
هن جي آهي موت ڪارڻ گل سندو انڪار بس.

هڪ تمنا آهي منهنجي ڪر اها پوري پرين!
آخري دم مہ لقا! منهنڙو اچي ڏيکار بس.

درد جو کهڙو ڪريان دارو دوا آڻيان ڪٿان،
دل دکيءَ جي لاءِ آهي دلربا دلدار بس.

مون کي دنيا جا سهارا ڪين ٿا گهرجن "امين!"
پنهنجي ڪارڻ آهي هڪڙو احمدِ ﷺ مختار بس.

۲۰، ڊسمبر ۱۹۵۴ع
هالا

▲

گلن سان گڏ رهڻ جي لاءِ مون کي خار ٺيٺو پيو،
تڏهن ان جو ٺيس جڏهين ٻين تي بار ٺيٺو پيو.

زماني جي فضا موجب بدلجي هر گهڙي مون کي،
وڏن اڳيان وڏو ٻارن جي اڳيان ٻار ٺيٺو پيو.

مون کي پَر مار جي خدمت ۾ پهچڻ لاءِ هڪ وارِي،
پرائي چار ۾ ڦاسي، پرايو مار ٺيٺو پيو.

اهائي، خوش ادا ساقيءَ جي برڪت جي نشاني آ،
جو هِرڪي نيٺ مولانا کي پڻ ميخوار ٺيٺو پيو.

فلڪ کي رشڪ ٺيو اهڙو زمين جي باريا بيءَ تي،
جو آخرڪار ان کي خاڪ پايءِ يار ٺيٺو پيو.

گهڻو پنهنجي محبّت کي لڪايم لوڪ کان همدم،
مگر حالت اچي اهڙي بڻي نِروار تيڻو پيو.

هئا شام و سحر جي ڪاروانِ زندگي ۾ گڏ،
جدا ٿيڻا نہ هئا تن کي جدا لاچار ٿيڻو پيو.

هوا اهڙي تہ گلشن کي لڳي ناساگار آهي،
جو خوشبو کي بہ گلڙن کان جدا لاچار ٿيڻو پيو.

”فهيم“ آخر نہ ڪجهہ وريو وڏائي ۾ اميريءَ مان،
ڇڏي شاهي، گداءِ ڪوچئہ دلدار ٿيڻو پيو.

▲

گهڻو دلبر لڪئين ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو
رخِ انور، اي سهڻا نيٺ مون پارن ڏسي ورتو.

لڪي شبنم ڪان، بلبل ڪان، ۽ ڀونرن جي نگاهن ڪان،
سنگهيم خوشبو گلِ تر جي مگر خارن ڏسي ورتو.

سڄي دنيا جا واعظ، محتسب سڪندا رهيا هردم،
۽ ساقي جي رخِ تابان ڪي ميخوارن ڏسي ورتو.

خدا جو لطف ٿيو هيءَ خوش نصيبي تن جي سمجهي وئي،
شفيع المذنبين ڪي اڄ، گنهگارن ڏسي ورتو.

نمازِ عشق ۾ هڪڙي جي بدران سَوَ ڪيم سجدا،
پراهن ڪونه تاڙيو، مون ڪي پير وارن ڏسي ورتو.

وجي پيو قيس ليليٰ ڏي مگر ڏاڍو ڏکيو رسندو
جي ويندي واٽ تي ان کي ڪتي ٻارن ڏسي ورتو.

شبِ فرقت گذاري ڪيئن پلا هن عاشقِ مضطر،
نہ ڪنهن سمجهو نہ ڪنهن سوچيو مگر تارن ڏسي ورتو.

وفا پي ملڪ مان وئي پر جهلي دامن وئي آيس،
جو ان کي واٽَ ويندي ئي وفادارن ڏسي ورتو.

پي گذري پر ڏکي ڏاڍي اچي همراه ٿيا هڪدم،
بحمدالله هيٺو حال منٿارن ڏسي ورتو.

"فهيم" آهي نڪا پروا هزارين بخششون ٿينديون،
زهِ قسمت درِ دلبر خطا دارن ڏسي ورتو.

١٢. جنوري ١٩٥٩ع
٥:٠٠ بجہ شام - هالا

▲

محبّت جي عوض ڪنهن وٽ محبّت ڪا نہ ٿي ڏسجي،
عجب آهي زماني ۾ عدالت ڪا نہ ٿي ڏسجي.

ڏسڻ ۾ مڙس ٺاهوڪا، مگر سڀ قرب ۾ ڪوڙا،
الاجي ڇو انهن ۾ ڪا بہ الفت ڪا نہ ٿي ڏسجي.

صبا جي هنج ۾ جيڪي نوان گل ناز سان نپنا،
خزان جو خوف، تن ۾ نياز نِوڙت ڪانہ ٿي ڏسجي.

نڪو احساس آهي ڪنهن جي الفت جو هتي ڪنهن کي،
”زماني ۾ سچائي ۽ صداقت ڪا نہ ٿي ڏسجي.“

ارادو ڪر، يقين محڪم رکي چؤ ”ٿي“ تہ ٿي پوندو،
مگر تو ۾ اجا اهڙي لياقت ڪا نہ ٿي ڏسجي.

وئي آ سرد تي محفل رهاڻيون رس ويا نڪري،
محبّت جو متل مچ آ، حرارت ڪانہ تي ڏسجي.

هو پنهنجي عاشقن وٽ پڙ وچڙ ڪي عيب ٿا سمجهن،
حسينن ۾ نزاڪت سان سخاوت ڪانہ تي ڏسجي.

وفا جي آسري هن وٽ رکين ٿو دل امانت پر،
صفا ثابت امينن وٽ امانت ڪانہ تي ڏسجي.

۱۴. ڊسمبر ۱۹۵۴ع
هالا

▲

محبّت سندم مه جبينن کان پڇجو
هلت ۽ چلت جو قريبن کان پڇجو.

سچي عمر جن ساڻ مون گڏ گذاري،
طبيعت سندم تن حبيبن کان پڇجو.

رهاڻيون مون جن سان ڪيون رات ڏينهان،
شرافت سندم تن عزيزن کان پڇجو.

ڪيم قرب جن ساڻ هن وقت تائين،
حقيقت اها تِن حسينن کان پڇجو.

شب و روز ڪهڙي طرح تا گذارن،
اهي درد دکڙا غريبن کان پڇجو.

دوائون اوهان جون ٿيون بي اثر ڇو
حڪيمن کان پڇجو طبيبن کان پڇجو.

جفائن جي بدلي وفائون ڪيم ڇو؟
اِهو عشق جي ڪِن امينن کان پڇجو.

٢٩. سيپٽمبر ١٩٥٣ع

▲

محبّت سندءِ تي وڏائي اٿم،
اها ڳالهه توکي ٻڌائي اٿم.

جڏهن تو سان دلڙي لڳائي اٿم،
ٻي سنگت سموري ڦٽائي اٿم.

زماني ۾ ناهي وفادار ڪو
اِها ڳالهه پڻ آزمائي اٿم.

ڇڏي ڪوڙ ڪلفت سندو هي جهان،
محبّت جي دنيا وَسائي اٿم.

رقيبن کي هر دم ڪريان ٿو دعا،
ڪئي واه جي، ٻي ريائي اٿم.

وجهي پير الفت جي دنيا اندر،
ڏني بس رڳو بيوفائي اٿم.

اچي عشق جي پاڪ محفل اندر،
ڪئي ڪانہ ڪڏهين ڪچائي اٿم.

امين! اهڙي نيبهہ محبّت تيم،
”سچي رات روئي وِهائي اٿم“.

١٦، سيپٽمبر ١٩٥٣ع

▲

محبّت کي دل ۾ وسائڻ نہ آيو،
رُئل مه لقا کي مڃائڻ نہ آيو.

مان در تي ويس ان جي ديدار لءِ پر،
خدا کي انهي سان ملائڻ نہ آيو.

ڪشش دل جي هئي جو هو مون وٽ اچي ويو
مگر سنگدل کي کلائڻ نہ آيو.

وفا بعد جيڪو ڪري تو ۔ جفائون،
انهي کي تہ ناتو نڀائڻ نہ آيو.

فقط هجر ۾ دلربا مون کي ڇڏيو
اچا مهربان کي ستائڻ نہ آيو.

”امين“ شوق ان کي ستائڻ جو آهي،
پر ان کي اچا ئي ستائڻ نہ آيو.

| |
|---|
| ٢٢، جولائي ١٩٥٤ع |
| هالا |

▲

محبوب بنا هي روشن راتيون، چنڊ ۽ تارا ڪين ڪپن،
جي پيار ڏئي پو ڌار ڪندا، سي سهڻا سهارا ڪين ڪپن.

وڃ تون بہ تہ گس پنهنجي سان قمر مون ساڻ ڀلا تنهنجو ڇا هي؟
تنهنجي تہ ضرورت ڪانهي ڪا، هي تنهنجا نظارا ڪين ڪپن.

مان پنهنجي ۾ ٿي پورو اهيان ڇو ڇورين ٿي تون بادِ صبا.
ڇو ساهہ سڏارڻ ٿي چاهين تنهنجا تہ سڏارا ڪين ڪپن.

ڀل طوفان ۽ گرداب ۾ اڄ مون کي بہ هلي ڇڏ پاڻ سئو.
هي ظلم، ستم ۽ سورن سان ڀرپور ڪنارا ڪين ڪپن.

پو چاهي ڀلا جي مان بہ هليس تون شاد هجين آباد هجين،
شل روح کي هردم ياد هجين ڀيو قبر و منارا ڪين ڪپن.

پيغام

ڏس رنگ جهان جا ڪئن بدليا الله جو نالو ياد نہ آه،
هِي دنيا فانيءَ جا مون کي رنگين نظارا ڪين کپن.

بيڪار زماني وارا سهارا مهروفا يا لطف و ڪرم،
بس ڪين کپن ڇڏ ڪين کپن، ڇڏ مون کي خدارا ڪين کپن.

اڄ تون ئي ”امين“ اڄ منهنجي اڳڙ ڪر روشن روح اڇي رهبر،
ير تون ئي ڏتاريندي دلڙي ہيا دل جا دلارا ڪين کپن.

۱۷، مئي ۱۹۵۶ع
هالا

▲

محبوب گهڻئي ڏنو درد الم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو
ڪئن گذريو زمانئہ رنج و غم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

هيءَ ڪانهي خبر اڄ تائين گهڻا مون ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙيا اهن،
ڪنهن وقت ڪان آهن اکيون نم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

اڳ سارو فسانو ياد هئو ڏک درد ستم جو هن دل کي،
پرهاڻ تہ بعد از وصلِ صنم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

هڪ مدّت ڪان دل سانڊي هئي اڄ نيٺ وصال جو واءُ وريو.
ڪيو جرح فراق جو ڪنهن مرهم! ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

اي راهَزنو ڇڏيو منهنجي پچر مان خود ٿي پريشان حال آهيان،
جو راهِ وصال جو پيچ و خم، ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

پيغام

هر روز قسم شڪني تي تئي ۽ روز تي مئي ڪان توبہ ڪجي،
گهڻا ڀيرا ڀڳو مون پنهنجو قسم ڪجھ ياد اٿم ڪجھ وسري ويو.

اڄ نيٺ ويس گلشن ۾ هليو ڪنهن جذبۂ دل ڪان بيخود ٿي،
ڇو مون ڪي ڏسي ٽي رنو شبنم ڪجھ ياد اٿم ڪجھ وسري ويو.

اي "فهيم" تون مون ڪي ٻڌاءِ ڪٿي تہ حقيقت ڪيئن آغاز ۾ هئي،
مون ڪنيو يا نتي ڪنيو پنهنجو قلم ڪجھ ياد اٿم ڪجھ وسري ويو.

| |
|---|
| ۲۹، مئي ۱۹۵۸ع |
| هالا |

▲

محبوبِ من! هو تنهنجا اشارا ڪٿي رهيا،
منهنجي ضعيف دل جا سهارا ڪٿي رهيا.

جن روح کي ٿي روز نئين تازگي ڏني،
ڄاڻي خدا سمورا نظارا ڪٿي رهيا.

دستِ جنون ۾ منهنجو گريبان بہ ويا ٿهي،
ڪهڙي خبر انهن جا خسارا ڪٿي رهيا.

راهون تڪيندي رات سڄي ختم ٿي وئي،
مون تان ڪِليا ٿي جيڪي ستارا ڪٿي رهيا.

آخر بہ منهنجي ڀر ۾ هلي آئين، دلربا،
تو جي ڪيا ٿي مون کان ڪنارا ڪٿي رهيا.

پيغام

سو راهرُو ئي منزلِ مقصودُ تي رسيو
رهبر ٿيو جنهن جو يار، اُڏارا ڪٿي رهيا.

الفت جي ڪشتي ڪافي پري نڪري وئي اي دوست،
دنياءِ رنگ و بو جا ڪنارا ڪٿي رهيا.

درياءُ پائي پائي ڪٽان جو ڪٿي رسيو
اي يار پاڻ وارا ڪنارا ڪٿي رهيا.

تنهائِين جي وقت پڇيو دل "فهيم" کان،
پيرا ڪندا هئا جي يلارا ڪٿي رهيا.

١٤، آگسٽ ١٩٥٨ع
١١.٣٠ شام

▲

محفل جو مير مرتبت اعليٰ اچي پيو
اڄ با ادب تي بيهو معلّيٰ اچي پيو.

بيشڪ ٿيا ياڳ پنهنجا پلارا اچي پيو
اڄ با ادب تي بيهو معلّيٰ اچي پيو.

گلشن کي حڪم ٿيو تہ سيئي گل ٽڙي پون،
مولا ڏٺو تہ طالبِ مولا اچي پيو.

ٿي دست بست ۽ سرِ تسليم خم ڪري،
خادم اوهان جي حڪم تي قبلا اچي پيو.

گهر منهنجو رشڪِ جنّت فردوس ٿو لڳي،
مون وٽ رهڻ لءِ طالبِ مولا اچي پيو.

جنّت منجهان شرابِ طهورا ڪٽي اچو،
”اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.“

ملڪن ڏنو جو مير تہ سجدي ۾ پيا ڪري،
حورن چيو تہ هاءِ خدايا اچي پيو.

هي آهي رشڪ ديرو حرم تي ويو ”فهيم“،
”اڄ ميڪده ۾ طالبِ مولا اچي پيو.“

| |
|---|
| ١٩. آڪٽوبر ١٩٨٥ع |
| ڪراچي |

پيغام

مريضِ عشق جيڪر لا دوا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.
مخالف جي يلا آب و هوا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

ڪپي لطف و ڪرم هن جو ٻين جو واسطو ڪهڙو،
جهانِ رنگ و بو مون کان خفا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

رهن ٿا زنده و جاويد حضرت عشق وارا سڀ،
سندن جي ظاهري بوتو فنا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

اسين ويٺا نڀايون ۽ نڀائيندا ٿي رهنداسون،
جي سهڻو سنگدل ۽ بي وفا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

توّڪل بر خدا آهي ته ٻيڙا پار ٿي ويندا،
اگر گرداب ۾ طوفان بپا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

سرِ تسليم خم آهي، فقط هڪڙي خدا آڏو
جي مخلوقِ خدا مان ڪو خدا تي پيو ته چا تي پيو.

مٺي محبوب منهنجي جو جهان ۾ ڪو نه ٿيو همسر،
پلا جي پيو به ڪو ماهِ لقا تي پيو ته چا تي پيو.

پرين پرديس ڏي ويئڙا سي موٽن خير سان واپس،
"امين" تي هي به احسان يا خدا تي پيو ته چا تي پيو.

٢٠ آگسٽ ١٩٥٧ع
هالا

▲

مون چيو جيڪي ٻه ڳڻ ۾ يار کي،
سا خبر ڪهڙي ڀلا اغيار کي.

ڪو وڃي چئي هي اکين جي ٺار کي،
ڏينهن ڏاڍا ٿي ويا ديدار کي.

دل ويچاري پاڻ وٽ ڇا ڇا رکي،
يار کي منٺار کي دلدار کي.

هئي ته ڏاڍي قيمتي پر ڇا ڪجي،
دل هٿن سان ڏئي ڇڏيم دلدار کي.

ڪاروبارِ مئڪده هلندو مدام،
مئي اگر ملندي رهي مئخوار کي.

پيغام

دار کي منصور بخشي آبرو
”آبرو منصور بخشي دار کي.“

•

ڳالھ آهي حقّ ۽ انصاف جي،
ووٽ ڏينداسون اسين تلوار کي.

وصل ٿئي بهتر جدائيءَ کان گهڻو
ميٺي ڇڏ اقرار سان انڪار کي.

”نحن اقرب“ جو مسئلو دلفريب،
ڪو پروڙيندو انهي اسرار کي.

دل خدا جو گهر تہ آهي پر ”فهيم“،
ڪئن ڪيان دل مان خيالِ يار کي.

| |
|---|
| ١٥. اپريل ١٩٨٣ع |
| هالا |

▲

مون کان نہ ڪو آهي ڏوهہ ٽيو پر مست اکين مجبور ڪيو
”صحبا کان ڪڻهن ڪو ڪيف نہ ٿيو ساقيءَ جي نظر مخمور ڪيو“.

آزاد پکي تقدير ڪٽي هڪ قيد ۾ آهي قابو ڪيو
نازڪ ۽ نرالن جذبن کي بي درد قفس ڪافور ڪيو.

مون عشق جي پڙڪيل باهہ اندر ٽپ آهي ڏنو پرواهہ نہ آهہ،
مان آڳ اندر جي اجهايان پيو اشڪن سان اکيون پرپور ڪيو.

غم درد کان دلڙيءَ دانهن ڪئي آزار نہ ان کان پو بہ لٿو
اڄ نامِ خدا محبوب ملو هي عرض ڪٽي منظور ڪيو.

آ، راز بڌايئين کولي ”امين“ اي يار پوءُ ڪج انصاف پلي،
بي درد تو دردن سان دل کي ڪئن آهي چڪنا چور ڪيو.

| ١٧ جنوري ١٩٥٥ع |
|---|
| هالا |

▲

مون کي اچي تو جذبۂ اُلفت وري وري،
توسان ملڻ جي تو رکان جرئت وري وري

جو محو حسنِ يار ۾ دنيا کان دور آه،
ناصح! کندي چا تنهن کي هدايت وري وري

پيارين نہ پيارين يار! مگر پيو صدا کندس،
ساقي! پيار جامِ محبّت وري وري

منهنجي اوهان سان کابہ تہ حجت نتي هلي،
پنهنجي کريان تو پاڻ شکايت وري وري

جلدي گهراءِ مون کي مديني ڏي يا نبيﷺ،
مون کي کراءِ پنهنجي زيارت وري وري

پنهنجي غريب طالبِ ديدار ڏي بہ ڏس،
سهڻا پساءِ تنهن کي تون صورت وري وري

تنهنجي ئي نام جو آ سدا طالبو "فهيم"،
توکي آ تنهن غريب جي پارت وري وري

آگسٽ ۱۹۵۴ع
هالا

پيغام

▲

مون گھٽئي راھون ڏنيون پر التجا پوري نہ ٿي،
بره جي بيمار جي آخر دوا پوري نہ ٿي.

وات تنهنجي تي اَهيان، تنهنجو ئي آهي انتظار،
ڏينهن گذري ويا گھڻا پر مدّعا پوري نہ ٿي.

مون ڪيو تنهنجي ملڻ جو پئي تصوّر دلربا،
جا رِٿي مون ڳالھہ دل ۾ دلربا پوري نہ ٿي.

هن جون سختيون ۽ ستم سڀ صبر سان سهندو رهيس،
دل جلي ويئي مگر جور و جفا پوري نہ ٿي.

منهنجي آهي عشقِ ڪامل جو اهو ڪافي ثبوت،
بيوفائيءَ ڪي ڏسي منهنجي وفا پوري نہ ٿي.

مون تہ سمجھيو تي تہ مون وٽ اڄ ھلي ايندين عجيب،
آرزو اھڙي مگر اي مہ لقا! پوري نہ ٿي.

ٻيا سوالي ڪو نہ ٿو خالي ڇڏين سھڻا مگر،
اڄ فقط تنھنجي گداگر جي صدا پوري نہ ٿي.

نيم بسمل آخري دم تي چيو روئي ”امين“،
منھنجي قاتل جي اجا شايد رضا پوري نہ ٿي.

۱۱، مئي ۱۹۵۴ع
ھالا

▲

منهنجو رشڪِ ماهتاب،
اڄ وري ٿيو بي نقاب.

ڪنهن سان گهر ويٺي ملڻ،
هڪ وڏو آهي ثواب.

تون بڻئين منهنجو صنم،
خوبتر ٿيو انتخاب.

فرقتِ رشڪِ قمر،
هڪ وڏو آهي عذاب.

نزع جي حالت اٿم،
جلد ٿي تون بي نقاب.

پيغام

ڪڙ نظر ڪا ناز مان،
اوچتو عالي جناب.

دل صراحي ڪئي اتم،
خون ٿيو آهي شراب.

ان جي آڏو شرمسار،
ماهتاب و آفتاب.

ٻيو سڄو علمِ جهان،
عشق جو هڪڙوئي باب.

تون امين آهين "فهيم"!
فيصلو ڪج لاجواب.

٢٤. مارچ ١٩٥٨ع
١٢.٢٥ رات _ هالا

▲

منهنجو مسجود جنهن جو در آهي،
سو رهيو مون کان بي خبر آهي.

شرمندو جنهن اڳيان قمر آهي،
ان جو هر چيز تي اثر آهي.

اشڪِ فرقت بنيو گُهرَ آهي،
تنهنجي ئي پيار جو اثر آهي.

تنهنجي هڪ ياد، چار اشڪِ غم،
بي ثمر جو اهو ثمر آهي.

سامهون جو آيو برق وشَ ساڙيو
هن جو هر ناز جڙ شرر آهي.

عصر پڑهندي ئي فجر تي وئي قضا،
”زلف چڱ شام رخ سحر آهي.“

اي دِل زار کو بہ خوف نہ ڪر،
تنهنجو الله پيٽي پر آهي.

مون ڪي گهرجي نہ ڪجهہ ٻيو ليڪن،
تنهنجي درڪار هڪ نظر آهي.

هن جهان ۾ ”فهيم“ تي نہ فهيم،
فهم اڄڪلهہ وڏو ضرر آهي.

| |
|---|
| ٨، اپريل ١٩٥٨ع |
| ٧.٣٥ رات، هالا |

▲

منهنجي تہ خوشي تو سوا منٿن ۾ هلي وئي،
دل جي بہ صدا دل جي ئي ڌڙڪن ۾ هلي وئي.

توسان نہ اگر وقت تي منهنجو ڪو ملڻ ٿيو
منهنجي سا مٺا هر گهڙي دردن ۾ هلي وئي.

منهنجي ٿي وئي ڇا جي ڪري تو سان محبّت،
ڇا ڪان هي سڄي زندگي صدمن ۾ هلي وئي.

بلبل جي خوشي آهي بهارن ۾ هميشہ،
اڄ بادِ خزان ڇو يلا گلشن ۾ هلي وئي.

هڪ ڏينهن ڪيم دانهن "امين" جوش جنون مان،
سا منهنجي صدا تير ٿي سهڻن ۾ هلي وئي.

٨. آڪٽوبر ١٩٥٣ع

منهنجي ڦاسڻ لءِ بنايئين دام خاص،
سنگدل جو ٿيو تڏهن آ، نام خاص.

ٿيو پيئڻ کان اڳ ئي مستانا وڃون،
"ساقيءِ گلفام آندو جام خاص."

دل ۾ بيتابي اکين کي انتظار،
جو اٿم ڪنهن ساڻ اڄ انجام خاص.

هن جهان وارا ته آهن ننڊ ۾،
ٿي ويو انسان لءِ آرام خاص.

رنگ ساڳيو وڻ اهي، سج پڻ اهو
مير مرسلؐ جو ٿيو آ، گام خاص.

هاڻ ڪٿڻ ويهان هتي هڪ پل "امين"
خط ۾ مون ڏي آهي هڪ پيغام خاص.

١. جنوري ١٩٥٥ع
ڪراچي

نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو،
خزان رسيد بهارن وڏو فريب ڏنو.

رهيا نہ مون سان جدائيءَ ۾ همدم و غمخوار،
سحر تي وئي ستارن وڏو فريب ڏنو.

وري تہ آسري دنيا جي ڪو نہ لڳندس مان،
سدائين هن جي سهارن وڏو فريب ڏنو.

مون بيقرار کي خالي ڏنائون دلداري،
وري بہ پنهنجي ئي يارن وڏو فريب ڏنو.

غمن ۾ ڪلندو رهيس پر خوشين رئاڙي ڇڏيو
هميشہ آهي بهارن وڏو فريب ڏنو.

سڪن جو ساٿ ڇڏڻ لازمي نظر آيو
قدم قدم تي قرارن وڏو فريب ڏنو.

پرائي پنهنجي ڪي سمجهڻ جو وقت ئي نہ مليو
نظر جي شوخ اشارن وڏو فريب ڏنو.

حياتي ساري بُتن جي ئي پيار ۾ گذري،
”فهيم“ نقش و نگارن وڏو فريب ڏنو.

١، جون ١٩٥٩ع

نظر ويئي ستارن تي گمان ڪافي پري پهتو
مگر عاشق تصّور ۾ هتان ڪافي پري پهتو.

بظاهر درد و غم ڪي عشق جي ٽا انتها سمجهن،
مگر اي دوست هي رازِ نهان ڪافي پري پهتو.

تڏهن سمجهيم تہ رازِ دل ڪرڻ ڪنهن سان چڱو ناهي
وڃي جڏهين محبّت جو بيان ڪافي پري پهتو.

فقط سوچڻ مان ڇا ورندو قلم ِ هڪلم ڪڻڻ گهرجي،
پري پنڌ ناهي ڇا ٿيو جو جهان ڪافي پري پهتو.

گهٽئي طوفان اٿيا گرد و غبارن انتها ڪئي پر،
اسان جي عشق وارو ڪاروان ڪافي پري پهتو.

پيغام

صبا، ٻڌندي رِهي، تارن ٻڌو ۽ آسمان سمجهو
• اسان جي عشق و الفت جو بيان ڪافي پري پهتو.

گل و بلبل ۽ خار وخس تہ ڇا، دنيا کي معلوم آهہ،
اسان رندن جي دل جو داستان، ڪافي پري پهتو.

وفائن تي خدا جي ذات پڻ تحسين ڪئي آخر،
بحمدالله محبّت جو بيان ڪافي پري پهتو.

اکين مان اوچتو نڪتو ڪريو دلبر جي دامن تي،
گهڙيءَ ۾ ئي "فهيم" اشڪِ روان ڪافي پري پهتو.

سال ١٩٦٠ع

▲

نگاهِ ناز سان دل آشنا وري بہ ڪبي،
اسيرِ زلف ٿِبو هيءَ خطا وري بہ ڪبي.

پلي ٽڙائي ڪيڏي پنهنجي در تان سائل کي،
جو ٽيٽو هوندو سو ٽيندو صدا وري بہ ڪبي.

سجڻ جو نقش قدم بار بار چمندو رهيس،
”اميد آهي تہ اهڙي خطا وري بہ ڪبي.“

ڪمندِ زلف ۾ قابو اچي ٽيس ازخود،
”اميد آهي تہ اهڙي خطا وري بہ ڪبي.“

شهيدِ ناز جي حالت ڏسڻ لِءِ چو موٽيو
اها ئي شوخ ادا جي گلا وري بہ ڪبي.

ثنائِ اهلِ جهان مون کان يار ٽي نہ سگهي،
ثنائِ مردِ خدا بارها وري بہ ڪبي.

نگاهِ ناز جي بسمل تي وار ڪر ٻيهر،
حَسِين قاتل کي التجا وري بہ ڪبي.

١٧، آڪٽوبر ١٩٥٨ع
هالا

▲

نہ بخشيو نيٺ دنيا جي رواجن،
وڃون پيا غرق ٿيو رسمِ جهان ۾.

اسان جي پيار جي اڄ رسمِ قل آ،
ڪيون ٿم بجليون گڏ آشيان ۾.

هٿن سان قرب جي ڪشتيءَ کي ٻوڙيم،
پوڻ چاهيم نٿي ڪنهن امتحان ۾.

طريقو آهي ٿيندو پنهنجو پنهنجو،
سو فرق ايندو نظر هر مهربان ۾.

رکو گلشنِ جي هر ڪا شيءِ سنڀالي،
اسان جو ڇا؟ اوهان جي گلستان ۾.

محبّت کي ڇڏيوسون فرق خاطر،
اهو ئي عيب ظاهر ٿيو اسان ۾.

ڇڏيو جهڙا سڄڻ ٿهڙائي آهيون،
ڪو فرق آيو نہ ڪو ايندو اسان ۾.

اسان جي پيار جون ڳالهيون ڪندو جڳ،
اسان جو تذڪرو ڪون و مڪان ۾.

"فهيمؔ" آهي تعّجب هن جو مون کي،
اهو ٿي ويو نہ هو جيڪي گمان ۾.

٢٢. جولائي ١٩٧٤ع
ڪراچي

پيغام

▲

واهه ڙي منهنجا منا او دلربا! شابَس هجئي!
نيٺ وئين مون کي ڪري جاني جدا شابس هجئي!

هي خيال و خواب ۾ ئي ڪو نه هو مون کي ڪڏهن،
تون ڪري ويندين پرين جيئري جدا شابس هجئي!

هاءِ اي بي دردا! پنهنجا پاڻ وعدا ياد ڪر،
سڀ وساري تو ڇڏيا آهن صفا شابس هجئي!

هونئن ته اهڙو ڪونه هئين، پر هاڻ توکي ڇا ٿِيو،
منهن مٽي هڪدم وئين مون کان مِٺا شابس هجئي!

مان ته ڏک سک ۾ ئي پنهنجو وقت ڪاٽيندس پِيو،
بس سڄڻ! تون ئي هجين شل خوش سدا شابس هجئي!

پيغام

مون نہ هو سمجهيو تہ هئن گرداب ۾ ويندين چڙهي
ڪشتيءِ اميد جا اي ناخدا شابس هجئي!

مون نٿي ڀانئيو تہ ڪو هئن تون چڙهي ويندين هليو
پر اڪيون ڪليون! چڙهي وئين بيوفا شابس هجئي!

جنهن نزاڪت سان ڪيو تو پاڻ ڪان مون کي پري
مرحبا صد مرحبا! صد مرحبا!! شابس هجئي!!!

نيٺ قسمت وانگي اڄ پڻ تون وئين هلندي چڙهي
باوفا اڄ تون بہ ٿي وئين بيوفا! شابس هجئي!

١٨، سيپٽمبر ١٩٥٧ع
١١ بجي رات، هالا

▲

وڇڙ بعد هر ڪنهن جون خوبيون تيون ڏسجن،
رڳو تن جون يادون ۽ ڳالهيون تيون ڳڻجن.

خدا شال هر ڪنهن کي راضي رکي ۽،
جهان وارا هر وقت خوش حال پسجن.

عجب دور مون کي آ قسمت پَسايو
رفيقن جون اڄ صرف ڳالهيون تيون ٻڌجن.

اڃي يادگيري اوهان جي رئاڙيو
ڪري دامن آلو ڇڏيو آهي اشڪن.

ڪچهري ۾ ٻيا سڀ ڪلن خوش تين تا،
مگر منهنجي دل جو نتا حالُ سمجهن.

رسڻ جو تہ اهڙو سبب ڪو بہ ڪونهي،
ڪيو ڪم هي منهنجي ڪچاين ۽ عيبن.

ڏسان صبر ڏاران نٿو ڪو بہ چارو،
مگر هي ڏکن جون گهڙيون ڪيئن ڪٽجن.

مون کي ياد آهن اهي ڳالهيون سڀ،
جي اڄ ڪلهہ فسانن ۾ ٿيون روز پڙهجن.

هئا مرد ميدان ۾ پر ويا هليا اڄ،
رڳو تن جون اڄ ڪلهہ ڪي ڳالهيون ٿيون پڌجن.

ڪري رحم مون تي اچي محب موٽي،
"امين" شال پيهر اڱڻ منهنجا ڀڪن.

۲۰ آگسٽ ۱۹۵۴ع
هالا

▲

وڃڻ ويلي روئي تنهن کي چيم دلبر! خدا حافظ
اجا ڪي ڳالهيون توسان ڪيان ها پر خدا حافظ

جڏهن محفل منجهان نڪتس ته دل مان دانهن هيءَ آئي
”اي ميخانا! صراحي! ساقيا، ساغر! خدا حافظ

ڪيم ڪهڙي خطا جو هو ڌڪاري تو ڇڏي در تان،
مگر سهڻا ٿين ٿا بيوفا اڪثر، خدا حافظ

مون سمجهيو ٿي وفا ڌاران پيو ڪجهه ڪين تو ڄاڻين،
مگر اي بيوفائيءَ ۾ وڏا ماهر خدا حافظ

اچي ٿيو تنگ منهنجي شاعرانه عرض ڪان سهڻو
چياٿين وڃ هتان فوراً چيم حاضر خدا حافظ

ڏٺو نظرن ٿي تنهنجي راهه ڪي پر ڪين تون آئين،
اجايو ٿو اسان کي تون رئاڙين يَر خدا حافظ

وسارين يا ڌڪارين ته به مان توکان منهن نه موڙيندس،
بظاهر پيو يلي تون چئو ”امين“ هر هر خدا حافظ

١٥، ڊسمبر ١٩٥٣ع
هالا

پيغام

▲

وري مون ڏي نگاهِ سرمہ ساتئي ها تہ بهتر هو،
مريضِ عشق جي جيڪر دوا ٿئي ها تہ بهتر هو.

مڪين مون وٽ بہ جيڪر دلربا ٿئي ها تہ بهتر هو،
هي بختِ نا رسا، بختِ رسا ٿئي ها تہ بهتر هو.

حياتي ظلمتِ فرقت ۾ پڻ گذري رهي آهي،
جي مون سان همنشين هو،مه لقا ٿئي ها تہ بهتر هو.

سزا گُل کي ملي اڄ يار جي قدمن ۾ چپچڻ جي،
مقرّر منهنجي لءِ ساڳي سزا ٿئي ها تہ بهتر هو.

پلا بيدرد ڪنهن جي دردِ دل جو حال ڪٿئن سمجهي،
سڄڻ سهڻو اگر درد آشنا ٿئي ها تہ بهتر هو.

وساري تون بہ وينين دِلربا، دنيا تہ مٿجي وئي،
جفا سڀ ڪنهن ڪئي ڪنهن ڪان وفا ٿئي ها تہ بهتر هو.

سڄڻ مون کي گهرائي بخشي ها، پنهنجو بنائي ها،
خطا مون کان بہ جيڪر ڪانہ ڪا، ٿئي ها تہ بهتر هو.

رٺين تون ۽ رٺي قسمت، رٺو سارو جهان دلبر،
رهي هڪ زندگي سا پڻ خفا، ٿئي ها تہ بهتر هو.

١٤. مئي ١٩٥٩ع
ڳوٺ پليڏنو ڪاڪا

▲

وعدو ڪجي تہ اهڙو ڪجي جنهن کي پارجي،
سو قول ڪهڙو جيڪو ڪري پوءِ وسارجي.

دنيا ۾ اعتبار وڏي ڳالهہ آهي دوست،
ڪنهن جو اجايو پاڻ ڏي شڪ ڇو اٿارجي.

ڏاڍو ثواب ٿيندو محبّت جي راهہ ۾،
هڪ تشنہ لب کي جامِ محبّت پيارجي.

الفت ڪٿي هجي نہ هجي من ثواب لءِ،
ڪنهن بيقرار جي دلِ غمگين ٺارجي.

هن جو اي يار پورو ٿئي مقصدِ حيات،
پنهنجي شهيدِ ناز ڏي هيڪر نهارجي.

دنيا تہ فاني آهي، مٿس ڪهڙو ڀروسو
ڏاڍو ڇڱو ٿئي جي گهڙي گڏ گذارجي.

پنهنجي ”فهيم“ عاشقِ مهجور کي پرين،
جي دل ۾ جاءِ ناهي تہ پر ۾ وهارجي.

١٨. اپريل ١٩٥٩ع
١١.٥٩ شام ـ هالا

▲

هڪ سنگدل سان پيار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم،
دل مفت ۾ نثار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

دل، رشڪِ لالہ زار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم،
هڪ راز آشڪار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

جو منهنجو ڪنهن طرح بہ نٿي ٿي سگهيو اي دوست،
ان سان وڃي جو پيار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

هاڻي تہ صرف مرڪي نهارڻ بہ هُن ڇڏيو
ڇو عرض بار بار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

ڪئن اشڪِ غم کي روڪيان مٽيءَ ۾ ملڻ کان اڄ،
دامنَ بہ تار تار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

قاصد وري بہ موڪلي وينس جنون ۾،
مجروح دل تي بار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

اشڪِ فراق صبر جي دامن تي پيو ڪري،
ان کي بہ داغدار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

جو نيٺ ڪو نہ آيو انهي جو ئي همنشين،
هر وقت انتظار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

دنيائِ دل بہ هارڻ صفا تي ٻڌيو وڃي،
اکين کي اشڪبار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

جنهن نيٺ راز فاش ڪيو پنهنجو اي ”فهيم“
ان تي ئي اعتبار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

| |
|---|
| ١١. فيبروري ١٩٥٩ع<br>هالا |

▲

هوا اهڙي لڳي جنهن کونہ ڇڏيو گل زماني ۾،
رهيا باقي وڃي اڄ خار منهنجي آشياني ۾.

رڳو تنهنجي ضرورت آهي دل کي هونئن تہ اي دلبر،
ڏکن دردن جي دولت ڪافي آ دل جي خزاني ۾.

سڄڻ سائين مان هر ڪنهن حال ۾ خوش آهِيان هر دم،
ٻي آزادي ڪان هن تنهنجي پياري قيد خاني ۾.

پڇي، نوڪِ قلم افسوس مان پٽ تي ڪري يارو،
اڃا ٻاتي اکر لکٽا هئم پنهنجي فساني ۾.

فقط هڪڙو ”فهيم“ آهي اوهان جي پيار جو حامي،
اوهان جهڙو نہ ٻيو جنهن کي نظر آيو زماني ۾.

٢٤، نومبر ١٩٥٦ع
هالا

▲

يا خدا، مون لاءِ هن کي ڪجهہ سچائي ڏين تہ ها،
سنگدل کي اي ڏٽي دل ۾ صفائي ڏين تہ ها.

تُوهہ سهڻو آ گهڻو ئي، پر ڪسارو ۽ ڪڙو
حسن وارن کي بہ ڪا مُنهن ۾ مِنائي ڏين تہ ها.

سپ چڏي ساٿي ويا، ڪنهن کي ٻڌايان حالِ دل،
مون کي هڪڙو هن جهان ۾ حال يائي ڏين تہ ها.

مرڳو انگريزي پڙهائي تو ڪيو تس ترش رُوُ
هن کي اي استاد ڪجهہ درسِ وفا ئي ڏين تہ ها.

آخري دم پڻ نہ چڏيئي، حيف توکي دردِ دل،
اُن جي هڪ نالي ونڻ جي واندڪائي ڏين تہ ها.

هن کي جذباتِ محبّت جو تئي احساس ڪيئن،
دلربا کي ڪجهہ نہ ڪجهہ دردِ جدائي ڏين تہ ها.

منهنجي هن تاريڪ دنيا کي خدا ڪارڻ "امين"!
اِج جمالِ حسن سان ڪجهہ روشنائي ڏين تہ ها.

۱۵. آگسٽ ۱۹۵۴ع
هالا

▲

يا مون کي علمبردار نہ ڪر، يا منهنجو ڪو خالي وار نہ ڪر،
هي عرض آ توکي منهنجا خدا ڪنهن غير اڳيان لاچار نہ ڪر.

محبوب منا سر پنهنجو تريءَ تي پاڻ وڏي ٿو پيش ڪيان،
تون مون کي ڪُهڻ جي ڪوشش ۾ تڪليف نہ وٺ ۽ وار نہ ڪر.

مان تنهنجو آهيان ۽ تنهنجو ٿي هي ڏينهن حياتيءَ جا ڪٽبا،
تون مفت عدو جي چورڻ تي بيزار نٿي، تڪرار نہ ڪر.

مئي، عشقَ پياري اهڙي جو مدهوش رهان ٿو مان هر دم،
مدهوشيءَ ئي مون کي لطف ڏنو اي واعظ چڏ بيدار نہ ڪر.

تنهنجي راه ۾ نيڻ وڇايان ۽ سر ساھہ ڏيان مان نذرانو
”اڄ منهنجي اڱڻ تي پير پري اي يار سڄڻ! انڪار نہ ڪر.“

سيپ سور ۾ صدما اي سهڻا! مون سر تي تو لءِ خوب سنا،
تون خوش ٿي ره اي ماه لقا، ڪو پنهنجي دل تي بار نہ ڪر.

تون پاڻ نيائيندو اڃجان هو پنهنجي رضا جو مالڪ آه،
تون هار ۾ جيت جو ان سان ڪڏهن وهنوار نہ ڪر واپار نہ ڪر.

هت ڇا جو "فهيم" اڄ فڪر ڪبو لاڳاپا ڇڏي تون ڪاهي پئ
هن عشق جي دريا منجهہ گهڙي ڪو عار نہ ڪر انڪار نہ ڪر.

۲۱. ڊسمبر ۱۹۵۷ع
۸ بجہ رات ڳوٺ قاسم ٻگهيو

# پیغام

# قطعات

پیغام

# پیغام

▲

اڄ وڃان ٿو مان سوءِ غيرتِ ماه،
جنهن طرف لءِ سگهي ٿو منهنجو ساه؛
من وڃي اوچتو ملي اي "فهيم"،
هن جي مون سان ۽ منهنجي هن سان نگاه.

| |
|---|
| ١١. مارچ ١٩٦٠ع<br>٤.٤٥ شب هالا |

▲

الاجي کهڙي سبب دلربا هو آه بہ لب،
الاجي ڇا کان زماني کي بيقرار ڏٺم،
الاجي کهڙو نياپو نسيم پهچايو
پري بهار ۾ هر گل کي اشڪبار ڏٺم.

١٩٦٠ع

پيغام

▲

اي يار وفادار هجئي عيد مبارڪ،
منٺار مٺا يار هجئي عيد مبارڪ؛
هڪ ٻئي کان ڪٽي دور بظاهر ٿا گذاريون،
پر ڪانهي وٽي وار هجئي عيد مبارڪ.

٢. مئي ١٩٥٧ع
هالا

▲

بيوفا سان جفا ڪڏهن نہ ڪجو
دوستو هيءَ خطا ڪڏهن نہ ڪجو.
سور سيني کي نيٺ صاف ڪندا،
دردِ دل جي دوا ڪڏهن نہ ڪجو.

١٨. آڪٽوبر ١٩٥٩ع
٩.١٠ شب حيدرآباد

▲

بي وفا سان وفا ڪندس آئون،
دل جون ڳالهيون صفا ڪندس آئون؛
دشمنِ دِل تي اي ”امين“ هر دم،
رسمِ رحمت روا ڪندس آئون.

۹، جولاءِ ۱۹۵۴ع
زيارت

▲

بي قدر انسان کان پاسو ڪرڻ آهي چڱو،
قرب وارن جي اڳيان سِرڙو سَٽڻ آهي چڱو.
دل ڏيڻ توڙي وٺڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي ”امين“،
هن جهان فاني جو لاڳاپو ڇِنڻ آهي چڱو.

١٢. آگسٽ ١٩٥٦ع
شب ١٢.٣٠ هالا

▲

تنهنجي قدمن جي خاڪ جو عاشق
آسمانن تي برتري تو رکي؛
تنهنجي آڏو يلي هو ڪجھ نہ هجي،
پر فرشتن سان همسري تو رکي.

١٩٨١ع
ڪراچي سنڌ

▲

توسان اڄ همڪلام ٿيڻو هو
دردِ فرقت تمام ٿيڻو هو.
اوچتو وٺين ملي اي ماهِ لقا،
مون تي هي لطف عام ٿيڻو هو.

| |
|---|
| ١١، مارچ ١٩٦٠ع |
| ٣.٥٠ شب هالا |

پيغام

▲

جان هڪڙي جي ناهي ڪا پرواهہ،
سَوَ هجن تہ بہ ڪري چڏيان قربان؛
منهنجا محبوب تنهنجون سڀ ڳالهيون،
منهنجي ڪارڻ حديث ۽ قرآن.

۳. جنوري ۱۹۸۱ع

▲

چڱو جو مون کي مليو درد پنهنجي دلبر جو،
جو ان سبب ٿي گهٽيو انتظار محشر جو.
ڪٿي ڪتي ٻہ هجان مون سان هو ملي نہ ملي،
تڏهن بہ وردِ زبان هوندو نام سرور جو.

٢٢. آگسٽ ١٩٥٦ع
هالا

▲

خزان کي ڪنهن جي خوشين سان چا؟ ۽ غمن سان چا؟
فغانِ بلبلِ بي پَر سان چا؟ گلن سان چا؟
هي هڪڙي موسم آهي جا ايندي رهندي آ،
انهي کي حسن يا ويرانيءَ چمن سان چا؟

| |
|---|
| ١، اپريل ١٩٦٠ع |
| ١.٥٥ شب |
| ليٽن روڊ ڪوئيٽا |

▲

خزان ۾ خوش تي بهارن جو انتظار ڪبو
نہ فرطِ غم کان گريبان کي تار تار ڪبو
ٻہ ڏينهن گذري ويا ۽ ٻہ گذري ويندا "فهيم"،
ڪڏهن نہ صبر جي دامن کي داغدار ڪبو.

١. اپريل ١٩٦٠ع
١.٤٠ شب
ليٽن روڊ ڪوئيٽا

دردِ فرقت ڪيو بيحال خدا خير ڪري،
هي بہ سِڪندي ويو لنگهي سال خدا خير ڪري،
يادگيري نہ ڪئي يار "امين" ڪهڙي سبب،
اج بہ آيو نہ ڪو احوال خدا خير ڪري!

٣. جنوري ١٩٥٥ع
ڪراچي

▲

سنڌ جي خاڪ جو جواب نہ آ،
هن جي خوبن جو ڪو حساب نہ آ؛
ذرو ذرو سندس گران قيمت،
جنهن جو مٽ ماه و آفتاب نہ آ.

٣. جون ١٩٧٣ع
١١.٤٥ شب
حامي صاحب جو ڳوٺ خيرپور

▲

صنم تہ پهلو ۾ آهي تڏهن بہ اي همدم،
الاجي ڇا جي ڪري اڄ بہ اشڪبار آهيان؛
نہ اکيون نم ۽ نہ آه و ٻُڪا نہ جوش جنون،
جهان ڇا سمجهي تہ اڄ پڻ مان بيقرار آهيان

٢٨. جون ١٩٥٩ع
قاضي احمد

▲

قصّۂ غم کي آشڪار ڪبو،
آسمانن کي اشڪبار ڪبو،
جنهن سان منزل جو واسطو نہ هجي،
رستو اهڙو ئي اختيار ڪبو.

۲۰. آڪٽوبر ۱۹۷۴ع
۱۰.۱۱ رات خانگاهہ، هالا

ڪير ڪنهن جو نہ ڪير ڪنهن جو آهه،
فڪر هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو آهه؛
ٻئي جي مشڪل کي حل ڪرڻ گهرجي،
سور پنهنجو سلڻ تہ سهنجو آهه.

٢١، آڪٽوبر ١٩٧٤ع
١٢.١٠ شب خانگاه، هالا

مديني ڏي جيڪر وڃان مان اُڏامي،
محمدؐ جي دَر جي چڱي آ غلامي؛
ٿِيان هوند نوڪر سندس دَر جو دربان،
شب و روز ان جي پيريان مان سلامي.
ٿيو ان جي هڪ ئي نظر ساڻ سارو
مدينو "امين" آهي نامي گرامي.

١٢. اپريل ١٩٥٦ع
هالا

مون کان لڪائي ستارن کي، ابر روئي ڏنو.
جدا جدا ڪندي پيارن کي، ابر روئي ڏنو.
نہ هن کي پنهنجي ستم جي خبر رهي ليڪن،
ڏسي نہ رنگين نظارن کي ابرو روئي ڏنو.

٨، جولاءِ ١٩٥٦ع
هالا

مون کي تنهنجو غلام ٿيڻو هو.
منهنجو اعليٰ مقام ٿيڻو هو.
نيٺ تنهنجي نگاه ٿي حاصل،
ڪنهن جو پورو ڪلام ٿيڻو هو.

١١، مارچ ١٩٦٠ع
٣:٥٥ شب هالا

▲

ناز پرور آهي بيشڪ ”ناز باغ“
رشڪ فِردوسِ برين، دشمن لءِ داغ،
دل ڏسڻ سان ٿيو وڃي ٿي باغ باغ،
ٿي جڏهن آمد ٿِئي در ”ناز باغ“
هت بہ روشن آهي الفت جو چراغ
بزمِ رندان آهي گويا ”ناز باغ“

۲۸، جون ۱۹۵۹ع
قاضي احمد

▲

نظـــــر اداس ادا بيقرار بـــــي چينـــــي،
خوشي کي پردهٔ غم جو نقاب خوب رهيو.
لبن تي مُهرِ خموشي ۽ دل ۾ ڪيئي خيال،
اکين ۾ اشڪ محبّت جو آب خوب رهيو.

١٠. سيپٽيمبر ١٩٥٩ع
١.٣٠ شب مٽياري

نظر پهتي نظر تائين تہ پيمانا بہ وسري ويا،
اڙائي يار اک سان تہ ميخانا بہ وسري ويا؛
پيڻ منهنجو زمين تي آسمان جو هو اچڻ گويا،
پيڻ جي مون ڪئي ساقي ڪان پيمانا بہ وسري ويا.

١١. ڊسمبر ١٩٥٨ع
هالا

▲

نيٺ دلبر ڪـــون آئين،
بيڪسن وٽ چو نہ آئين؛
توکي اڇٽو ڪـــون هو،
دلربا سو ڪـــون آئين.

۲۱. آڪٽوبر ۱۹۵۹ع
۸.۴۵ رات هالا

▲

هن جو مون ساڻ پيار ٿي نہ سگھيو
منهنجو ٻيو ڪوبہ يار ٿي نہ سگھيو.
پنهنجو پنهنجو نصيب آهي ”فهيم“،
منهنجو ڪو غمگسار ٿي نہ سگھيو.

١٩. نومبر ١٩٥٩ع
٤ بجہ رات هالا

# پیغام

# نظم

# پیغام

# اي وطن

اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال دولت توتان قربان جسم و جان.

خاڪ تنهنجي ڪي چمڻ لءِ آسمان جهڪندو رهي
شمس پڻ هر روز سڪ ۾ بي گمان جهڪندو رهي
مهربان جهڪندو رهي نا مهربان جهڪندو رهي
تنهنجي هستيءَ جي اڳيان سارو جهان جهڪندو رهي
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال دولت توتان قربان جسم و جان.

توتان قربان ٿيون ٿين دنيا جون ساريون طاقتون
تنهنجي آڏو سر بسجده دشمنن جون قامتون
توسان گستاخي ڪري سي ڪيئن هلائن حجّتون
تنهنجي خدمت ۾ زماني جون رهن ٿيون قسمتون
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

شمس تنهنجي ئي ڪري ٿيو آسمان تي جلوه گر
چنڊ ۽ تارا بہ آهن تنهنجا محتاجِ نظر
تنهنجي هر ڪا شام رنگين تنهنجي روشن هر سحر
تنهنجا باشندا گذارين ٿا سدائين بيخطر
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان

ڪير آهي جو ڪري پلجي بہ توسان همسري
توتي هردم ٿي رهي لطف و عطائي سروري
تون اسان جو ديس توکي ڪيئن ڇڏيندا سون وري
جيئري پڻ توسان آهيون توسان رهنداسون مري
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان

تنهنجي خدمت ۾ رهن ٿيون عظمتون ئي عظمتون
تنهنجي ديوانن ۾ آهن جرئتون ئي جرئتون
طاقتون ئي طاقتون ۽ همّتون ئي همّتون
آزمائي ڪو پلي پنهنجون انهن سان قسمتون
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان

سر بلند آهن سدائين تنهنجا جملي ڪوهسار
تا رهن حبِ وطن کان هڪبئي سان همڪنار
پنهنجو سينو چيري توکي پيش ڪن چشما هزار
تنهنجي خاطر زور تي روڪيو اچن ابرِ بهار
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

زنده باد اي منهنجا پاڪستان پيارا زنده باد
اي عظيم المرتبت اي شان وارا زنده باد
بي ڪسن جا، بي سهارن جا سهارا زنده باد
آسمانِ وقت جا روشن ستارا زنده باد.
اي وطن اي جانِ من اي غيرتِ هفت آسمان
توتان صدقي مال و دولت توتان قربان جسم و جان.

١٩٦٥ع

## جام پر ساقيا!

جام پر ساقيا! جام پر ساقيا!!
ساقيا! جام پر جام پر ساقيا!!

زيبور خوش نظر نازور ساقيا!
جام پر ساقيا!

ڪول زلفِ دوتا شام ڪر ساقيا!
جام پر ساقيا!

ياد رکندين مون کي عمر پر ساقيا!
جام پر ساقيا!

جام تي جام پر موج ڪر ساقيا!
جام پر ساقيا!

زندگاني اٿئي تنگ تر ساقيا!!
جام پر ساقيا!

مون کي مون کان بہ ڪر بي خبر ساقيا،
جام پر ساقيا!
اچ تہ پيئندا رهون تا سحر ساقيا
جام پر ساقيا!

پوئتي چو چڏيون ڪا ڪسر ساقيا!
جام پر ساقيا!

پانئين جي گڏ رهون اَسُر پر ساقيا!
جام پر ساقيا!

مون سان مون وانگي هل ضد نہ ڪر ساقيا!
جام پر ساقيا!

هڪڙي هيڏي بہ ڪر ڪا نظر ساقيا!
جام پر ساقيا!

آهيون وينا وٺيو تنهنجو در ساقيا!
جام پر ساقيا!

رنج غم کي ڪريون در بدر ساقيا!
جام پر ساقيا!

مولوي تو پِئي غم نہ ڪر ساقيا!
جام پر ساقيا!

ڪفر تو اڄ ٽُٽي شڪر ڪر ساقيا!
جام پر ساقيا!

پي چيم شام کان تا سحر ساقيا!
جام پر ساقيا!

هڪڙو رستي جي لئي پُر اثر ساقيا!
جام پر ساقيا!

۱. اپريل ۱۹۸۴ع

# محبّت جي محفل

محبَت جي محفل ملهايون پيو وڃ،
هي رئندڙ اکيون پڻ کلايون پيو وڃ،
مٺا خوش ٿي ڳايون وڄايون پيو وڃ،
ملي بلبل و گل سِڪايون پيو وڃ.
پرين ترس نئون نينهن لايون پيو وڃ،
نہ وڃ جلد پر پيچ پايون پيو وڃ.

تون آيو اهين هاڻ عاشق اڳيان
وڇوڙي جو احوال اهڙو ڪيان،
رئاڙيان مان توکي ۽ خود پڻ رُئان.
بہ ڳوڙها ڳلن تان وهايون پيو وڃ،
نہ وڃ جلد پر پيچ پايون پيو وڃ.

پيغام

اگهڙ آيو اهين اي دلدار مَس،
لبن تي ڏسي گل، سڙيا خار مس،
ڏکايل جي دل تان ويا آزار مس،
گلي تون لڳين اي مٺا يار مس.
رقيبن کي جاني جلايون پو وڃ،
نه وڃ جلد پر پيچ پايون پو وڃ.

ڪٽيون، ٽيڙو تارا، ستارا به ڪلندا،
هي سج، چنڊ ۽ ٻيا نظارا به ڪلندا،
جي ويندين ته حالي هچارا به ڪلندا،
اکين مان وهي نيٺ نارا به ڪلندا،
خوشيءَ مان سين کي ڪلايون پو وڃ،
نه وڃ جلد پر پيچ پايون پو وڃ.

گنگهار آهيان، خطادار آهيان،
فقط پيار جو آئون پينار آهيان،
نشي نينهن واري کان سرشار آهيان،
محبّت جي مئي جوئي ميخوار آهيان،
پري جام هڪ ٻئي کي پياريون پو وڃ،
نه وڃ جلد پر پيچ پايون پو وڃ.

پيغام

پلارا پلايون ڪري نيٺ آئين،
اڪيلي پلا ڪٿن سريا نيٺ آئين،
قدم قرب وارا ڀري نيٺ آئين،
ڏٺئي عاشقن جي اَري نيٺ آئين،
مٺا هاڻ نئون نينهن لايون پو وڃ،
نہ وڃ جلد پر پيچ پايون پو وڃ.

پلي آئين دلدار منهنجا "امين"،
هجين شاد آباد شل مه جبين،
جدا مون کان هڪڙي گهڙي تون نہ ٿين،
ڪرم جي نہ تو وٽ ڪمي آ پرين،
سجڻ ڪجهہ ٿين روشنايون پو وڃ،
نہ وڃ جلد پر پيچ پايون پو وڃ.

| |
|---|
| ٢٦، آڪٽوبر ١٩٥٥ع |
| هالا |

# نئون سال

نوان ڏينهن راتيون، نيون روشنايون،
نوان شعر ڪافيون، نوان بيت وايون،
نوان باغ بنگلا هي بستيون ۽ جايون،
نئين سال ۾ سڀ نيون بنجي آيون،
پرين، هو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون،
نئين سال ۾ اچ نئون نينهن لايون.

نوان گل چمن ۾ نئون رنگ و بو آ،
صنوبر، سمن، موتيو سرخ رو آ،
نئين سال جي اچ خوشي سوبسو آ،
مگر مون کي تنهنجي اچا آرزو آ،
وري پاڻ گڏجي خوشي ڪا ملهايون؛
نئين سال ۾ اچ نئون نينهن لايون.

پيغام

خوشيءَ مان وڻن سبز پوشاڪ پاتي،
گلن ساڻ بلبل ملائي ٿي چاتي،
مان پايان ٿو تولاءِ جهاتيءَ تي جهاتي،
نہ معلوم تو آهي چو دير لاتي،
سگهو آ تہ بلبل ۽ گل کي سِڪايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

اسين ڪشورِ دل جا سلطان آهيون،
نہ ٻي مال و دولت جا خواهان آهيون،
چون ٿا جهان وارا نادان آهيون،
محبّت ڪريون ٿا جو انسان آهيون،
غريبي، اميري جا ويڇا وڃايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

هجون پاڻ گڏ زندگي جي سفر ۾،
فضا ۾، بيابان ۾ ۽ بحر و بر ۾،
اگر آهيون بيڪار ڪنهن جي نظر ۾،
ٿئي ڪونہ ڪو عيب ٿو هر بشر ۾،

سين ۾ تين تيون برايون پلايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

وئي مون کان اڄ اوچتو آه نڪري،
مان پايان ٿو توکي ويو آهيان وسري،
گهڙي ڏار تو کان گذارڻ نہ سُتري،
سچڻ هي بہ سگهندي ئي ويو سال گذري،
حياتيءَ جون گهڙيون وچن تيون اجايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نهاريو مون شام و سحر تون نہ آئين،
قمر آيو رشڪ قمر تون نہ آئين،
اجا تائين مون کي نظر تون نہ آئين،
ٻيا سڀ اچي ويا، مگر تون نہ آئين،
متا آءُ موتي ڪري لڪ پلايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

ستارن ۽ شمس و قمر کان لڪي آ،
فلڪ کان ۽ شام و سحر کان لڪي،

لڪي آءُ جن و بشر کان لڪي آ،
سڄڻ تون سين جي نظر کان لڪي آ،
نہ ڪنهن کي ٻڌايون نہ ڪنهن کي سڻايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

نئين آئي موسم نوان تيا نظارا،
نئون چنڊ نڪتو نوان ڏئي اشارا،
جدائيءَ ۾ مون تان ڪلن ٿا ستارا،
خدارا وري آءُ پرديس وارا،
ڪري درگذر اڄ ڪچايون ڦڪايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نيهن لايون.

يلا ڇو سڄڻ وينين وعدا وساري،
هي عاشق اچا وينو راهون نهاري،
”فهيم“ آهي تنهنجي ئي سهڻل سهاري،
پرين جيڪڏهن تون اچين قول پاري،
تہ لوڪان لڪي پاڻ محفل مچايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

٥. جنوري ١٩٥٥ع
ٽاٽو بولاخان

# شانِ وطن

وطن پرست آهِيون وطن اسان جو شان آه
وطن اسان جي زندگي وطن اسان جي جان آه
وطن جو ذرو ذرو چڙ اسان لئي آسمان آه
وطن تان سر ڪريون فدا، اهو اسان لئي مان آه

اسين متس تيون فدا اسان کي تو وطن وٽي
مجال ڪنهن کي آهي جو انهي ڏي بد نظر کڻي
عدوءَ جو سر وڍي وجهون، اسان سان جي ڪلهو هڻي
اسان کان جو کٽي هلي، نہ ڪنهن ڇٽيو نہ ڪا ڇٽي

وطن جي پاڪ سر زمين، وطن جي هر ڪا شيءِ حسين
مجاهدانِ صف شڪن نظر اچن ٿا مه جبين
خوشين ۾ خوش رهن غمن ۾ ڪين ٿا ٿين حَزين
خدا خدا ڪندا رهن جتي بہ ٿا ٿين مڪين

سيئي ”عزيز“ آهيون سين جا سر متس فدا
سين جو عزم پختہ ۽ سين ۾ ولولا جدا
سيئي شينهن جو جگر رکن تا هٿ نندڙا وڏا
اسان کي همتون شروع کان ئي بخشيون خدا

جڏهن بہ عزم سان اسان شروع ڪيون ٿا ڪو سفر
وَڏو وَڏو مجاهدو ڪليو ڪليو چوي سحر
نديون نِياز مان چون اچي اسان کي پارڪر
پهاڙ پيار سان ڏين ٿا پنهنجي سيني ۾ گذر

مجال ڪنهن کي آهي جو اسان جي عزم کي پَلي
اسان سان صبح و شام گڏ اسان سان چرخ ٿو هلي
اسان لئي وقت منتظر قدم کڻي جهلي جهلي
سدائين لوح ۽ قلم اسان سان راز ٿو سلي

هوا جو رخ مٽيو ڇڏيون، فضا بنايون سازگار
اسان ڏي رخ اگر ڪري، خزان بہ ٿي پوي بهار
اسان ڏي جي نظر ڪڻن گُلن جو ٿئي جگر فگار

١. آگسٽ ١٩٦٧ع
هالا

# کافیون

پیغام

# پیغام

## ڪافي 1

### (پهاڙي)

ٿل: باغن ۾ بهارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

1_ ڪرڪا وطن تي يار ورڻ جي، پيارا پرين آهي مهل ملڻ جي
رنگين نظارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

2_ گل قل تنهنجي راهہ نهارن، تو لئي رچايو رنگ نظارن
پُرڪيف بهارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

3_ محب منا اڄ سڀ ڪين آهي، توڪان سوا بيو ڇا هت ناهي
شوقن ۾ شڪارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

4_ پکي پکڙ سڀ گڏجي ڳائن، ماڻهو ملي ٿا خوشيون ملهائن
هڪ منهنجي هزارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

5_ هيئن نہ مناسب توکي هو پيارا، وينين وساري محب موچارا
اڄ لالہ زارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

6_ پنهنجي "فهيم" کي ياد ڪري ڏس، منهنجو جهان آباد ڪري ڏس
دل جي تہ قرارن ۾، تو ريءَ نہ سري سهڻا

| |
|---|
| ۲۳، مارچ ۱۹۵۹ع |
| ۵ بجي شام هالا |

پيغام

# ڪافي 2

ٿل    تنهنجا ڀاڳ خدا ڪيا ڀلارا،
سخي سرور سچارا، سوڀارا.

1_ تنهنجو مَٽُ نہ آهي ساري جهان ۾،    آهي حقيقت هن منهنجي بيان ۾
ڪيو قادر ٿئي قائم قرارا،

2_ سنڌ، هند چا، ساري بشر ڪان،    آهن اعليٰ شمس و قمر ڪان،
پاڪ پيزار تنهنجا پيارا.

3_ پير مغان تون، شاهِ جهان تون،    ساري ملڪ ۾ آهين عيان تون
تنهن جا نوڪر نہ سونهن ستارا.

4_ تنهن جو ڪم همسر ڪو نہ ڏٺو سون    اهڙو ٻيو انور ڪو نہ ڏٺو سون.
آهين پيرن جو پڳدار پيارا.

5_ دشمن نواز تون قدرت جو راز تون    آهين فياض تون ۽ ڪار ساز تون
بخشيون ڏاتر تئي ڏاتيون پلارا.

6_ جنهن فقط سجڻ پري تنهن جي غلامي    سوئي حقيقت تي آهه مدامي،
ياڳ تنهنجا مڙن ڪان پلارا.

7_ سوئي پار تيو خوش بار بار تيو    نزديڪ، يار تيو ۽ آشڪار تيو
جيڪو پيو تو پناري پيارا.
سخي سرور سچارا سوپارا.

١٣. سيپٽمبر ١٩٥٧ع
هالا

# ڪافي 3

**(پيروي)**

ٿل    تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائينديس.
انهي رمز سان روح ريجهائينديس.

1۔ جيڪي چار گهڙيون توسان گهاريون اٿم    ساري عمر ڪان وڌ سي پياريون اٿم.
تو وساري ڇڏيو نہ وساريون اٿم    مان تہ پنهنجي پرت پچائينديس.

2۔ تنهنجو مرڪي ملڻ منهنجو عرض ڪرڻ    تنهنجي برهہ ۾ سر جي بازي پرڻ
تنهنجي لاءِ جيئڻ تنهنجي لاءِ مرڻ    توسان ناتو نيئي نڀائينديس.

3۔ تون اچين بہ نٿو مان وڃان بہ نٿي    تو ڇڏي بہ ڏنو مان ڇڏيان بہ نٿي
جيڪا تو آ ڪئي ڪنهن ڪان بہ نٿي    اهو سڀ ڪجهہ ڀاڳ ڪان ڀائينديس.

4۔ منهنجو تون ئي سڄڻ، تو لئي ہيون بہ گهٽيون    ڇا جا هار سينگار ڇا تيل ڦٽيون
نٿي توکي وٽان پر تون تہ وٽيون    ڪيئن زوري پاڻ وٽائينديس.

5۔ وڃي ويهي رهئين مون کان ڏايو پري    تنهنجي وئي سري منهنجي ڪيئن سري
تون "امين" تي اچ انصاف ڪري    ڀلا توکي ڪيئن مان ڀلائينديس

پيغام

## ڪافي 4

ٽل تنهنجي ياد ستائي موٽ تون واڳ ورائي

1ـ راهون رويو روز نهاريان
وَرَ ڏئي تنهنجون واٽون ڀاريان
پاند ڳچيءَ پائي

2ـ ياد ڪري پيو دل کي ڏتاريان
پيارا توکي ساريو ساريان
مولا شال ملائي

3ـ پلپل تنهنجي لاءِ پڪاريان
هجر ۾ هر دم هنجهڙيون هاريان
آهون ڪير اونائي

4ـ پنهنجي فهيم سان محب اچي مل
جنهن کي ڪيو تو گهور سان گهائل
پنهنجا پال پلائي

# ڪافي 5

## (ڪلاوتي ڪلواڙو)

تل توڪان جدا، دلربا ڳَٽتي ڳاريو ڳاري    توکي ساھ تو ساريۀ همنوا

1ـ توکي پلا چا! وينين وساريۀ    هجر ۾ هت ڪو ڪيئن تو گهاري

2ـ عاشق راهون روز نهاريۀ    تنهنجي تصور ۾ ئي گذاري

3ـ هيئن نہ "فهيم" کي ويھ وساريۀ    ڪنهن تہ گهڙيءَ اچ واڳڙيون واري

١٦، جنوري ١٩٦٠ع
پلاٹن جو ڳوٹ
ديھ "ٻوٻي" نارو

# ڪافي 6

(تنلگ)

تل تڪيءَ تي ڪنهن توري، آ تون سڄڻ يار اوري

1- تون جي اچين هڪوار اڱڻ تي، ڪيئي اميدون آهن ملڻ تي،
گهور ڏيان سر گهوري، آ تون سڄڻ يار اوري

2- سور سنمر گئين سر تي نيارا، پيير پٽون ڪيا پنڌ پيارا،
ڏونـــگـــر ڏوري ڏوري، آ تون سڄڻ يار اوري

3- نازڪ تنهنجي ناز نياري، پرت جو پاڪ پيالو پياري
چت چڙيو آهي چوري، آ تون سڄڻ يار اوري

4- جاني جدائي کي اچ ڏاهي، دور رهڻ ۾ دلبر چاهي،
ڪجهه تہ تڪي ڏس توري، آ تون سڄڻ يار اوري

٢٧. جولاءِ ١٩٥٧ع
هالا ڪان حيدرآباد

# کافي 7

**(پيروي)**

تل   جڏي جند وري شال جانب جياري،
تين سانگ سرها وطن واڳ
واري،

1_ او سرتيون اکين کي اجا ننڊ ناهي، اُکنڊي سندي آس آريءَ ۾ آهي،
سکايل کي سرکي پرين مانَ پياري،

2_ انهي جي اچڻ جي اتم انتظاري، محبّت جي ماري رئان رات ساري،
سڄڻ مانَ مون کي کو هک پل سنياري، _

3_ مان هيٺي هو حاکم، کا حجت نہ آهي، سگهان کئن تي ساجن اڳيان سينو ساهي
کري قرب پنهنجو اچن شل اوتاري،

4_ سڄڻ ساڻ هردم هٿن جوڙ آهي، محبّت مٺي محب لئي کوڙ آهي،
سندس وس تيس مان جياري جي ماري،

پيغام

5ـ ڪرم پاڻ پنهنجو ڪندو قرب وارو، اچي نيٺ سختي ۾ ڏيندو سهارو،
ونئي نال نيندو وٺي ساڻ واري.

6ـ خدارا اي سرورا اچي تيج ساٿي، ڳنن جا وڏا ڪڙڪا، ٻيڙي پراڻي،
منا مير مرسلﷺ ڪڍي ڪر ڪناري.

7ـ ”فهيم“ آهيان ڪانہ پارت تئي منهنجي، رهي دور منزل ۽ ٻي راهہ اڻانجي،
رڙهان پئي رَندن تي، سڄڻ تو سهاري.

٢٠. نومبر ١٩٥٧ع
٩.٣٠ رات اُچ شريف

# ڪافي 8

## (پيروي ـ ڪلواڙو)

ٽِل چٽج صبا سڄڻ ڪي ڪا هاڻي ته لهجو سارَ
1ـ روح ڪي هردم آهي اوهان جي تات طلبَ ۾ تارَ
2ـ ڪين سونهين تو ڪوبہ عجيبا ڏڙ ڏنـاران ڏارَ
3ـ ڪهڙو قرار انهن ڪي هوندو جن ڪي جدا ٿيا يارَ
4ـ سنجهي صبح بس آهي "امين" ڪي، پيارا اوهان جي پچارَ

۲. نومبر ۱۹۵۹ع
۱۱ بجہ شب هالا

پيغام

# كافي 9

ٿل     خطادار آهيان خطا دار آهيان
مگر توسان هردم وفادار آهيان.

1ـ جڏهن پهرين توکي پري کان ڏٺو مون   تڏهن کان ٿي تيرِ نظر آ سنو مون،
صدائن ڪرڻ کان مان لاچار آهيان.

2ـ مان تنهنجي ملڻ لاءِ رڻ پٽ رلان پيو   ڪچهري سنڌءِ لاءِ سختيون سهان پيو،
سڏڻ ۾ تڏهن پڻ جفاڪار آهيان.

3ـ ڪشش جي ڪري گز ڪمان کان آنڪتو   سڌو ٿي سڌو سو تہ دل تي آ پهتو،
مان پنهنجي خطا جو سزاوار آهيان.

4ـ حقيقت جي توکي مان پنهنجي ٻڌايان   رئاڙي رئاڙي وري مان رئاڙيان،
سلڻ سور پنهنجي ۾ هوشيار آهيان.

5ـ جڏهن ڪوبہ وڇڙيل مون وانگي ڏسين تون   وسارج نہ تنهن دم "محمد امين" تون،
مان کهڙو بہ آهيان سنڌءِ يار آهيان،
خطا دار آهيان خطا دار آهيان.

٢، نومبر ١٩٥٤ع
هالا

# ڪافي 10

**(پيروي ـ ڪلواڙو)**

ٿل   چو ڇڏي وئين ڇني ناز وارا
ڪر ڪرم ڪو وري تون قرارا

1ـ آسرو آهي تو ۾ وري پڻ ٻگائي ڪهڙو مان ٻگايان سنڌءِ ٻڳڻ
پيو ڪندين تون ٻلايون ٻلارا

2ـ حال ڪونهي مان بيحال آهيان توکان غافل ڪڏهه يار ناهيان
ڪر جدا ڪين مون کي خدارا

3ـ منهنجا محبوب آهين اسان جو هي سڳر، ساهه، سڀ آ اوهان جو
تو سوا ويا کٽي چلڻ چارا

4ـ قرب جي ڪشتي تو آسري آ   شل نہ تڪليف تنهن کي اچي ڪا
ڏس ڪٽي دور تي ويا ڪنارا

5ـ پاربو قول "قالوا بليٰ" جو   هي سان رستو نہ "ها" جو نہ "لا" جو
ڪين گهرجن دنيا جا سهارا

6ـ چو نہ چشمن تي رکيان چمي سي   خاص آهن "محمد امين" جي
پاڪ پيزار پرين جا پيارا

٣٠، جولاءِ ١٩٥٥ع
هالا

## ڪافي 11

**(پيروري ـ ڪلواڙو)**

تل دل قري وئين هليو چو پيارا
سهڻا سائين سندم جيءَ جيارا

1ـ ونگ واسينگ وانگي وجهن تا قرب سان يار دل قيد ڪن تا
وَرَ ڏئي وره جا وار ڪارا

2ـ نيڻ نازڪ سنڌءِ جت بہ ايندا ماٺ ئي ماٺ ۾ من کسيندا
اهن بيشڪ بڻي ڪار وارا

3ـ ياد آهن سنڌءِ سهڻيون ساريون دل تان وسرن نہ تيون لطف واريون
دلبري جون هو ڳالهيون دلارا

پيغام

4ـ آسرو آهي موتي تون ايندين مون کي پنهنجي ڪري نال نيندين
غرق ٿيندا غمن جا غبارا

5ـ مان اڪيلو جو راهون ڏسان پيو درد، دکڙا سوا تو سهان پيو
رات ساري کلن ٿا ستارا

6ـ آ، "امين" ڏي سگهو يار هيڪر سوال ساڳيون ڪريان تو هي پيهر
مل اچي مون سان منهنجا موچارا.

٣٠. جولائي ١٩٥٥ع
هالا

## ڪافي 12

رَندن تي روز شب روئي رڙي وَر ڪي ورائيندِيس،
خدا گهريون تہ ناتو نينهن جو نيئي نڀائيندِيس.

جدائي ۾ جلڻ لءِ هو مَٺي مُئيءَ ڪي ويا آهن،
امر جيڪو عجيبن جو مان وينيءِ جِي جلائيندِيس.

اي سرتيون حال هيٺي جي خبر ڪهڙي ڪريان آئون،
سوا هُن سر جي سائينءَ جي نہ ٻي ڪنهن کي ٻڌائيندِيس.

وطن مولا، مُنيءَ جي حال جو حامي ڪڏهن موٽي،
ورائي ڪاڪِ تي ڪر هو تہ مان گهورون گهمائيندِيس.

خطا بخشائيندِيس پنهنجي، ٻُچيءَ ٻُل پاندڙو پائي،
"اميد آهي رُئل راڻي ڪي منٿن سان مڃائيندِيس."

پيغام

وڏا وس مان ڪنديس هن کي ورائڻ جا مري منهن ڏئي
”اميد آهي رُٺل راڻي کي منٿن سان مڃائيينديس.“

يا ربّ العالمين وَرَ پنهنجو مون کي ڏي وطن واري،
ڪروڙين تنهنجا اي قادر پلايون پال پائيينديس.

اول خير ايندو هو ٽورا ڪري منهنجي اڱڻ ڪڏهين،
سندس پيزار پيارا مان لبن سان روز لائيينديس.

انهيءَ جي آهِيان توڙي وساري ويو سڄڻ مون کي،
”فهيم“ آئون تہ ساري عمر سهڻل جي سڏائيينديس.

٢. اپريل ١٩٥٧ع
١٢ بجہ رات هالا

# ڪافي 13

## (ڪنئوسيو_ ڪلواڙو)

روبو تنهنجون مان راهون نهاريان
ڏيو دلاسا پيو دل کي ڏتاريان

1_ موتي مهل ملڻ جي آئي، تو دير يلا چو لائي
تو سوا ڪيئن گهڙي آءُ گهاريان.

2_ روئي ڪڪرن ڪيا ويس ڪارا، منهنجي من ۾ رهيا مونجهارا
تنهنجي لءِ تاڙي وانگي تنواريان.

3_ ڏيئي پيار تو پنهنجو بنايو مون کي توريءَ نه آرام آيو
تو لءِ پلپل ٿو پيارا پڪاريان.

4_ دل درد ڪئي ديواني، تنهنجي محبّت جي پئي ڳل ڳاني
تنهنجي اُلفت ۾ جيءَ پيو جياريان.

5_ تنهنجي فڪر "فهيم" بنايو تنهنجو ٿي مون سڄڻ ڪجهه ڪمايو
تو لءِ هر دم ٿو هنجهڙيون هاريان.

| ٣٠. مارچ ١٩٥٩ع |
|---|

پيغام

# ڪافي 14

ٿل   سچ لٿي تائين ڏنم پي يار تنهنجي راهہ کي،
هوس رستي مان تہ وينو ٿي ڏتاريم ساهہ
کي.

1_ دلربا تو چو ڇڏيا پنهنجا وساري واعدا،
ترڪ هڪدم چو ڪيا تو قرب جا ڳل قائدا،
هاءِ پڙڪائي ڇڏيو تو بره واري باه کي.

2_ ڇا منا توکي ملڻ ۾ ڪو تيو ٿي اج گناه،
ڇا خدا کان وصل پنهنجي لاءِ گهريئي ٿي پناهہ
تو نہ سمجهيو آهي، شايد دل سندم جي آه کي.

3_ مون کي تنهنجي قول ۽ اقرار تي هو پروسو
تو تہ سمجهيو هي "امين" جو آهي هڪڙو وسوسو
۽ نہ سمجهيئي دلربا هئي هئي جگر جي باه کي.

١٩ آگست ١٩٥٣ع

پيغام

# ڪافي 15

تل سدا يار پيارا، توکي ساھ تو ساري
ساھ تو ساري، پلا! ڪئن وساري

1۔ رات گذاريان تنهنجون راهون نهاري، ايندين ڪڏهن تون منهنجي اوتاري
منهنجي اوتاري.. وچ ڪي گهڙيون گهاري.. ساھ تو ساري

2۔ اڄ تون اڱڻ منهنجي واڳڙيون واري، تنهنجي سڪان تو ناز نياري
ناز نياري.. تنهنجي پيس پناري.. ساھ تو ساري

3۔ مست نظر جا پُرڪش جام پياري، دلڙي ڏَکي وئين اک جي اشاري
اک جي اشاري.. هر هر آبرو الاري.. ساھ تو ساري

4۔ تار مان تاري آئين جاني جياري، هاڻ ڇڏين ڇو تو لائي ڪناري
لائي ڪناري.. وچ نہ مفت ۾ ماري.. ساھ تو ساري

5۔ ڇِٽُ چريو ڪيو تنهنجي نوري نظاري، تو لءِ "فهيم" تو پلپل پڪاري
پلپل پڪاري. هر دم هنجڙيون هاري.. ساھ تو ساري

٩، سيپٽمبر ١٩٥٨ع
٩ بجي رات وڏو بنگلو هالا

پيغام

# ڪافي 16

1_ سو سهڻو سدا دل ساري ڪيئن محب مني کي وساري
جنهن لءِ ساهه تو سڪي، ارواح تـــو ســـڪـــسي..

2_ مانَ مون سان ملي هو سجڻ گلبدن مان فدا جنهن مٿان، ڪيان سر، ساهه تن
گهوري سرڙو ڏيان، من قبول پوان، وٽ ســـات ڏٺي سونهاري..

3_ شل نصيباً سجڻ سان ملان هڪ دفعو هن حياتي جو مقصد ڏسان هڪ دفعو
منهنجو ماهِ لقا، دل سندو دلربا، من چار گهڙيون گڏ گذاري..

٢. نومبر ١٩٥٧ع
هالا

# كافي 17

**(پيروي)**

تل — سهڻا سانگ ڪري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

1ـ اوري مانَ اچن جن ڪان سوا ڪانڌ سري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

2ـ مون کي وساري مون پرين، پيارا پيِر پري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

3ـ جن جي ملڻ لءِ من ۾ هارڻ روز ٻري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

4ـ ماري مون مسڪين کي آڻي عشق اري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

5ـ ويندي ويرم نہ ڪيئون هليا ڪين هري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

6ـ ڏاڍن ڏاڍيون ڏسو، ڏوڀڻ ڏار ڏري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

7ـ هيڪلڙيءَ جو حب ۾ ڏک کان ڏيل ڏري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

8ـ "امين" آريءَ ڄام لءِ ماندي مست مري — ويڙا پري — ڪڏهن وري موتي سي ملندا

١٦، آڪٽوبر ١٩٥٦ع
هالا

پيغام

# ڪافي 18

## (پهاڙي ـ ڪلواڙو)

ٿل عشق اٽانگو آهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

1ـ پروانن جان پاڻ بچائي، محبّت جو ميدان ملهائي
سِرَ جو سانگو لاهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

2ـ حاصل ڪر ڪو حال حقيقي، واٽ نہ ونجان ورهہ بنا ٻي،
حرص هوس کي ڊاهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

3ـ مرد ٿي محڪم مام ۾ مانجهي ساجن سارج صبح ۽ سانجهي
سندرو ٻڌ جان ساهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

4ـ لاشڪ لوچي لالڻ لهندين، سور جڏهن سَوَ سِر تي سهندين
لوڪ لاڳاپا لاهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

5ـ پاءِ پرينءَ کي پاڻ ۾ پيهي ويسلو هرگز ٿيج نہ ويهي
وار وٺي ڪا ناهي، رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾

6ـ عاشق "امين" ٿي عشق ڪمائج، پيرِ نہ پٺتي، پڙ ڪان پائج
هٿ رکيو هيو چاهي؟ رس ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾.

۱۲ اپريل ۱۹۵۷ع
۱۰ بجي رات هالا

پيغام

# ڪافي 19

عشق اکين ۾ ڳوڙها سمايا،
نينهن رٺاڙي نار وهايا.

گجندا گڙندا بادل آيا،
وجن وري ٿي ساز وجايا.

آهي محبّت روءِ مٺائي،
قرب هي ڪارا ڪڪر گهُرايا.

ساهه ٿڌا هئا بادِ صبا جئن،
اشڪِ هجر ڪئين ڪنول سجايا.

برهه بهاريون بيحد لاتيون،
سوز گڏي سو سهڻا سڏايا.

آيا "امين" ڪي آر مان ابرو
ناٿ اچي جن نيٺ نمايا.

١١، اپريل ١٩٥٥ع
هالا

# ڪافي 20

تل عشق تئي آفت ادا
عشق تئي آفت ادا

1۔ يج پري ڪان ڪر سلام تي نہ ان جو تون غلام
هن پکيڙيو آهي دام شل بچائيندئي خدا
عشق تئي آفت ادا

2۔ هوش ڪر تون هوش ڪر هي اتئي مشڪل سفر
ره نہ هرگز بي خبر سڻ اها منهنجي صدا
عشق تئي آفت ادا

3۔ سور سهندين لاجواب درد، ڏکڙا بي حساب
سور ڪر عالي جناب تي نہ ڪنهن تي تون فدا
عشق تئي آفت ادا

4_ عشق جي لهرن اندر دائمي دردن اندر
تون نہ مر منٿن اندر حوصلو رکجان سدا
عشق ٿئي آفت ادا

5_ رو نہ هاڻي راهرُو ڪونہ ملنديءِ ماه رُو
پنهنجي عزت آبرو ڇڏ نہ ٻوڙي تون يلا
عشق ٿئي آفت ادا

6_ هوش سان هلجان ”امين“ پوءِ ملنديءِ مه جبين
پاڻ ٿي پنهنجو معين پنهنجو پاڻ ٿي ناخدا
عشق ٿئي آفت ادا

٢٤، آڪٽوبر ١٩٦٣ع
هالا

# ڪافي 21

ڪنهن جي ڪانءَ تي هيءَ دنيا فاني آهي هت وفا بدنام... ڙي...
ڪنهن کي ڪونہ مليو آرام... ڙي...

هر ڪنهن ڳالهہ کي دل ۾ ڳڻجي
قلم قلم هت سوچي ڪڻجي
دنيا دوئيءَ جو دام... ڙي...
ڪنهن کي ڪونہ مليو آرام... ڙي...

لالڻ کي تون لهجان لوچي
ڳولا ڪج پر سوچي سوچي
تي نہ پوين ناڪام... ڙي...
ڪنهن کي ڪونہ مليو آرام... ڙي...

٦. جولاءِ ١٩٥٨ع
هالا

# ڪافي 22

**(پهاڙي)**

ٿل  کھڙي سبب مون کي وينين وساري
ساھ  تو  سھڻل  توکي  ساري

1۔ هيڏي ڪڏهن تو دير نہ لاتي مولا ڪري هجئي وڏڙي حياتي
قرب ڪري وچ منهڙو ڏيکاري

2۔ توکي نہ ساريان بيو ڪنهن کي ساريان ڪنهن لئي پلارا هنجهڙيون هاريان
تو ريءَ ڪير تو دلڙي ڏتاري

3۔ پيارا وڃي پرديس وسائي ياد وطن جي نيٺ نہ آيئي
توکان سوا ڏک ڏيل تو ڏاري

4۔ تنهنجي "فهيم" کي تات ۾ تاري هجر ۾ ڳلتين دلڙي ڳاري
تنهنجي پيارا پيس پناري

| |
|---|
| ١٨. نومبر ١٩٥٩ع |
| ١٠ بجي شب هالا |

پيغام

# ڪافي 23

تل    گڏ ڪا گهڙي گهار... وڻجارا... وڃ نہ ولهيءَ کي وَرَ تون وساري

1_ منهنجو تون ئي مٺا، ڄاڻي خالق خدا، مهر ڪر مُئيءَ تي، جانب ٿي نہ جدا
بيڙا وجهہ مَ ٻار... وڻجارا... وڃ نہ خدارا مٺڙار ماري

2_ جيئري جدا تون ڪري، پيارل وڃ نہ پري، منهنجي سوا تو سڄڻ، ساعت ڪيئن سري
وارث وَرَمَ وِسار... وڻجارا... تنهنجي پيارا پيس پناري

3_ دلبر ديس ڇڏي، لالڻ وڃ نہ لڏي، ڏارين ڏار ڪري، ڇولي هيئن ڇڏي
پيارا پَرينءَ پار... وڻجارا... وڃ نہ خدارا ڳٽين ۾ ڳاري

4_ تنهنجي تہ پيارا پرين، آخر ڏار سري، آءُ جدا ٿي مِٺا، ويندس مفت مري
هَي هَي هيئن نہ وسار... وڻجارا... دردمنديءَ جي دلڙي ڏتاري

5_ آهي "امين" سدا، جهوري جيءَ اندر، لاهين متان مٺڙا، مون تان مهر نظر
جڏڙو جيءُ جيار... وڻجارا... تنهنجي تڳان تي سهڻل سهاري

| |
|---|
| ١٠. جنوري ١٩٥٩ع |
| ٨ بجي رات وڏو بنگلو هالا |

# ڪافي 24

گـــلـــڙن لاتـــي آ گـــلـــزاري،
لوڪ سڄي ۾ ٿي وئي بهاري

محب مٺا اڄ تنهنجي جدائي،
حال ڪيو ٿم هيٺو هيڪاري

من اچي محبوب اڱڻ تي،
منهنجي دل کي ڏي دلداري

منهنجي وفا ۽ تنهنجي جفا ۾،
يار عجب آ آزي نيزاري

روز رڻان تو يار سڄڻ لءِ،
آهي جو ٿي ويو مون کان آري

سور "امين!" سڀ سر سهسائي،
يار سان پختي لاتم ياري

۲۵. آڪٽوبر ۱۹۵۷ع
۱۱.۰۰ کان ۱۱.۵ رات هالا

# كافي 25

1_ ماهرو منٺار سان سونهن جي سردار سان
دلبر دلدار سان اڄ جدائي تي پئي.

2_ دل بہ نيئين پاڻ سان هاڻي يلا چا ڪريان
منهنجي منڙي يار کان بي ريائي تي پئي.

3_ واه زماني ڪڍي، دور ڪيئي دم هٽي
نيٺ ئي توکان گهٽي، اڄ برائي تي پئي.

4_ ڪنهن کي چئي ڪنهن کي چوان ڏوهہ مان ڪنهن کي ڏيان
منهنجي ئي اڄ ڀاڳ کان بيوفائي تي پئي.

5_ ڪا خبر جنهن جي نہ هئي سڌ نہ ڪا مون کي رهي
اُن وڇوڙي سان ٿي آشنائي ٿي پئي

6_ آهي "امين" ڪونڪو ڪير ڪندو فيصلو
پنهنجي دشمن آ ڏسو! خود خدائي ٿي پئي.

۲۸ آگست ۱۹۵۶ع
هالا

# ڪافي 26

ٿل منٺڙا........ او........ جا مون تو سان گھاري
ڪيئن وسري گھڙي سا پياري

1ـ سمجھي ويس تون ويندين وساري، چار گھڙيون گڏ يار گذاري
هجر فراق جو ڏيھ ڏيکاري، ماري ڇڏيندين نيٺ ماري

2ـ ساري زماني آهي ستايو ترس ڪنهين کي ڪونہ ڪو آيو
توبہ نہ مون سان توڙ نڀايو دلڙي ڪنهن نہ ڏتاري

3ـ نيٺ نہ آئين، وينين وساري، ساهہ تو سهڻل توکي ساري
موٽ وطن تي واڳڙيون واري، تـــوڙ نـيـائـج يـاري

4ـ ڏاڍو سڄڻ تو توکي ساريان، هجر ۾ هردم هنجھڙيون هاريان
راهون تنهنجون روز نهاريان، ڳڻتين دلـــڙي ڳـاري

5ـ توکي "فهيم" وساري وساري، ڪيترو آخر يـــار وساري
قول پيارل پنهنجا پاري، ڏي ڪا اڇي دلـــداري

۲۵. اپريل ۱۹۵۹ع

# ڪافي 27

## روپ ڪلياڻ (ايمن)

ٿل – مڙئي اٿئي اختيار مشتاقن کي ماري سگهين ٿو.

1_ تو ڏي نہ هڪڙو پاڪ پيارا! مون ڏي حرفَ هزار
در پنهنجي تان ڌڪاري سگهين ٿو.

2_ سڀ ڪجهہ سهڻا پاڻ ڪان سمجهيم توتي ناهہ ميار
وره واري کي وساري سگهين ٿو.

3_ يار سڄڻ سڀ تنهنجي وس آ گل ڏِئين توڙي خار
پرت جو پيالو پياري سگهين ٿو.

4_ مالڪ منهنجا محب موچارا سهڻا لهجان سار
تار منجهان تون تاري سگهين ٿو.

5_ تنهنجو "امين" آ يار مدامي محب مٺا منٺار
قول پيارا پاري سگهين ٿو.

٢٧. جون ١٩٥٧ع
٣ بجي رات هالا

# ڪافي 28

## (ڪلاوتي ڪلواڙو)

ٽل — محب مٺا، مهہ لقا، تنهنجي ياد ستائي
وِيئي ڪا لَنئو اهڙي لائي دلربا!

1ـ پهرين نظر سان پنهنجو بنائي
محبّت جو مچ وئين تون مچائي

2ـ دلڙي ڪسي تو ڳائي وڃائي
پنهنجو بنايئي حڪم هلائي

3ـ پيارا پنهنجو پاڻ پلائي
محب مٺا ڏس منهنجو سڌائي

4ـ تو لئي "فهيم" ويٺو واجهائي
پيارا پرين اچ واڳ ورائي

۱۲. جنوري ۱۹٦۰ع
"تنڊي ڪاٺي" نارو

پيغام

# ڪافي 29

منهنجا دلــــبــــر مــــنا، رهہ نہ مون کان جدا
مون تہ تنهنجي ڪري سر تي صدما سٺا منهنجا دلبر مٺا!

1ـ دل تي تو لاءِ دلبر اداسي رهي، مي محبّت پيڻ لءِ پياسي رهــــــي،
آ پلارا پري ڪي قدم مه لقــــا، منهنجا دلــــبــــر مٺــــــا!

2ـ روز شب تنهنجون راهون تڪيندو وتان صرف ان آسري تي تہ موٽين متان،
شــــــل وطــــــن تــــــي وري ورائي خالق خدا، منهنجا دلبر مٺا!

3ـ نيٺ ڪنهن ڏينهن پوري ڪندين آرزو محب ملندين ۽ ٿيندي خوشي سوبسو
۽ نہ ڪلندو هي ساحل ۽ نڪي نا خدا، منهنجا دلبر مٺا!

4ـ اي "امين" آهہ آخر ڪندي ڪو اثر جو اگڙ ايندو منهنجي هلي حسن ور
مان ڪريان جنهن تان سر ساهہ صدقي سدا، منهنجا دلبر مٺا!

١٠، جولائي ١٩٥٧ع
١٠:٠٠ رات فقير آباد

پيغام

# ڪافي 30

منهنجي تہ دل جو آهين دلدار سهڻا سائين.
جلدي ڪراءِ پنهنجو ديدار سهڻا سائين.

هر دم روئان هيڪاندو هڪ ويل ناهيان واندو
تولاءِ مران ٿو ماندو مننار سهڻا سائين.

ڪفني ڳچي ۾ پايان در در صدا لڳايان
تنهنجو فقط سڏايان پينار سهڻا سائين.

راهِ وفا تان ويندڙ اي يار دل لٽيندڙ
مل تون ڇني ڇڏيندڙ هڪوار سهڻا سائين.

مون کان نہ پل پري ٿي دل درد ۾ ڳري ٿي،
ساعت نہ ڪا سري ٿي تو ڌار سهڻا سائين.

ديدار لاءِ دلبر آهيان اداس هر هر
منهنڙو تہ پنهنجو هيڪر ڏيکار سهڻا سائين

هر دم هٿان صدائون ڪر بخش سڀ خطائون،
آهيان "امين" آئون نيڪار سهڻا سائين

١٩، نومبر ١٩٥٣ع
هالا

پيغام

# ڪافي 31

ٿل "موت مسافر اڪڙيون اڄايون"
اڄ تہ وري دل، دل سان ملايون.

1_ جاني جياپو جيءَ جو آهين دور تون منهنجي دل کان ناهين،
وري بہ وڇوٽيون وچ جون وڄايون.

2_ جي لائق آئون ناهيان نسورو پر نہ سڄڻ ڪر نينهن ۾ ندورو
هڪ ٻئي کي ويهي سور سڻايون.

3_ ڪاهيان ڪنهن ڏي ڪنهن جو ٿيندس توکان سوا ٻيو ڪنهن ڏي ويندس،
درد جون آهن گهڙيون آيون.

4_ ڇا کان مون کي تو يار ڏڪارين منهنجا مٺا پيو دور گذارين،
قرب ۾ ڏسبيون ڪين ڪڇايون.

5_ هاڻ ڪجي ڇا کهڙو گس آ توکي آٽيان منهنجو نہ وس آ،
تنهنجي "امين" ڪل واٽون وڃايون،
موت مسافر اڪڙيون اڄايون.

۱. جولائي ۱۹۵۵ع
هالا

پيغام

# ڪافي 32

ٿل نهاريان ٿو هر وقت تنهنجي گسن ۾،
ڪڏهن ايندين سهڻا تون صحنِ چمن ۾.

1_ هي الفت جو دستو ڏاهين يا ٺاهين ڪري ٿو سگهين يار جيڪي ٻه چاهين،
آ مارڻ جيارڻ ٻه تنهنجي هٿن ۾.

2_ جڏهن ڏاغ فرقت جو دل تي هڻين وئين بهاري ٻه چڻ پاڻ سان ئي ڪٽي وئين،
"اڳوڻو مزو ناهي گلشن گلن ۾."

3_ مان دردِ جدائي ڪان ڏانهون ڪريان ٿو ۽ تنهنجي اچڻ جون ئي راهون ڏسان ٿو
متا مل اچي مون سان هالن نون ۾.

4_ صد افسوس ٿو پنهنجا وعدا وسارين اچڻ جا اچا پڻ نٿو قول پارين،
اٿئي يادا! تو چا لکيو هو خطن ۾.

5_ سڄڻ تون ته مون کي وساري سگهين ٿو جدا پڻ خوشي ساڻ گهاري سگهين ٿو
"امين" تو سواءِ ڪيئن گذاري غمن ۾.

٢٢، ڊسمبر ١٩٥٤ع
هالا

# ڪافي 33

ٽل ويئي وهامي رات ستارا گم ٿي ويا
ڇٽڪ بني سڪرات سهارا گم ٿي ويا

1_ تو ريءَ جاني ساري خدائي منهنجي نظر ۾ آهي اجائي
تون بہ وئين پرديات نظارا گم ٿي ويا

2_ ياد ڪري ڪي تنهنجا اشارا منهنجي اکين ۾ يار پيارا
اهڙي پئي برسات ڪنارا گم ٿي ويا

3_ رات رنگين ۽ مست نظارا تنهنجي هٽڻ سان سڀ هٽا پيارا
تون بہ وئين پرديات نظارا گم ٿي ويا

4_ شمس و قمر ۾ شام و سحر ۾ توکي ڏسان تو شاخ و شجر ۾
تنهنجي رهي آ تات اڏارا گم ٿي ويا

5_ ڪنهن بہ "فهيم" نہ توڙ نڀائي واهہ جي ڪيائون وعدي وفائي
ڏيئي فقط فڪرات پيارا گم ٿي ويا.

٢٨. مارچ ١٩٥٩ع
١١:٤٥ بجي شب
وڏو بنگلو هالا

پيغام

# ڪافي 34

هنئي دل جي بازي اٿم بيوفا سان،
ڪئي دل جي نيازي اٿم بيوفا سان.

1_ جدا ٿو رهين مون کان منهنجا مٺا ڇو، وفادار دلبر ٿئين بيوفا ڇو.
اها روز آزي اٿم بيوفا سان.

2_ هو هر دم روڙهي ٿو مان خاموش آهيان، فقط ان جي الفت ۾ مدهوش آهيان.
رکي صلح سازي اٿم بيوفا سان.

3_ سڄڻ تان مان هر دم فدا ڇو نہ ٿيندس، سندس در تان منهنڙو مٽي ڪون ويندس
عجب عشق بازي اٿم بيوفا سان.

4_ سڄڻ ساڻ منهنجي سچي دِل لڳي آ، اهو عشق ۾ منهنجي لءِ غزنوي آ
"امين" دل ايازي اٿم بيوفا سان.

١٧. فيبروري ١٩٥٤ع
هالا

# پیغام

# بیت

پیغام

# پیغام

▲

ڪوجها ڪنڙا قياس جھڙا، يارَ
جيون تا جهان ۾ اوهان جي آڌارَ
ساجن لهجو سارَ اچي اٽانگي وقت ۾.

١٦. مئي ١٩٥٥ع
هالا

▲

سڄڻ ساھ پساھ کي وک ڪان ويجھو تون
دنيا دورنگي ڪان مولي بچائج مون
هدايت ساڻ هلون حاڪم تنهنجي حڪم سان.

١٦. مئي ١٩٥٥ع
هالا

▲

حاڪم تنهنجي حڪم سان محبّت من رهي
دريا پنهنجي دل جو وحدت ڏانهن وهي
پلي پيئي ٻهي دنيا پنهنجي ڏن تي.

١٦. مئي ١٩٥٥ع
هالا

▲

دنيا پنهنجي ڏن تي محبّت منهنجي من
مولا تنهنجي طلب ۾ ويچا سي وجن
چوري روز چپن ”امين“اوهان جي اسم سان.

١٦. مئي ١٩٥٥ع
هالا

▲

نرمل نوح فقير ڪيئي ڪرم ڪيا
مون ڪان سي ميا ڪڏهن ٿيا ڪين ڪي.

١١. ڊسمبر ١٩٥٧ع
٨:١٠ شب- هالا

▲

کلن خوش ٿي خير سان    شل سڄڻ سونهارا
جڙيل هجن جوءِ ۾    سانگي سويارا
اچي ڪن ڪي قرب جا    ولهيءَ تي وارا
تن جي تات طلب ۾    ٿيون اکيون اوتارا
جن جو فڪر ”فهيم“ ڪي    سي پرين اچن پيارا
مون سان ميل منهنجا    منٽرا موچارا
اکڙين اوجارا    اچن شال اڱڻ تي.

۷. فيبروري ۱۹۵۸ع
۸:۵۵ بجي شب
لکياري آباد

▲

سڄڻ خوش تين مولا پنهنجي مهر ڪر
ذاتر پنهنجي ذات جا ذاڻَ اچي تون ڏين
فڪر "فهيم" جا فضل سا لالڻ شل لاهين
منهنجا ئي آهين سدا هجن سنرا.

٧. فيبروري ١٩٥٨ع
٩:١٠ بجي شب- هالا

▲

پرديسان پنڌ ڪري وينديس پنهنجي ڏيهہ ڏي
هوندا سانگي سنرا خوشيون خوب ڪري
پيالو پرت پري پيئندس پنهنجي پِرسان.

٢٧. فيبروري ١٩٥٨ع
٩:١٥ بجي شب
لڪياري آباد

پيغام

▲

رب بہ راضي تن مان جن کي آهي جمال
آهي انهي ڳالهہ جو مون کي خوب خيال
ٿيندو ڏکئي ڏيهہ ۾ ڪوجهن ڪهڙو حال
تن جو سنگت ساٿ ۾ مرڪڻ آهي محال
جن کي نہ آهي جمال سي ويچارا ڪيڏانهن وڃن.

٢٤. نومبر ١٩٥٩ع
٦:٤٥ بجي شب هالا

▲

صبا! چئج سجڻ کي ساري سَوَ سلام
دل جي دلبر يار کي پهچائج پيغام
تہ کار کئيندي لڳن توريءَ سپ طعام
صبح سڪندي ٿيو وڃي سارينديءَ ٿئي شام
آهيان آئون ”امين“ چئي سجڻ اوهان **جي** سام
نرمل نانءُ الله جي ڪريو ڪي ڪلام
محبّت واري مامَ سانڍي رکيم ساه سان.

۲. فيبروري ۱۹٦۰ع
۸ بجي صبح
ٽُکي اُنڙ، نارو

پيغام

▲

صبا! چئج سڄڻن کي سنيها ساري
پيارا ڪو پرديس ۾ تو لئي تنواري
پرين تنهنجي پور ۾ پلپل پڪاري
نرمل تنهنجي نانءَ کي عاشق اچاري
تنهنجي تات اندر ۾ ٻارڻ پئي ٻاري
سدا ساه فهيم جو ساريو تو ساري
نرمل نانءُ الله جي نوازي ناري
واڳڙيون واري اچو مون مهجور ڏيا

٢. فيبروري ١٩٦٠ع
٨:٦ بجي صبح نارو

▲

صبا! چئج سڄڻ کي تنهنجي لڳي تار
لالڻ ڏينهن لڙيو وڃي پڇائيندي پار
واجهائي واٽن تي نيڻ وهائن نار
جيءَ ۾ آهي "امين" جي پرين تنهنجي پچار
وساري نہ ويھ تون ساجن لھ ڪا سار
سڄڻ سونهين ڪونہ ٿو ڏڻ ڏنساران ڏار
قرب ڪري ڪويار واڳون وار وصال جون.

٢. فيبروري ١٩٦٠ع
٨:٠٠ بجي صبح نارو

▲

بهاريون بي سود ٿيون دلبر توکان ڏار
وڻي ڪجهه ئي ڪونہ ٿو جانب جيءَ جيار
تنهنجي لڳي تار ٻيو سڀ وسري ويو.

۵. مارچ ۱۹۶۰ع
۸ بجي شب هالا

# پیغام

# متفرقات

پیغام

# پیغام

▲

اسان جي شهر هالن کي بچائج يا رسول الله،
سيئي مشڪل غريبن تان هٽائج يار رسول الله

غريبن جا اجها ۽ آسرا محبوب مولا جا،
دکايل درد وارن کي ڪِلائج يا رسول الله

اسان سڀ ڪجهه ولهن وارث ڪيو تنهنجي حوالي آ،
سڀن جي حال تي گاڏو هلائج يار رسول الله

سوا تنهنجي ٻيو واهر وسيلو ڪير ٿيندوسين،
ٻلارا تون نہ هرگز ئي ٻُلائج يا رسول الله

فقط تنهنجي ئي دامن کي جهلينداسون اسين هر دم،
خدارا تون نہ دامن کي ڇڏائج يار رسول الله

توڪل برخدا چئي راھ تنھنجي ڏي وڏيا آھيون،
سنئين رستي تي ھاڻي تون ھلائج يا رسول الله.

اي رھبر آسري تنھنجي تي ھلندا تا ھلون ھر دم،
اسان کي تون ئي منزل تي رسائج يا رسول الله.

"امين" جو سائين تون رھبر بہ تون ۽ آسرو پڻ تون،
قدم پنھنجا ڪڏھن ان وٽ گھمائج يا رسول الله.

٢١. ڊسمبر ١٩٥٥ع
ھالا

پيغام

▲

يا خدا!! او مهربان!! منهنجا خدا!!!! منهنجا خدا!!!!
پنهنجي هڪ ناچيز بندي جي ٻه سڻ اج التجا.

مان پريشان حال آهيان ڪر ڪٽي منهنجي مدد،
تو سوا ڪنهن ڏي مان ڪاهيان ڪر ڪٽي منهنجي مدد
ڇا ڪجي ٻي وات ڪانهي ڪا رهي توکان سوا.

حال ڪونهي ڪوئي مون ۾ آهِيان بيحال مان،
گردشِ افلاڪ کان بيزار آهي جسم و جان،
اي ولهن وارث وري ڪر درد مندن جي دوا.

منهنجي هيٺي حال تي ڪو رحم ڪر منهنجا ڏڻي،
مان گنهگار آهِيان مون کي تون پنهنجو ڪر ڪٽي،
تنهنجي بخشش جي نه ٻڌجي تي ڪڏهن ڪا انتها.

پيغام

شوم بختي کان ويا آهن سيئي ساٿي ڇڏي،
دل اداسي ٿي انهن کي سوز مان ساري سڏي،
ڇا اُنهن جو حال هوندو، جن کان ٿيا جاني جدا.

مان نہ پنهنجي وس رهيس مون تي ئي پنهنجو وس هلاءِ،
ڪِينَ تون پنهنجن ڪِنَنِ ڪوجهن تان پيو ڪوئي ڪلاءِ،
مهر سان مالڪ منا! پنهنجي "امين" جي سڻ صدا.

٢. آڪٽوبر ١٩٥٥ع
هالا

# خط

بخدمت فيض درجت اعليٰ عظمت
بخدمت قبلئہ من ابرِ رحمت
بخدمت مرشدِ ڪامل مڪمل
بخدمت روحِ محفل رونقِ دل
بخدمت قبلئہ ڪونين اطهر
بخدمت ڪعبۂ دارين اطهر
گهڻن ادبن، نيازن بعد عرض آه
قدم بوسي ۽ پيارن بعد عرض آه
بحمد الله! هتي ڪل خير آهي
سبب اُلڪي ڪرڻ جو ڪوبہ ناهي
اميد آهي تہ سائين هوندا خوشتر
۽ صحت هوندي فضل ربُ بهتر
سلامت سات سارو رکندو موليٰ
نظر ڪي آهي هردم جنهن جي ڳولها

پيغام

سندم پيرِ مغان، پيرِ ڪرامت
خدا رکندو سلامت تا قيامت
پلي ڪن ناز "لنڊن" جون هوائون
پلي ڪن ناز "يورپ" جون فضائون
سڄڻ هردم هجو آباد و شادان
بچائيندوَ خدا ڪوسي هوا کان
سندم پيرِ مغان جت پير پائي
بهاري ات نئين سر رنگ لائي
تي لنڊن ۾ بهاري ويئي برپا
گلن خوش ٿي وڳا ۽ ويس پاتا
خزان ۾ ڪئن ملي ان کي بهاري؟
مٺي محبوب جو اُت واڳ واري
فقط هڪ ڳالهه دامن گير آهي
تہ ويو پرديس منهنجو پير آهي
خدا اُن ديس کي آباد رکندو
اتي جو ذرو ذرو شاد رکندو
ڪرڻ ظاهر جي چاهيان دل جو احوال
تہ خط لکندي وڃي گذري سڄو سال

نظر کي جستجو هر دم رهي ٿي
ملي خط تو تہ دل بي غم رهي ٿي
هتي دريا بہ ڏاڍوئي چڙهيل آه
مگر مضبوط بندن ۾ ڪڙيل آه.
سبب ڪنهن خوف خطري جو نہ آهي
هتي دريا ڪان ڪنهن کي اونَ ناهي
هتي سيئي ڪريون وينا دعائون
تہ سائين خوش هجن، ٺرنديون نگاهون
سيئي خادم، ملازم، دوست همدم
چون ٿا بندگيون ۽ نياز هردم
زياده عشق بيو ڪل خير آهي
"امين" جو تو سوا بيو ڪير آهي!

| ١٧ آگسٽ ١٩٥٩ع |
| --- |
| هالا |

پيغام

# مشترڪ نظم

**حضرت طالب المولىٰ** تيو دورِ خزان ختم بهار آئي چمن ۾
**خادم** هڪ لَهرَ خوشيءَ جي تو ڏسان سروَ سمن ۾
**بيخود** عيد آهي نئين سر تي ٻيا دشت و دمن ۾
**فهيم** ماحولِ بدلجي ويو سچو چشمِ زدن ۾
**محبوب** لبريز ڏسان جام تو ساقيءَ جي هٿن ۾
**حضرت طالب المولىٰ** اڄ رنگِ جواني ٻه آهي چرخ ڪهن ۾

**حضرت طالب المولىٰ** گلشن جي صحن ڪي تي صبا روز ٻهاري
**بيخود** بلبل ٻه خوشيءَ مان تي گلن ساڻ گذاري
**بيخود** سنبل تو وريو زلفِ پريشان ڪي سنواري
**محبوب** نرگس تي ڪنيو ناز پريا نيڻ نهاري
**حضرت طالب المولىٰ** لب پنهنجا صراحيءَ رکيا ساغر جي لبن تي
**محبوب** عاشق تي ڏني جٽڪ چمي چاهِ ذقن تي

**محبوب** بهتر جو هينئر واعظِ ٻي پيير نہ آهي
**حضرت طالب المولىٰ** ۽ پائ جنون ۾ ٻہ ڪو زنجير نہ آهي

پيغام

**خادم** سڀ خوش تہ ڏسان هاڻ ڪو دلگير نہ آهي
**فهيم** شب آهي، مگر نالۂ شبگير نہ آهي
**محبوب** تي يار جي موجودگي سوني تي سهاڳو
**بيخود** ياڳن سان تہ اهڙو ڪو ملي وقت سياڳو.

**حضرت طالب المولىٰ** رات آهي يا محبوب جا هي زلفِ پريشان
**محبوب** رخسار يا هي نورِ سحر آهي نمايان
**بيخود** دلبر جي جبين آهہ يا هي ماهِ درخشان
**خادم** هي مست اکيون يار جون يا چشمِ غزالان
**حضرت طالب المولىٰ** مستي ۾ سنڀاليو جو اچي يار جي بازن
**حضرت طالب المولىٰ** غيرن جي دماغن جو ويو بگڙي توازن

**فهيم** شرمائي گلن کي تي سندس رخ جي گلابي
**فهيم** غنچن بہ سجڻ کان ئي سکيو ناز نقابي
**محبوب** ڪن مست سين کي تا سندس نيڻ شرابي
**خادم** هي نيٺ ڪرائيندين اکيون خون خرابي
**فهيم** رفتار سندس آهي قيامت تي قيامت!
**محبوب** گفتار سندس شانِ فصاحت ۽ بلاغت.

پيغام

**حضرت طالب الموليٰ** هڪڙو بہ سندس تيرِ نظر ڪو نہ خطا ٿئي
**بيخود** جنهن کي ٿو لڳي، انکي حياتي تي عطا ٿئي
**حضرت طالب الموليٰ** ڪاوڙ جي تڏهن پڻ ٿو سندس وعدو وفا ٿئي
**حضرت طالب الموليٰ** پرچي تہ وري پاڻهي ئي دردن جي دوا ٿئي
**بيخود** ڪنهن تي بہ ڪڏهن جورو ستم ڪو نہ ڪري ٿو
**خادم** ڪيڏا نہ سڄڻ قرب ڪري پير پري ٿو.

**حضرت طالب الموليٰ** هو ”طالبِ مولا“ جي محبّت جو نگهبان
**محبوب** ”محبوب“ مليو دل جا ٿِيا پورا سڀ ارمان
**فهيم** ٿو حسن ”فهيم“ ان جو ڪري حسن کي حيران
**خادم** ”خادم“ تي ڪري يار ٿو احسان تي احسان
**حضرت طالب الموليٰ** هو ”طالبِ مولا“ جو خدا آهي مجازي
**بيخود** ”بيخود“ ٿا نَمَنِ جنهن کي سدا ترڪ ۽ تازي

٢٣، فيبروري ١٩٦٠ع
حيدرآباد سنڌ

▲

ڪي اهڙا سبب پيدا ٿي پيا جو يار رنل ئي ڇڏڻو پيو
هي پنهنجو پيارو ديس ڇڏي پرديس ڏي هڪدم لڏڻو پيو

٢٢. سيپٽمبر ١٩٥٦ع
هالا

▲

منهنجي اکين ۾ لڪل منهنجو ئي هڪڙو يار آ
ڇا جهان ڄاڻي تہ هي ڪهڙو عجب اسرار آ.

٢٥. مارچ ١٩٥٦ع
ڏني جي پٽ

▲

اسان کي عشق و محبّت ۾ همنوا ڏسندي
چراغ رشڪ ۾ جلندي اجهامي ويو آخر.

٨. مارچ ١٩٦٠ع
١١.٢٠ شب، هالا

▲

تو ڦٽي دلڙي منا هڪ ئي نظر جي تير سان،
قيد هردم ٿو ڪرين تون زلف جي زنجير سان.

دل ڏنم توکي سڄڻ پنهنجي فقط آرام لاءِ،
تو ڏنا سوَ ڏک منا بس صبح توڙي شام لاءِ.

تون تہ آهين وقت پنهنجي جو حسين منهنجا منا،
ڪو بہ مَٽ تنهنجو نہ آهي مہ جبين منهنجا منا.

تون ڀلي ونجان هميشہ منهنجو منڙا امتحان،
مان ڪندس محبوب توتان هر گهڙي قربان جان.

قدر هن وٽ ناهہ منهنجي درد غم ارمان جو
اي "امين!" اُن کي ڪپي ٿو خون ئي انسان جو.

١٦ آگسٽ ١٩٥٣ع

پيغام

▲

جيڪي رٿيو مون دل ۾ انهي مان ته ڪجهه نه ٿيو
جيڪي نه ٿيڻو هو سو خدا خود ڪري ڇڏيو.

▲

ساقي رڳو شراب پيارڻ ۾ محو آ،
ڇا ڄاڻي اي "امين" ته وفادار آهي ڪير.

٦. مئي ١٩٥٦ع
هالا

▲

حسين پنهنجي هٿن ساڻ اڄ ڪٽي موڪل
"امين" بنجي امانت ڪري جواب سڄڻ

٧. اپريل ١٩٥٥ع
هالا

# هوا سان خطاب

چا؟ هوا تون پڻ ڪرين ٿي عشق جو رلندي وتين
بي خبر! ڪهڙيون نيون جايون گهتيون گهمندي وتين
هر ڪنهين جي لءِ چڱي وائي سدا گهرندي وتين،
ڪنهن جي جهوريءَ ۾ الاجي جهنگ جهر جهرندي وتين.
سک ڪري ويهڻ صفا توکي نہ ٿيو آهي نصيب،
ديس ۽ پرديس ۾ بس هر گهڙي هلندي وتين.
تون ستائين ٿي وڻن، ٻوٽن، گلن کي بي سبب،
ڪن کي جهورين ڪن کي ٽوڙين جوش ۾ جلندي وتين.
جهڙي ديواني ۽ مستاني چري ۽ چاڳلي،
پنهنجي منهن پڻ پڻ ڪندي ۽ چا جو چا چوندي وتين.
ڪنهن جون واتون ٿي نهارين ڪنهن سان تنهنجو عشق آ،
ڪنهن جي ڪارڻ روز شب پنڌ پيچرا پُڇندي وتين.
خوش نما سانوڻ جي بادل کي ٻڌائي دردِ دل
ڪيئن نہ تنهن کي ٿي رئاڙين پاڻ پڻ رئندي وتين

ترس ٽڏڙي هير او بادِ صبا! ڪجهه ترس ترس،
ڏي خبر همراز تي مون ڪان بہ چو ٻچندي وتين.

## ”هوا جو جواب“

چڏ ڪٽي هن ڳالهہ کي اي عشق جا ڪاڏل ”امين“!
تون بہ خود آهين ڪُٺل مون ڪان وري ڇا ٿو پڇين،
جا پڇين ٿو ڳالهہ مون ڪان، پاڻ ڪان سا پاڻ پڇ،
هي جواب آهي خدا حافظ! زيادهہ ڪينَ ڪچ.

٢١. ڊسمبر ١٩٥٣ع
هالا

# مشترڪ غزل

**ساقي** بلنديءَ تي ڪيو بيهي مون اقرارِ وفا يارو
زمين وارا مگر مون کان ٿين ڇو ٿا خفا يارو.

**امين** عجب آزادگي آخر اُهوجهن کي ملي آهي
اها ئي مهرباني تن مٿي ڪئي آ خدا يارو

**ساقي** خدا جي واسطي هي ظلم ڇڏيو پنهنجي بندي تي
سندم هڪ آه سان ويندا ڏڪي ارض و سما يارو.

**امين** پري کان ئي پريءَ جو مون ڪيو ديدار اڄ آهي،
اکين هڪ طرف گهائل ڪيو ڪٽو ابروءَ جدا يارو.

**ساقي** جي هن کي قتل ڪرڻو هو تہ پو اڳ ۾ ٻڌائي ها،
ٻڌائڻ جي سوا هئن ڪئن ڪبي جورو جفا يارو.

**امين** هي هڪڙو آهي سر، جو پڻ سندس قدمن مٿان قربان
اگر هڪ لک هجي تہ بہ گهوريان ڏهہ مرتبا يارو.

پيغام

**ساقي** ادائن سان، جفائن سان ۽ تيرن جي نگاهن سان،
ڪئي مون سان سڄڻ آ بيوفائي، با وفا يارو.

**امين** سڄڻ رشڪِ قمر سان اوچتو اکيون مليون همدم،
ڏسڻ سان ئي سندم دل تي وئي مون کان جدا يارو.

**ساقي** سندم دلبر، سندم جان و جگر، هو سنگدل سهڻو
ڪيان تو ياد مان هردم، انهي کي اي مٺا يارو.

**امين** ستارن کي ڳڻيندي رات ڪٽن گذري تي عاشق جي،
گهڙي هڪ هڪ بہ اُن جي لاءِ ٿيندي آ بلا يارو.

**ساقي** مسيحا کي گهرايو ورنہ منهنجو ڪو بِلو ناهي،
انهي کان ئي دلِ بيمار جي ٿيندي دوا يارو.

**امين** ذڪرُ ڏي دلربا منهنجو هوا آهي اُتر ويندڙ
مخالف هيءَ بہ ٿي وئي ڪير پهچائي صدا يارو.

**ساقي** سڄي محفل ۾ مون کي هڪ سڄڻ سهڻو نظر آيو
انهي سهڻي ڪري سارو سمان آ دلربا يارو.

پيغام

**امين** رڳو ساحل تہ چا دريا جي هڪ موج خوش ٿيندي،
سندم دلدار جي مون سان ملائي ناخدا يارو.

**ساقي** پريشان ٿي ڏنو "ساقي" کي محفل جي اندر ماڻهن،
جڏهن ٿي ختم ويئي اُن جي دل جي هر صدا يارو.

**امين** سندس ئي يادگيري آ جو اُن ريءَ بيقرار آهيان،
"امين" جي عشق جي ڏاڍي سٺي ٿي ابتدا يارو.

| |
|---|
| ١٢. سيپٽمبر ١٩٥٥ع<br>حيدرآباد |

# سهرا

مبارڪ اڄ ٻڌي آيو سندم جان جگر سهرا
مبارڪ صد مبارڪ جلوه گر ٿيا زيب وَر سهرا

ٻڌا پنهنجي هٿن سان جيڪي اڄ هھڙي پدر سهرا
اهي ذي مرتبت سهرا، اهي ئي معتبر سهرا

مٿن قوس و قزح قربان، ثريا معترف ليڪن
سندن ئي حسن بي پايان کان آهن بيخبر سهرا

رخِ روشن تي ڪا ميري نظر ڪنهن جي مٿان پهچي
ڪيو بيٺا آهن، اهڙي طرح سينو سپر سهرا

نگهه جا تير سهرن جي ڪمين گاهن مان پيا نڪرن
حسينانِ جهان بچجؤ اٿَوَ هي پُر خطر سهرا

لب و رخسار کي اينهين پيا چُھڻي چُمن هردم
سوين سالن کان هن لمحي لئي جڙ هئا منتظر سهرا

پيغام

جهڪي ڏاڍي ادب سان ٿا چمن محبوب جي صورت
رکن آدابِ محفل خوب ٿيا مدِ نظر سهرا

گلن سان گڏ اَهن پوتل سيبئي لمحاتِ آزادي
بجا هي خوبصورت، خوبتر ۽ معتبر سهرا

چمڪ سونهري تارُن جي ۽ رنگت گل جي، نرگس جي
ڪڏهن شمس و قمر سهرا، ڪڏهن لعل و گُهر سهرا

مريضِ عشق جي حالت تڏهن کان غير ٿي آهي
ٻڌي آيو جڏهن کان پنهنجي سر تي ڊاڪٽر سهرا

ڏسڻ سان ئي اها بي ساخته دل مان صدا آئي
ٿا سونهن گهوٽ گوهر کي هي خاصا خوبتر سهرا

ڪتابي رُخ تي سهرن کي ڏسي اينهين لڳو مون کي
ورق قرآن جو آهي، مٿس زيروزبر سهرا

هجن رشڪِ چمن توڙي هجن رشڪِ ثريا پر
رهن ٿا گهوٽ جا هر وقت محتاجِ نظر سهرا.

فيبروري ١٩٨٣ع
هالا شريف

پيغام

# ضمیمو

پیغام

# پیغام

## دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم (غزل)

صفحو نمبر – ۷۸

ڪوئيٽا ۾ سائينءَ جن [قبلا طالب المولىٰ سائينِ] کي معلوم ٿيو تہ مون شاعري شروع ڪئي آهي – پاڻ طرح ڏنئون، ان تي هي غزل لکيم

۷– جولاءِ ۱۹۵۴ع، بولان هوٽل ڪوئيٽا.

▲

## دل ڪي عاشق تون بيقرار نہ ڪر (غزل)

صفحو نمبر – ۷۵

محبوب [محمد بچل محبوب سروري] جي ڏنل طرح تي لکيل

۲۱ – جولاءِ ۱۹۵۴ع، هالا

▲

## وڃڻ بعد هر ڪنهن جون خوبيون ٿيون ڏسجن (غزل)

صفحو نمبر – ۱۴۸

هي غزل مرحوم ڏاڏا مولوي مخدوم غلام حيدر صاحب جن جي انتقال بعد لکيو ويو.

۲۰ آگسٽ ۱۹۵۴ع، هالا

▲

## محمّد ﷺ تنهنجي مي جو مان ٿيس مئخوار بسم الله (نعت)

صفحو نمبر ــ ٣

اڳاري جي خوش نصيب ڏينهن خواب ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ديدار نصيب ٿيو ننڊ مان اُٿي هي نعتيہ غزل لکيو ويو.

٢٣ نومبر ١٩٥٤ع، حيدرآباد سنڌ.

▲

## محبّت جي عوض ڪنهن وٽ محبّت ڪا نہ ٿي ڏسجي (غزل)

صفحو نمبر ــ ١١١

في البديهہ مشاعرو بنگلي تي ڪيو سين، غلام قادر [حسرت] طرح ڏني،

اڌ ڪلاڪ ۾ لکيل غزل.

١٤ ــ ڊسمبر ١٩٥٤ع، هالا

▲

## آئون تنهنجي تار ۾ ڦاسي پيس (غزل)

صفحو نمبر ــ ١٦

هالن ۾ في البديهہ مشاعرو ڪيوسون، پندرهن منٽ وقت رکيل هو محبوب، حسرت، ساقي ۽ مون غزل لکيا، گره وارو شعر منهنجو ۽ محبوب صاحب جو بلڪل هڪ جهڙو ٿيو.

١٨ ڊسمبر ــ ١٩٥٤ع، هالا

پيغام

▲

## ڪين تون پنهنجي جفائن جي ڪرين ٿو ڪار بس (غزل)

صفحو نمبر ـ ۱۰۵

في البديهه مشاعرو بنگلي تي ڪيو ويو ـ اڌ ڪلاڪ اندر لکيل غزل.

۲۰ ڊسمبر ۱۹۵۴ع، هالا

▲

## نهاريان ٿو هر وقت تنهنجي گسن ۾ (ڪافي)

صفحو نمبر ـ ۲۴۵

في البديهه مشاعري ۾ غلام قادر حسرت جي ڏنل طرح تي اڌ ڪلاڪ اندر لکي ويئي

۲۲ ـ ڊسمبر ۱۹۵۴ع، هالا

▲

## ڪرين ڇو ٿو سهڻا ستائڻ جي ڪوشش (غزل)

صفحو نمبر ـ ۹۸

رفيق ڪمپني هالا ۾ سائينءَ جن جي زير صدارت هڪ في البديهه مشاعرو ٿيو. سيني کان طرحون ورتيون ويون. مون بہ طرح ڏني جا سيني پسند ڪري منظور ڪئي. اُن تي سيني ڪلاڪ اندر غزل لکيا. سائينءَ جن، اختر صاحب [هالائي]، محبوب صاحب [محمد بچل محبوب سروري]، انور [محمد شفيع انور هالائي]، ساقي صاحب [سيد علي احمد شاهہ ساقي سروري] ۽ پيا بہ ڪيترا شاعر هئا جن غزل لکي پڙهيا هي منهنجو غزل محبوب پڙهيو.

۲٦- ڊسمبر ۱۹۵۴ع، هالا

▲

## منهنجي ڦاسڻ لئي بنيو هڪ دام خاص (غزل)

صفحو نمبر ـ ۱۳۸

ڪراچيءَ ۾ سائينءَ جن وٽ سر شار عقيلي صاحب آيو [محفل احباب جو مشاعرو هو] طرح مصرع ڏئي ويو ـ اُن تي مون بہ غزل لکيو ـ منهجو غزل سائينءَ جن [قبلا طالب الموليٰ سائينِ] پڙهيو! پنجون شعر سرشار جي پٽ ٽيپوءَ جيّ هڪ شعر سان ڪافي مليو ٽي.

١- جنوري ١٩٥٥ع ڪراچي سنڌ

▲

## ٻڏڻ وارن لئي دلداري سندو ساحل بہ ڪجهہ ناهي (غزل)

صفحو نمبر ـ ۴۱

سائينءَ جن وٽ في البديهہ مشاعرو ٿيو ـ طرح مصرع پاڻ ڏنئون ـ پاڻ [طالب الموليٰ سائينِ]، اختر، انور، محبوب ۽ مون غزل لکيا.

١٦ ـ جنوري ١٩٥٥ع، هالا

▲

## مون ڪان نہ ڪو آهي ڏوهہ ٿيو پر مست نظر مجبور ڪيو (غزل)

صفحو نمبر ـ ۱۲۹

سائينءَ جن هيءَ مصرع طرح ڏني، سائينءَ جن ۽ مون غزل لکيا. شايد محبوب بہ لکيو - هي غزل محفلِ احباب ڪراچيءَ ۾ مون خود پڙهيو - اهو پهريون دفعو هو.

١٧ - جنوري ١٩٥٥ع

▲

## ڪوجهام ڪنڙام قياس جهڙا (بيت)

صفحو نمبر - ٢٥١

منهنجي شاعريءَ ۾ بيت جي شروعات مٿين چئن بيتن کان ٿيئي ٿي، جي ”ڪچڪول“ ڪتاب پڙهندي، ان کان متاثر ٿي لکيا ويا.

١٦ - مئي ١٩٥٥ع، هالا.

▲

## ”مشترڪ غزل“

صفحو نمبر - ٢٧٨

١٩٥٥ع ۾ دريا جي ٻوڏن سبب حيدرآباد لڏي وڃڻ ٿيو - اُتي ٻئريج ڪالونيءَ ۾ فرسٽ نمبر انسپيڪشن بنگلي ۾ رهڻ ٿيو - هڪ رات ڪچهري ڪندي خيال ڪيوسون تہ گڏجي غزل لکجي - پوءِ حسبِ ذيل غزل مون ۽ علي احمد شاهہ لکيو هڪ ڪلاڪ وقت رڪليل هو.

▲

## يا خدا! او مهربان!! منهنجا خدا!!! منهنجا خدا

## (مناجات)

صفحو نمبر ـ ٢٦٥

هالن ۾ مون ۽ مهر عليءَ وزن مقرر ڪري اُن تي اڌ ڪلاڪ اندر غزل لکيا.

٢ ـ آڪٽوبر ١٩٥٥ع، هالا

▲

## اسان جي شهر هالن کي بچائج يا رسول اللهﷺ! (مناجات)

صفحو نمبر ـ ٢٦٣

هالن کي دريا جي پاڻي کان سخت خطرو هو ـ هي هڪ التجا لکي وئي.

٢١ ـ ڊسمبر ١٩٥٥ع، هالا

▲

## منهنجي اکين ۾ لکل منهنجوئي هڪڙو يار آ (فرد)

صفحو نمبر ـ ٢٧٣

شهدادپور جي مسافريءَ تي وڃڻ ٿيو ـ ڏني جي پِٽ ۾ دعوت هئي ـ حسين بخش خادم هڪ مصرع طرح ڪٽي آيو تہ ان تي سڀ هڪ هڪ شعر لکن تہ غزل ٿئي ـ مون مٿيون شعر لکيو ـ ٻين بہ ان تي جدا جدا شعر لکيا.

٢٥ ـ مارچ ١٩٥٦ع ڏني جي پِٽ.

پيغام

▲

## ساقي رڳو شراب پيارڻ ۾ محو آ (فرد)

صفحو نمبر – ٢٧٥

علي احمد شاهہ ساقي ڏي هي شعر موڪليو ويو.

٦ – مئي ١٩٥٦ع، هالا

▲

## چڱو جو مون کي مليو درد پنهنجي دلبر جو (قطعہ)

صفحو نمبر – ١٧٢

هي قطعہ بخار ۾ لکيو ويو – حسن شاهہ [احسن الهاشمي] ۽ گل محمد موجود هئا.

٢٢ – آگسٽ ١٩٥٦ع، هالا

▲

## اوهين جنهن کي تا سمجهو خارِ، سو يَر خار ڪونهي ڪو (غزل)

صفحو نمبر – ٢٩

هيءُ غزل هالا هاءِ اسڪول ۾ لکيو ويو.

٢٠ – آڪٽوبر ١٩٥٦ع، هالا

▲

## سڄڻ آهيان سندءِ نوڪر انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي (نعت)

صفحو نمبر – ٤

۷ – سيپٽمبر ۱۹۵۷ع رات جو هوسڙيءَ ۾ ”محفل سروري“ پاران مشاعرو ٿيو – جنهن ۾ مون هي غزل پاڻ بيهي پڙهيو – مائيڪ تي بيهي پڙهڻ جو اهو پهريون اتفاق چئجي.

▲

## مريضِ عشق جيڪر لادوا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو (غزل)

صفحو نمبر – ۱۲۵

نواب شاهه ۾ طرحي مشاعرو ٿيو – منهنجو هي غزل خادم [حسين بخش] ترنم سان پڙهيو.

۲۰ – آگسٽ ۱۹۵۷ع، هالا

▲

## سو سهڻو سدا دل ساري (ڪافي)

صفحو نمبر – ۲۲۷

سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ ڊرامه ”ليلا چنيسر“ ٿيو – ان لاءِ هيءَ هڪ ڪافي مون کان به ورتي وئي ڳونروءَ جي پارٽ لاءِ – ڊرامو منهنجي نگراني هيٺ ٿي گذريو – آئون ايف – اي ۾ هوس.

۱۲ – نومبر ۱۹۵۷ع، هالا

▲

## جڏي جند وري شال جانب جياري (ڪافي)

صفحو نمبر – ۲۱۴

پيغام

اَڄ وچڙ ٿيو – رات جو ڪافيءَ جو في البديهه مشاعرو ڪيو سون – مون، ساقي سروري ۽ خادم سروري ڪافيون لکيون.

٢٠ – نومبر ١٩٥٧ع – اڄ ٩.٣٠ رات

▲

## ڪيڏو نہ لطف آهي شبِ انتظار ۾ (غزل)

صفحو نمبر – ١٢٥

ڪرم جي ڳوٺ في البديهه مشاعرو ڪيوسون – ساقي، خادم ۽ حسرت بہ غزل لکيا

٨ – ڊسمبر ١٩٥٧ع، ڪرم جو ڳوٺ ١٠ ڪان ١١ رات

▲

## حضورِ يار ۾ هر دم سرِ تسليم خم ٿي ويو (غزل)

صفحو نمبر – ٦٥

جمال ڏهريءَ ڏي تترن جو شڪار هو – رات جو ڪاليج ۾ مشاعرو ٿيڻ وارو هو – ان لاءِ شڪار ڪان بعد غزل لکيم.

١٢ – ڊسمبر ١٩٥٧ع، جمال ڏهري ڳوٺ

▲

## يا مون کي علمبردار نہ ڪر يا منهنجو ڪو خالي وار نہ ڪر (غزل)

صفحو نمبر – ١٥٨

قاسم ٻگهئي جي ڳوٺ ڊرامو ۾ مشاعرو سائينءَ جن جي صدارت هيٺ ٿيو- مون اڳوات غزل ڪو نہ لکيو هو - اتي فقط پندرهن منٽ اڳ [مشاعري ڪان] ماني ڪائيندي هيءُ غزل حسرت ڪي لڪائيندو ويس.

٢١ - ڊسمبر ١٩٥٧ع، قاسم ٻگهئي جو ڳوٺ

▲

## ڪلن خوش ٿي خير سان شل سڄڻ سونهارا (بيت)

صفحو نمبر - ٢٥٣

هي بيت لڪياري آباد ۾ لکيا ويا - اتي شاديون هيون شاهن جون ۾ اُن موقعي تي وڃڻ ٿيو هو [جڙيل شاهہ دونهائي واري جي ڀائٽين جون شاديون هيون.]

٧- فيبروري ١٩٥٨ع

▲

## رڳو ساقي! تون هل مون سان پو مئخوانا ليي پوندا (غزل)

صفحو نمبر ٨٢

بنگلي تي في البديهہ مشاعرو ڪيوسون جنهن ۾ مون، خادم، ملازم [شهباز ملازم سروري] ۾ ساقيءَ غزل لکيا - طرح ساقي ڏني.

٩ - فيبروري ١٩٥٨ع، ١٥_١١ رات

▲

## خوش هجين يار سدا تنهنجي حياتي جو خير (غزل)

صفحو نمبر - ٦٠

حاجي علو ”واڳڻ“ [جڏهين به حاضريءَ تي ايندو هو يا وڃڻ وقت موڪلائيندو هو] کي چئبو هو ته: چڱو حاجي! ته پاڻ چوندو هو ”تنهنجي حياتيءَ جو خير“ سندس اهو جملو رديف طور ڪم آندو ويو.

١١ - فيبروري ١٩٥٨ع، هالا

▲

## ڏيڻ دل آهي آسان، پر ونڻ ڏاڍو ڏکيو آهي (غزل)

صفحو نمبر - ٦٩

بنگلي تي في البديهه مشاعرو ڪيو سون - خادم ۽ ساقيءَ غزل لکيا - هڪ ڪلاڪ وقت رکيل هو.

٣ - مارچ ١٩٥٨ع، هالا - ١٠ رات

▲

## خدا ڄاڻي ته پورو هجر وارو غم ڪڏهن ٿيندو (غزل)

صفحو نمبر - ٦٩

سائينءَ جن ناري مسافريءَ تي هئا - آئور، حڪم موجب ٻن راتين لاءِ ويس - هڪ رات حاجي فتح الدين شاهه جي دعوت هئي ۽ ٻي رات حاجي مير خان شاهه جي دعوت - اُتي في البديهه مشاعرو ڪيو ويو - مصرع طرح سائينءَ جن مقرر ڪئي - سائين جن، مون، خادم ۽ جانثار مومن ڪلاڪ ۾ غزل لکيا.

١٠ - مارچ ١٩٥٨ع، تندو مٺا خان

▲

## منهنجو رشڪِ ماه تاب - اج وري ٿيو بي نقاب (غزل)

صفحو نمبر - ١٣٣

هي غزل هالن ۾ في البديهہ [فقط ذهن منتن اندر] لکيو ويو.

٢٤ - مارچ ١٩٥٨ع، هالا

▲

## رَندن تي روز و شب روئي رڙي وَرَ ڪي ور ائيندیس (ڪافي)

صفحو نمبر - ٢٢٢

راٽي ٻگهئي جي ڳوٺ فتح محمد شاهہ جي مڪان تي جڙيل شاهہ وٽ مشاعرو رکيو ويو هو - جنهن لاءِ ڪافيءَ جي طرح بہ مقرر هئي - ان لاءِ هيءَ ڪافي لکي وئي، جا اُتي خادم پڙهي.

٢ - اپريل ١٩٥٨ع، هالا ٠٠_١٢ رات

▲

## عشق جا ٻارڻ ٻريام ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف (غزل)

صفحو نمبر - ٩٤

بزمِ طالب المولیٰ شاخ هالا طرفان اتاس ۾ مشاعرو ٿيو - ان لاءِ هي طرحي غزل لکيم. آئون امتحانن تي حيدرآباد ويو هوس - غلام قادر حسرت مشاعري ۾ منهنجو غزل پڙهيو.

١٧ - اپريل ١٩٥٩ع، هالا ٠٠ - ١٢ رات

▲

## پلاسا کھڙي محفل، جنھن ۾ ھو رشڪِ قمر ناھي -
## (غزل)

صفحو نمبر - ۴۷

هالن ۾ بنگلي تي في البديھ طرحي مشاعرو ڪيو سون - جنھن ۾ مون، خادم، گل محمد مهجور ۽ دين محمد شيخ غزل لکيا - ڪلاڪ وقت مقرر ڪيل ھو.

۴ - سيپٽمبر ۱۹۵۸ع، ھالا ۲۰ - ۱۲ رات

▲

## ڪمندِ زلفِ دوتا جي گلا وري نہ ڪبي (غزل)

صفحو نمبر - ۱۰۰

هالن ۾ سائينءَ جن وٽ في البديھ مشاعرو ڪيو ويو جنھن ۾ سائينءَ جن، مون، خادم ۽ مومن طرحي غزل لکيا.

۱۱ - آڪٽوبر ۱۹۵۸ع، ھالا ۰۰-۱۰ رات

▲

## چگو جو واعظِ بي پير نڪتو (غزل)

صفحو نمبر - ۵۹

وڏيري انڙ خان وٽ شڪار تي وڃڻ ٿيو - رات جو مصرع طرح مقرر ڪري في البديھ مشاعرو ڪيو ويو - سائينءَ جن، مون، خادم ۽ مومن غزل لکيا.

۲۹ ـ نومبر ۱۹۵۸ع، سري مڪان ڳوٺ وڏيرو انڙ خان

▲

## گھٽو دلبر لڪئين ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو (غزل)

صفحو نمبر ـ ۱۰۹

شام جو بنگلي تي سائينءَ جن وٽ بزمِ طالب المولىٰ هالا جو مشاعرو ٿيڻ وارو هو ـ آئون ۽ جانثار سائينءَ جن جي بنگلي ۾ وينا هئاسون ـ ڳالهين ڪندي جانثار چيو تہ ڏسڻ وارن ڏسي ورتو ـ رديف سٺو هٿ آيو ۽ ان تي غزل لکيم.

۱۲ ـ جنوري ۱۹۵۹ع، هالا

▲

## سڄڻ ڪي ڏنم ۽ قمر ياد آيو (غزل)

صفحو نمبر ـ ۸۸

بزمِ طالب المولىٰ شاخ هالا جي مشاعري لاءِ مون، خادم ۽ گل محمد في البديهہ غزل لکيا ـ هن طرح تي لکيل سائينءَ جن جي غزل جو هڪ شعر هو: خدا ياد آيو ـ خدا ياد آيو جڏهن مون ڪي شانِ بشر ياد آيو.

۱۴ ـ جنوري ۱۹۵۹ع، هالا

▲

## جڏه دنيا سڃيءَ ڪان دور ٿياسين (غزل)

صفحو نمبر ـ ۵۹

بزمِ طالب المولىٰ شاخ هالا جو طرحي مشاعرو ٿيو – اڳ ۾ غزل لکيل نہ هو شاعري هلندي لکيم.

۲۲ – مارچ ۱۹۵۹ع، اٺاس بنگلو هالا

▲

## باغن ۾ بهارن ۾* توريءَ نہ سري سهڻا (ڪافي)

صفحو نمبر – ۲۰۷

هن ڪلام جي طرز مون خود ٺاهي – مون کي پسند آهي [هيءَ ڪلام جي پهرين طرز آهي جيڪا مون ٺاهي آهي] دين محمد کي ياد ڪرايم – منهنجو هي پهريون ڪلام آهي، جو ريڊيو تي نشر ٿيو ۽ دين محمد ڳايو.

۲۳ – مارچ ۱۹۵۹ع، هالا

▲

## وري مون ڏي نگاهِ سرمہ سا ٿئي ها تہ بهتر هو. (غزل)

صفحو نمبر ۱۵۱

رمضان ڪاڪي جي شاديءَ تي پليڏني ڪاڪي جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو – اُتي مصرع طرح مقرر ڪئي وئي ۽ ٻي رات مشاعرو رکيو ويو – ان لاءِ هي غزل لکيم – ٻي رات قل ڪاڪي جي ڳوٺ مشاعرو ٿيو – گهڻن ئي شاعرن غزل پڙهيا – مثلاً خادم، مخمور، اشرف شاه جو پٽ، شاه محمد شاه ۽ مصري ڪاڪو مائل وغيره

۱۴- مئي ۱۹۵۹ع، پليڏنہ ڪاڪي جو ڳوٺ

▲

## نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو (غزل)

صفحو نمبر – ١٣٩

پيير رسول بخش جي شاديءَ تي وچڙ ٿيو – موٽندي رستي ۾ غزل لکيو ويو – هي غزل ياڳيسري ۾ ڳايو ويندو آهي – طرز مون خود ناهي ۽ ڏاڍي سٺي بہ ٿي آهي.

١ – جون ١٩٥٩ع

▲

## بت پرستي مان ئي آخر هڪ خدا حاصل ڪيم (غزل)

صفحو نمبر – ٣٥

ڪراچيءَ ويندي خادم هڪ مصرع ڏنائي – جنهن تي سندس ڳوٺ ۾ راز باڊهہ واري وٽ مشاعرو ٿيو هو – طرح پسند آئي – غزل لکيو ويو.

٢١ – جون ١٩٥٩ع، حيدرآباد کان ڪراچي سنڌ.

▲

## ناز پرور آهي بيشڪ "ناز باغ" (قطعہ)

صفحو نمبر – ١٨٣

قاضي احمد وڏيري شاهہ نواز انڙ جي پٽ جي شادي تي وچڙ ٿيو – "ناز باغ" ۾ رهائش ٿي– علي نواز خان وزيٽرس بڪ ڏنو تہ ان تي پنهنجا

تاثرات لکجن، ان تي پهرين پهرين سائينءَ جن جي چند شعرن سان ابتدا
ٿيل هئي - مون بہ مٿيان شعر لکيا - خادم بہ ڪجھ لکيو.
٢٨ - جون ١٩٥٩ع، قاضي احمد

▲
## بخدمت فيض درجت اعليٰ عظمت (خط)

صفحو نمبر - ٢٦٧

هي منظوم خط سائينءَ جن (قبلہ طالب المولٰي سائينِ) لنڊن اُسريا هئا،
تڏهن لکيو ويو.

▲
## نظر اداس، ادا بيقرار، بي چيني (قطعہ)

صفحو نمبر - ١٨٤

(حضرت قبلا طالب المولٰي سائين)

جھکی جھکی نظریں اور ایک خاموشی
مگر ہزاروں تمنائیں دل میں ہیں بیتاب
یہ حسن سادگی شوخی یہ چاند سا مکھڑا
وہ بے نقاب ہے لیکن حجاب ہی ہے نقاب

(فهيم)

نظر اداس ادا بيقرار بيچيني

خوشيءَ کي پرده غم جو حجاب خوب رهيو
لبن تي مهر خموشي ۽ دل ۾ ڪيئي خيال
اکين ۾ اشڪ محبّت جو آب خوب رهيو

(خادم سروري)

معصوم نگاهن ۾ ڪهڙي نہ فريبي آهہ
بس تو ڏي نهارڻ سان دل هٿ مان وڃي نڪريو
هيءَ تنهنجي حجابائي ڪهڙو نہ ڪمال آهي
جيڪو بہ نهاري ٿو تعجب ۾ وڃي پئجيو

مٽيارين ۾ ڄاموٽ صاحب [سردار محمّد علي شاهہ] جي دعوت تي وڃڻ ٿيو – سائين اڳ ۾ ئي اُتي هئا – آئون پوءِ پهتس. ڄاموٽ صاحب هڪ رسالو "السٽريٽيڊ ويڪلي آف پاڪستان" سائين کي ڏنو جنهن تي هڪ خوبصورت ڪنوار جو فوٽو هو – ڄاموٽ صاحب چيو تہ انهيءَ تي ڪي اشعار لکي ڏيو – پاڻ مون کي بہ حڪم فرمايئون ۽ خادم بہ لکيو – اهي ٽئي قطعا مٿي لکيل آهن.

١٠ – سيپٽمبر ١٩٥٩ع، مٽياري

▲

## اي بيقرارِ اي بيڪس نظر اداس نہ ٿي (غزل)

صفحو نمبر – ٣٠

في البديهہ مشاعرو ڪيوسون – طرح تي ڪلاڪ ۾ امين فهيم – خادم ۽ ساقيءَ غزل لکيا.

۱۹ – آڪٽوبر ۱۹۵۹ع، هالا

▲

## صبا! چئج سڄڻ کي، ساري سَوَ سلام (بيت)

صفحو نمبر – ۲۵٦

ناري جي مسافريءَ تي وڃڻ – ٽُڪيءَ وارن انڙن جي دعوت تي صبح جو هي بيت لکيا ويا.

۲– فيبروري ۱۹٦۰ع

▲

## صبا! چئج سڄڻ کي، سنهيا ساري – (بيت)

صفحو نمبر – ۲۵۷

هي بيت دلي جذبات تحت لکيل آهي – بيت لکندي اکين مان بي اختيار آب اچڻ لڳو ۽ هڪ عجيب ڪيف ۽ سرور حاصل ٿيندو رهيو.

۲ – فيبروري ۱۹٦۰ع

▲

## تعلق آهي اهڙوئي نظر جو ناز وارن سان (غزل)

صفحو نمبر – ۴۸

ناري جي مسافريءَ ۾ بزمِ طالب المولىٰ جي طرفان مشاعرو رکيو ويو – طرح مصرع ڪافيءَ جي مقرر ڪئي وئي هئي – طرح هئي:

”عمر هيءَ پرت منهنجي شل، پري ايندي پنوهارن سان“

سائينءَ جن بہ ڪافي لکي، سرشار صاحب، خادم وغيره انهن بہ ڪافي لکي، مون ۾ حسن شاهہ غزل لکيو ڪافيءَ لکڻ جي ڪوشش ڪيم پر لکي نہ سگهيس.

١٢ ـــ فيبروري ١٩٦٠ع، هتوڙ نارو

▲

## قصئہ غم کي آشڪار ڪبو (قطعہ)

صفحو نمبر ١٦٨

اڄ رات جو ادا خليق مشاعرو رکيو هو [خانگاهہ بنگلي ۾] طرحي غزل نہ لکيو هئم ـــ ان تي هڪ قطعو لکيم ۽ هڪ ٻيو قطعو بہ محفل جي دوران لکيو ويو ـــ سائينءَ جن بہ مشاعري ۾ چند اشعار پڙهيا.

٢٠ ـــ آڪٽوبر ١٩٦٤ع، ٠٠ـ١١ بجہ رات هالا.

▲

## جام پر ساقيا جام پر ساقيا (نظم)

صفحو نمبر ـــ ١٩٦

هالا کان ڪراچيءَ ايندي سُپر هاءِ وي تي لکيو ويو.

▲

## تيو دور خزان ختم بهار آئي چمن ۾ (مشترڪ نظم)

صفحو نمبر ـــ ٢٤٠

رات جو سائينءَ جن بنگلي تي آيا. وٽن اسدالله شاهہ، محبوب، خادم

۽ جانثار متي حاضريءَ ۾ ويا. آءٌ هيٺ ويٺو هوس. ميون اعجاز حسين بہ هو. ماني آئي ماني کائي آءٌ بہ سائينءَ وٽ ويس. ميون اعجاز حسين سمهي رهيو. سائينءَ جن وٽ ڏاڍي مزيدار ڪچهري تي رهي هئي. (جانثار جي غزل تي تبصرو ٿي رهيو هو.) هو گهٻرائجي رهيو هو تہ متان ميون اعجاز حسين اچي نہ وڃي. خير! پوءِ سائينءَ جن هڪ مصرع طرح ڏني تہ سڀ گڏجي مسدس لکون. سڀني سواءِ جانثار جي لکڻ شروع ڪيو. ڏاڍي روانيءَ سان لکندا وياسين. جاويد هزار ڪوشش بعد بہ لکي نہ سگهيو. مسدس ختم ڪرڻ کان پوءِ بہ سڄي رات ڪچهري شروع هئي ۽ بخير صبح ٿيو. صبح جو بنوري شڪار لاءِ روانگي تي.

۲۴ فيبروري ۱۹۶۱ع

امين منزل حيدرآباد سنڌ

▲

## مبارڪ اڄ ٻڌي آيو سندم جانِ جگر سهرا (سهرو)

صفحو — ۲۸۰

برادرم ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان لاءِ سندس شادي جي موقعي تي لکيو ويو.

(پورو ٿيو)

# پیغام

# انڈیکس

# پیغام

# زیر اضافت

ابرِ رحمت (۲۶۷) ابرِ بہار (۱۹۳)
اشکِ ریزی (۲۲) اشکِ رواں (۱۴۲)
اشکِ غم (۵۰، ۵۹، ۷۷، ۸۸، ۱۳۵)
اشکِ فراق (۱۵۵) اشکِ فرقت (۱۳۵)
اشکِ مسرت (۶۹) اشکِ ندامت (۲۲)
اشکِ ہجر (۲۳۰) اسیرِ زلف (۱۴۳)
اظہارِ محبت (۸۴) اقرارِ وفا (۲۵۵)
امیرِ کاروان (۸۶) انقلابِ خوشگوار
(۱۸) اہلِ جہان (۱۴۳) بادِ خزان
(۶۱، ۱۳۷) بادِ صبا (۱۱۷، ۲۷۷) باغِ
ارم (۶۵) بختِ رسا (۱۵۱) بختِ نارسا
(۱۵۱) بعدِ فنا (۳۴) تاریکیٔ فرقت
(۲۱) تلوارِ ابرو (۶۵) تیرِ مژگان (۲۸)
تیرِ نظر (۲۹، ۲۷۲) پیرِ مغان (۱۵۵،
۲۰۸، ۲۶۸) جامِ صحت (۱۸) جامِ
محبت (۶۲، ۱۳۰، ۱۵۳) جانِ بہار (۶۸)
جانِ من (۱۹۱، ۱۹۲، ۱۹۳) جمالِ حسن
(۱۵۷) جمالِ یار (۵) جوشِ ناکامی
(۸۰) جہانِ بہار (۴۵) جہانِ رنگ
(۱۲۵) جہانِ رنگ و بو (۳۵، ۱۲۵)
چاہِ ذقن (۲۷۰) چشمِ زدن (۱۰۲)
چشمِ غزالان (۲۷۱) چشمِ نم (۶۹)
حالِ جگر (۷۱) حالِ دل (۷۱، ۷۴، ۷۷،
۸۱، ۱۰۲، ۱۵۷) حبسِ بیجا (۶۸)
حسنِ یار (۱۳۰) حضورِ یار (۶۵، ۱۰۰)
خارِ مغیلان (۶۸) خنجر قاتل (۴۱)
خونِ جگر (۶۳) خونِ دل (۴۱)
خیالِ یار (۱۶) دامنِ امید (۹۶)
داغِ جگر (۷۱) داغِ دل (۷۱) دامِ یار
(۱۶) درِ بی بہار (۳۵) درِ دلبر (۱۱۰)
درِ دلدار (۷۹) درِ دولت (۱۹)
دربارِ صنم (۸۳) دردِ جدائی (۱۵۷)
دردِ سر (۷۶) دردِ فرقت (۱۷۰، ۱۵۷)
دردِ دل (۲۲، ۴۷، ۱۵۱، ۱۵۷، ۱۶۶،
۱۷۵) دورِ جہان (۳۹) دورِ حاضر (۶۶،
۸۲) دورِ خزان (۲۷۰) دورِ شراب
(۴۲) درسِ وفا (۱۵۷) دشمنِ دل
(۱۶۷) دلِ بیمار (۱۷۱) دلِ پژمردہ
(۶۸، ۱۰۴) دلِ داغدار (۴۶، ۱۰۳) دلِ
زار (۱۳۶) دلِ مجروح (۶۹) دلِ مضطر
(۵۸، ۸۳) دلِ ناشاد (۳۱) ذوقِ آگہی
(۶۸) ذوقِ نظر (۸۸) راحت جسم

(٨٠) راحتِ زندگي (٦٨) رازِ دل (٢٥،
١٤١،٨٢) رازِ نهان (١٤١) راهِ محبت
(٧٩) راهِ وصال (١١٩) رخِ انور (١٠٩)
رخِ تابان (١٠٩) رسمِ جهان (١٤٤)
رسمِ رحمت (٤٩) رشکِ جنت (١٢٣)
رشکِ طور (٥٧) رشکِ فردوس (١٨٢)
رشکِ قمر (٣٠، ٤٧، ٤٨، ٢٠١، ٢٥٥)
رشکِ لاله و گل (١٠١، ١٥٤) رشکِ
ماهتاب (١٣٣) رشکِ مهر (٥٩) رشکِ
مهرِ تابان (٦٧) رشکِ مهوشان (٦٩)
رنگِ جواني (٢٧٠) روحِ محفل (٢٦٧)
رهِ الفت (٦٥) زلفِ پريشان (٦٨، ٢٧٠،
٢٧١) زلفِ دوتا (٩٥، ١٩٤) زهِ قسمت
(١١٠) شهيدِ ناز (٦٥، ١٤٣، ١٥٣) سرِ
تسليم (٦٥، ٤٧، ١٢٦، ١٢٧) سرِ
شوريده (٨٢) سنگِ در (٣٢، ٨٩، ٩٠،
٩٦) شانِ بشر (٨٩) شامِ وسحر (٤٧)
شامِ غريبان (٦٧) شاهِ جهان (٢٠٨)
شبِ تاريک (٤٧) شبِ جدائي (٤٠)
شبِ زندگاني (٢٧) شبنمِ غمگين (٢٢)
شرابِ ارغواني (٤١) شرابِ طهورا
(١٢٤) شوقِ بيجا (٨٠) شوقِ ثواب
(٤٢) صاحبِ تحرير (٦٠) صاحبِ سن و
علم (٧٨) صاحبِ كردار (٩) صاحبِ
كون و مكان (٣١) صحنِ چمن
(٢٤٥) صراطِ مستقيم (٩٥) طالبِ
ديدار (١٣٠) طفيلِ يار (٤٢) ظلمتِ
فرقت (١٥١) عاشقِ مهجور (١٥٣) عشقِ
كامل (١٣١) عشقِ يار (١٦) علمِ
جهان (١٣٤) عنوانِ زندگي (٥٤) عهدِ
وفا (١٠٠) غمِ هجران (٨٣) غيرتِ
رشکِ غزالان (٦٦) غيرتِ هفت آسمان
(١٩١، ١٩٢، ١٩٣) فراقِ يار (٧٩) فرطِ
غم (١٧٤) فريبِ حسن (٣٦) فصلِ گل
(٣١) فغانِ بلبل (١٧٣) فكرِ جهان
(٦٤) فكرِ فردا (١٨) قرآنِ رنج و غم
(٥٣) قتيلِ نظر (١٠٠) قربتِ ساحل
(٦٣) كاروانِ زندگي (١٠٨) كتابِ
تقدير (٦٠) كشورِ دل (٢٠٠) كمندِ
زلفِ دوتا (٤٠، ١٠٠) گردشِ افلاك (
٢٦٥) گردشِ ايام (١٨) گلِ تر (١٠٩)
گلِ خوش رنگ (٤٩) گوهرِ مراد (٥٤)
ماهِ تابان (٦٦) ماهِ درخشان (٢٧١) ماهِ
كنعان (٨١) ماهِ لقا (٢٦، ٢٧، ٢٩، ٧٠،

۱۲۶، ۱۷۰، ۲۲۷) مثلِ خار (۲۵، ۷۵)
مجاهدانِ صف شکن (۲۰۳) محبوبِ من
(۱۲۱) محتاجِ نظر (۱۹۲) مخلوقِ خدا
(۱۲۶) محفلِ رندان (۱۵، ۱۸) مرتبِ
اعلیٰ (۱۲۳) مردِ خدا (۱۴۳) مرغِ دل
(۱۲) مرشدِ کامل (۲۶۷) مریضِ
عشق (۱۵، ۱۲۵، ۱۵۱) مزاجِ یار (۴۲)
عشقِ سائل (۶۳) منزلِ مقصود (۱۲۲)
ماهِ انور (۵) مهرِ خموشی (۶۳) میدانِ
الفت (۴۹) نامِ خدا (۱۲۹) نذرِ
عقیدت (۸۳) نقشِ قدم (۴۴) نقش
نگار (۱۴۰، ۱۴۳) نقصِ وسائل (۶۴)
نگاهِ سرمه (۲۵، ۱۵۱) نگاهِ کیف (۳۵)
نگاهِ نازک (۴۰) نمازِ عشق (۱۰۹) نورِ
سحر (۲۷۱) نوکِ قلم (۱۵۶) واعظِ بی
پیر (۵۹، ۲۷۰) وردِ زبان (۸۱، ۱۷۲)
وصلِ صنم (۳۲، ۱۱۹) وقتِ سحر (۷۱،
۸۹، ۹۲) یادِ جانان (۹۵) یادِ صنم
(۱۵)

## قافیہ الف

آیا (۲۳۰) سجایا (۲۳۰) سدّایا (۲۳۰)
سمایا (۲۳۰) گهرایا (۲۳۰) نمایا (۲۳۰)
وجایا (۲۳۰) وهایا (۲۳۰)
آشکارا (۹۳) اذارا (۱۲۲، ۲۴۶)
اشارا (۱۲۱، ۲۰۲، ۲۴۶) اوتارا (۲۵۳)
اوبارا (۲۵۳) پلارا (۹۳، ۱۲۲، ۲۰۸،
۲۰۹، ۲۱۸، ۲۱۹) تارا (۱۱۷) پیارا (۹۳،
۱۹۳، ۲۰۸، ۲۰۹، ۲۴۶) جیارا (۹۳،
۲۲۰) خدارا (۱۰۸، ۲۱۸) خسارا (۱۲۱)
دلارا (۹۳، ۱۱۸، ۲۲۰) ستارا (۱۲۱،
۱۹۳، ۱۹۷، ۲۰۸، ۲۲۱، ۲۴۶) سچارا
(۲۰۹) سدّارا (۱۱۷) سوپارا (۲۰۹،
۲۵۳) سهارا (۹۳، ۱۱۷، ۱۲۱، ۱۹۳، ۲۱۹)
غبارا (۲۲۱) قرارا (۲۲۱) کارا (۲۲۰)
کنارا (۱۱۷، ۱۲۱، ۱۲۲) موچارا
(۲۲۱) منارا (۱۱۷) نظارا (۱۱۸، ۱۲۱،
۱۹۷، ۲۰۲) وارا (۹۳، ۱۹۳، ۲۰۲) هچارا
(۱۹۷)
آب و هوا (۱۲۵) آشنا (۳۵، ۳۷) ابتدا
(۳۵، ۲۸۰) ادا (۲۳۱، ۲۳۲) التجا
(۱۳۱، ۱۴۳، ۲۶۵) اعلیٰ (۱۲۳) انتها
(۲۸، ۲۹، ۲۶۵) اها (۳۳) بارها (۳۷)
با وفا (۳۵) بها (۱۲۵) بجا (۳۸) برملا

(۸۱) بلا (۷۰،۸۱،۲۷۹) بها (۳۵) بي وفا (۳۹،۱۴۷،) پلا (۲۴) تماشا (۹۲) جانقرا (۸۰) جدا (۲۴،۸۰،۲۰۲،۱۴۶، ۲۴۲، ۲۷۸، ۲۶۶) جفا (۱۳۱، ۱۶۶، ۱۷۰) چا (۳۵) چاچا (۹۲) خدا (۳۵، ۷۰،۸۰، ۱۲۶، ۲۰۳، ۱۴۷، ۲۳۱، ۲۴۲، ۲۶۵، ۲۷۸، ۲۸۰) خدايا (۱۲۴) خطا (۲۷،۳۹،۱۴۳،۱۶۶،۲۷۲) خفا (۱۲۵، ۲۷۸) دلربا (۳۳،۱۳۱) دعا (۷۰) دوا (۳۳، ۱۳۱، ۱۶۶، ۲۶۵، ۲۷۲) رضا (۱۳۲) روا (۱۶۷) سنا (۲۴۲) سدا (۷۰، ۱۴۳، ۲۴۰، ۲۶۶، ۲۸۰) صفا (۱۴۶، ۱۶۷) عطا (۳۹، ۲۷۲) فدا (۳۷، ۲۰۳، ۲۳۱) فنا (۱۲۵) قبلا (۱۲۳) قضا (۳۹) کيفزا (۳۵، ۸۰) گلا (۱۴۳) لادوا (۱۲۵) لقا (۷۰) منا (۷۰، ۱۴۶) مدعا (۱۳۱) مرحبا (۸۰، ۱۴۷) مشکل کشا (۲۴) مصطفيٰ (۳۳) معليٰ (۱۲۳) مولا (۱۲۳) مة لقا (۳۹، ۱۲۶، ۱۳۲، ۲۴۲) نقش پا (۸۱) وڈا (۲۰۳) وفا (۲۷، ۳۹، ۱۳۱، ۱۶۷، ۲۵۵، ۲۷۲) ها (۱۴۳) هاها (۹۲)

افسانا (۱۷، ۸۳) بتخانا (۱۷) بيگانا (۱۷) پروانا (۱۸، ۸۲) پيمانا (۱۸، ۱۸۴) جرمانا (۱۷) دانا (۸۲) ديوانا (۱۸) زندانا (۱۸) شاهانا (۱۷) مستانا (۱۸، ۸۲) مولانا (۸۲) مئخانا (۸۲، ۱۸۴) نذرانا (۸۳) ويرانا (۸۲)

## ’ب‘

آب (۱۸۳) آفتاب (۱۲۴، ۱۷۶) انتخاب (۱۳۳) ثواب (۴۳، ۱۳۳) جناب (۱۳۴، ۲۳۱) جواب (۴۳) حساب (۱۷۶، ۲۳۱) شراب (۴۳، ۱۳۴) عذاب (۱۳۳) فيضياب (۴۳) کامياب (۴۳) کتاب (۴۳) لا جواب (۱۳۴، ۲۳۱) ماهتاب (۱۳۴) نقاب (۱۳۳، ۱۸۳).

## ’ت‘

اجازت (۶۱) الفت (۱۱۱، ۱۳۰) امانت (۶۱، ۱۱۲) بغاوت (۶۱) پارت (۱۳۰) جرئت (۱۳۰) حرارت (۱۱۲) حفاظت (۵۴) حمايت (۵۳) خدمت (۲۶۷) رحمت (۲۶۷) زيارت (۵۳، ۶۲، ۱۳۰)

(۶۰) تیر (۵۹) دلگیر (۵۹، ۲۷۱) رهگیر (۶۰) زنجیر (۲۷۰) شبگیر (۲۷۱)

پرپور (۱۲۹) چکناچور (۱۲۹) دور (۵۷، ۸۴) طور (۵۷) مخمور (۵۷، ۸۴، ۱۲۹) مسرور (۸۴) مشکور (۵۷) مغرور (۸۴) منصور (۸۴) منظور (۵۷، ۱۲۹) ناسور (۸۴).

'ز'

آغاز (۳۲) باز (۳۲) حق‌باز (۳۲) راز (۳۲) ساز (۳۲) شهباز (۳۲)

'س'

پڈائیندیس (۲۲۲) پائیندیس (۲۱۰، ۲۲۲) پلائیندیس (۲۱۰) پچائیندیس (۲۱۰) جلائیندیس (۲۲۲) ریجهائیندیس (۲۱۰) سڈائیندیس (۲۲۳) ڳائیندیس (۲۱۰) گهمائیندیس (۲۲۲) مچائیندیس (۲۲۲) نپائیندیس (۲۱۰، ۲۲۲) ورائیندیس (۲۲۲)

'غ'

باغ (۱۸۲) چراغ (۱۸۲) داغ (۱۸۲)

'ل'

احوال (۱۷۵) بي حال (۱۷۵) جمال (۲۵۵) حال (۲۵۵) خیال (۲۵۵) سال (۲۲۴) محال (۲۵۵)

دل (۴۱، ۶۳) زائل (۶۴) ساحل (۴۱، ۶۳) سائل (۶۴) قابل (۶۴) قاتل (۴۱، ۶۳) قائل (۶۳) کامل (۴۱) گهائل (۶۴) محفل (۴۱، ۶۳) مسائل (۶۳) مشکل (۴۱) منزل (۴۱، ۶۳).

'م'

اتم (۵۱) ارم (۶۵) الم (۵۱، ۶۶، ۱۱۹) برهم (۶۹) پیهم (۶۹) خم (۶۵، ۶۹، ۱۱۹) دم (۶۹) دمبدم (۷۸) ستم (۵۱) شبنم (۱۲۰) صنم (۶۶، ۱۱۹) غم (۵۱، ۶۵، ۶۹، ۱۱۹) قدم (۱۲۰) قلم (۵۱، ۶۵، ۷۸) قسم (۱۲۰) کرم (۶۵) کم (۶۵) محرم (۶۹)

(۲۴۵،۱۷۳) قرارن (۱۴۰، ۲۰۷) قرین (۱۱۳) کنارن (۲۲، ۴۹) کہن (۲۷۰) گسن (۲۴۵) گلن (۲۴۵،۱۷۳) گنہگارن (۱۰۹) گنجن (۱۴۸) نظارن (۴۸، ۱۳۹، ۲۰۷، ۱۸۱) نگارن (۱۴۰) نون (۲۴۵) وارن (۲۲، ۴۸، ۴۹، ۱۰۹) وفادارن (۱۱۰) ہالن (۲۴۵) ہزارن (۲۰۷) ہشن (۲۷۰) یارن (۱۳۹) آسان (۳۱) آسمان (۸٦، ۱۴۲، ۱۹۱، ۲۰۳) آشیان (۱۴۴، ۲۰۴) احسان (۲۷۲) ارمان (۱۴، ۲۷۲) اسان (۱۴۵) امتحان (۱۴۴) انسان (۳۱، ۲۰۰) بیان (۱۴۱، ۱۴۲) بیابان (۱۴) بیگمان (۱۹۱) ثناخوان (۱۵، ۳۱) پاسبان (۸٦) پریشان (۱۴، ٦۷، ۲۷۱) پیمان (۱۴) جسم و جان (۱۹۱) جہان (۸٦، ۱۴۴، ۱۴۱، ۱۹۱، ۲۰۴) حیران (٦٦، ۲۷۲) خواہان (۲۰۰) داستان (۱۴۲) درخشان (۲۷۱) دامان (۱۴) درمان (۱۴، ۳۱) دوران (٦٦، ۲۰۴) روان (۱۴۲) زبان (۸٦) سامان (٦۸) سلطان (۲۰۰) کریان (۳۱) عنوان (٦۷) غزالان (٦٦، ۲۷۱) قرآن (۱۷۱) قربان (۱۷۱، ۱۹۱) قلمدان (٦۷) کاروان (۸٦، ۱۴۱) کمان (۸٦) گریبان (٦٦) گلستان (۱۵، ۳۱، ۱۴۴) گمان (۱۴۱، ۱۴۵) مان (٦٦، ۲۰۳) مسلمان (۳۱) مغیلان (٦۸) مکان (۱۴۵) مہربان (۱۴۴) مہمان (٦۷) نادان (۲۰۰) نگہبان (۲۷۲) نمایان (٦۸، ۲۷۱) نہان (۱۴۱) ہتان (۱۴۱)

## ں

بخشائں (۱۹) پائں (۹۹) پرچائں (۱۹) رلائں (۹۸) ریجھائں (۱۹) ستائں (۹۸، ۱۱٦) سڈائں (۵۲) سمجھائں (۲۰) کلائں (۹۹، ۱۱٦) گولھائں (۲۰) گھرائں (۵۲) لکائں (۹۸) لگائں (۵۲) لوڈائں (۱۹) لیلائں (۱۹) مارائں (۱۹) میجائں (۱۱٦) ملائں (۹۹، ۱۱٦) موتائں (۲۰) نیائں (۵۲، ۱۱٦) وسائں (۱۱٦) پیجں (۷۹) بڈں (۸۵) پچں (۷۹) پیئں (۸۵) جلں (۷۹) جیئں (۸۵) چڈں (۷۹) چنں

(۲۲٦) واري (۲۱۵،۲۱۴،۲۱۲) وساري
(۲۳۴،۲۲۷،۲۲٦،۲۱۲،۲۰۲)

## معطوف و معطوف اليه

آب وهوا (۱۲۵) آباد و شادان (۲٦۸) آه و بکا (۱۷۷) آه و فغان (۱۰۰) ابرو کماني (۲۸) ارض و سما (۲۷۸) بال و پر (۸۸) بحر و بر (۲۰۰،۸۸) برق و شرر (۸۸) تیغ و تبر (۱۳) پیچ و خم (۱۱۹،٦۹،٦۵) جسم و جان (۱۹۱،۸۰، ۲٦۵) خار و خس (۱۴۲) درد و الم (۱۱۹،۴۰) درد و غم (۱۴۱،٦۹،۵۱) درهم و برهم (٦۹) دست و گریبان (٦٦) دل و جگر (۴۰) دیر و حرم (٦۹، ۱۲۴) رنج و بلا (۷۰) رنج و غم (۵۳، ۱۹۵،۱۱۹) ساغر و مینا (۴۱) سیف و علم (۷۸) سیم و زر (۱۲) شاخ و شجر (۲۴٦،۴۷) شام و سحر (۲۰۱،۱۰۸، ۲۴٦) شب و روز (۱۸۰،۱۱۳) شمس و قمر (۲۴٦،۲۰۸) صبح و شام (٦۲،۵۳، ۲۰۴) ظلم و تشدد (٦۷) عشق و الفت (۱۴۲) عهد و پیمان (٦٦) غم و اندوه (۳) گرد و غبار (۱۴۱) گل و بلبل (۱۴۱) لطف و عطا (۳۹) لطف و کرم (۱۲۵،۱۱۸،۷۸،۷۰،٦۹) لعل و گهر (۱۰۱،۹٦) مال و دولت (۱۹۱) ماه و آفتاب (۱۷٦،۱۳۴) مست و خوش (۴۰) مهر و فا (۱۱۸)

